جر ڏيئا جھمڪن

شيخ اياز



Gul Hayat Institute

جَر- ڎيئا جهمکن

Gul Hayat Institute

جَر- ڏيئا جهمڪن

(نثري نظمَ، جاچنائون، ويچار ۽ چوٽيون)

شيخ اياز

Gul Hayat Institute

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1993ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ اسي

ڇپائيندڙ	نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
ڇپيندڙ	ذڪي پرنٽنگ پريس، ڪراچي.
ڪمپوزنگ	عبدالبرادرس ليزر ڪمپوزنگ سسٽم، لجپت روڊ، حيدرآباد سنڌ.
ٽائيٽل ڊزائين	فتاح هاليپوٽو
پهريون ايڊيشن	ڊسمبر 1993ع

قيمت =/80 رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

JAR - DEEA JHAMKAN (Poetry and Prose) Written by: SHAIKH AYAZ. Published by: New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition December 1993. Price Per copy Rs. 80/=
Book No.180

Gul Hayat Institute

انتساب

پنجاپ جي عظيم صوفي شاعرن بُلا شاه، فريد شڪر گنج، شاه حسين، سلطان باهوءَ ۽ خواجہ فريد ملتانيءَ جي نالي، جن کان مان ايترو ئي متاثر آهيان جيترو سنڌ جي عظيم صوفي شاعر شاه عبداللطيف ۽ سچل سرمست کان متاثر آهيان.

شيخ اياز

Gul Hayat Institute

ٻُلا شاه اسان مرڻا ناهين مَرگيا ڪوئي هـور
(بلا شاه)

يہ گليان تينون سُپٽا ٽِيسين، بابل والي گليان
(شاه حسين)

سَروَر پنکي هيڪڙو ڦاهي وال پچاس
ايہ تَن لهرين گڏ تهيا سچي تيري آس
(شيخ فريد)

رِمـا سيـو نہ ويـڻ،
جويـن پہ ٽـي ڏينهڙا
راتــڙيون جاڳن جي سي آڻ ڪُنـدڙي سيـڻ
جويـن پہ ٽـي ڏينهڙا
(شاه لطيف)

Gul Hayat Institute

مٺن تو ڪوئي خيال هان، مِلسان نالِ خيال دي
(سچل سرمست)

ٻه اکر

هن ڪتاب ۾ به ’سر لوهيڙا ڳپيا‘، وانگر منهنجا ڏگها نثري نظم ۽ ڇوٽا نثري نظم آهن. اُنهن سان گڏ مُنهنجي نوٽ بُڪ ۾ لکيل جاچنائون، ويچار ۽ چوٽيون آهن.

هن ڪتاب ۾ ڪنهنجي ذات ڪي نہ لويو ويو آهي. باقي ان ۾ بين الاقوامي نظرئي جي ڇنڊ ڇاڻ ضرور آهي. آخر ان سان هم-سفر رهي زندگيءَ جا پنجاهہ سال مون هڪ رُج پُنّيان وڃايا آهن. شاعريءَ جو موضوع پوري ڪائنات ٿي سگهي ٿي تہ اُهو نظريو بہ ٿي سگهي ٿو، جيڪو هِن وقت واريءَ جي ڪوٽَ وانگر ڍهي ڍير ٿي پيو آهي.

سچ سڀ کان بهترين هم- عصر ۽ هم سفر آهي ۽ اُن سفر ۾ ڪنهن وقت ڏاڍو ڪرڻو پوي ٿو. منزل جي رُخ جو تعين ڪرڻ لاءِ وقفو ضروري آهي.

منهنجي وَري بہ گذارش آهي تہ هن مجموعي ۾ شامل تحرير ڪوئي بہ پنهنجي ذات سان لاڳو نہ سمجهي. مون لاءِ دوستي نظرياتي ڳالهہ نہ آهي، ذاتي ڳالهہ آهي ۽ پُراڻا دوست مون کي اڃا پيارا آهن جو تہ مُنهنجيءَ عُمر جو اڪثر حصو اُنهن سان گذريو آهي. هرڪو پنهنجو وَڙ ڪُندو آهي. مون کي ڪنهن سان بہ ڪائي ذاتي شڪايت نہ آهي ۽ جي ڪنهن وقت هُئي بہ تہ مون اُن کي درگذر ڪري ڇڏيو آهي. اهو نہ وِسارڻ گهرجي تہ خِيال ۽ اُنهن جي اظهار جي آزادي جمهوريت جو روح آهي ۽ زبان بندي ان جي نفي آهي. نہ رڳو ادب پر صحافت ۾ بہ اها ڳالهہ ڌيان ۾ رکي وڃي ڇو تہ ان ۾ ئي اسان جي ديس جي ڀلائي آهي.

شيخ اياز

۲۰- ۹- ۹۳ع

Gul Hayat Institute

جَر- ڈیٹا جھمکن

Gul Hayat Institute

اَڄ مون ۾ ساهه ڦـوُڪ!
جيئن منهنجي جَدِ امجد کي
مِٽيءَ مان ٺاهي
تو ڦوڪيو هو،
جيئن شينهن
پنهنجي نئين ڄاول ٻار ۾
ڦوڪيندو آهي،
جيئن عقاب
ننڍڙي عقاب کي
خورش ڏيندو آهي،
مان انهن مان نہ آهيان
جي سمنڊ تي ڦوٽا ٽيندا آهن
۽ پاڻيءَ جي هڪ ڇوليءَ سان
مٽجي ويندا آهن،
مان تہ سارو سمنڊ آهيان،

Gul Hayat Institute

مونکي پنهنجي ماتائيءَ مان ڪَڍُ
۽ مون کي ايترو اُڀار
جو مان تنهنجي چنڊ کان
بار بار چمي وٺي سگهان،
۽ چاهيان ته
تنهنجي ساري آسمان کي
آغوش ۾
آڻي سگهان!
مون ۾ ساهه ڦوڪ
ته مان تو جهڙو ٿيان
’تون‘ ٿيان!

Gul Hayat Institute

●

مان ويچ کي
للڪاري چوان ٿو:
”مان جيڪو هي ساري ڪائنات
آهيان
ڇا تون مونکي ماري سگهندين؟
ڇا منهنجو موت تنهنجي وس ۾ آهي؟
ڇا هي تنهنجون پنڪڙيون گوريون
منهنجي زندگي آهن؟
منهنجي زندگي تہ اُهو آهي
جو ساريءَ زندگيءَ تي
محيط آهي
۽ جو مون کي
تيستائين نہ مٽائيندو
جيستائين مون اهو پورو نہ ڪيو آهي
جو منهنجي مقسوم ۾ آهي،
۽ جو مون کي هن زندگيءَ ۾
پورو ڪرڻو آهي،

Gul Hayat Institute

پوءِ تون مونکي دوا
ڏين يا نہ!
۽ مان هن کان دعا
گھران يا نہ!
مان هن جي مشيت جو حصو آهيان،
۽ هو پنهنجي مشيت کي
نہ مِٽائيندو آهي."

Gul Hayat Institute

•

ٻُلهي شاهه کان پٽائيءَ تائين
سارو اتهاس مون ۾ آهي،
مان ئي سارا گيت آهيان
ميران ٻائي کان ٽئگور تائين.
ڪوئي تہ آهي،
جو يڪتاري جي تارَ ڪي ڪَسي رهيو آهي،
مون ۾؟
۽ اجا تہ اها ڏِٺي نہ ٿي آهي؟
اي ڌرتي!
مان توتي اهو گيت آهيان
جو جَل ۾ ڪنول ڳائيندو آهي،
باڪَ جي لاکَ رَتِي لوئِي بہ اُن سان چمڪندي آهي.
۽ رات جي اوڍڻي بہ،
جنهن ۾ تارا ائين ٽمٽمائيندا آهن

Gul Hayat Institute

جڻ ڪوئي اُنهن کي
ازل کان اُٿي رهيو آهي،
اڄ تائين اهي منهنجي يڪتاري مانِ نڪرن ٿا ،
جڏهن منهنجون آڱريون
پنيرڪي جو
اُن جي تارن کي ڇيڙن ٿيون،
۽ انهن مان اوچتو اُيري اچي ٿو اُهو گيت،
جو مان آهيان،
جو مان آهيان.

Gul Hayat Institute

●

مان ٽر جو ٿوھر ﺑہ آھيان
۽ اھا ماڪ ﺑہ آھيان
جا ڪنڊا نہ ڏسندي آھي
۽ جنھن کي اُھي چڀيندا ﺑہ نہ آھن،
جڏھن اُھا وسندي آھي
اُجاڙ وستيءَ تي
يا ڦلواڙيءَ تي؛
۽ ٻنهي ھنڌ
اُن جِي تازگي ساڳي ھوندي آھي
ڏينھن ﺑہ اُن ۾ پَرَ پُسائيندا آھن
پر اُن کي ڏنگي نہ سگھندا آھن،
۽ پؤنرا اُن کي پنھنجي گيت ۾ سَموھي
اُڏري ويندا آھن،
۽ سورج مُکي اُن جي اُڏار ڏِسي
سگھندو آھي
جڏھن سورج اُڀرندو آھي.

Gul Hayat Institute

•

مان ئي موت هان
مان ئي حياتي،
مان نئون جيوَن
جو ڪنهن ماڪ- ڦڙي مان ڪِري،
رابيل ۾ ڪِڙيو آهي
۽ جنهن جوَ واس پکڙجي ويو آهي
ڊور دور تائين!
تون جو صدين کان
منهنجو انتظار ڪري رهيو آهين.
اچا ٿورو وڌيڪ انتظار ڪر!

Gul Hayat Institute

•

پٺائي!
مون اڄ محسوس ڪيو آهي تہ
’مونا طور سينا‘ ڪيئن ٿيندا آهن!
تو مونکي ڪنپ ڪنپ ڪري ڦٽي ڪيو آهي
۽ مان بولاٽيون ڪائيندو رهيو آهيان،
پر ڪنپُ ڪيتريءَ بہ اُتاهينءَ تان ڪري،
ڇا اُن کي ڏڪُ لڳي سگهندو آهي؟
تنهنجي تجلي
ڪروڙين اکرين تي
منهنجا وارَ لسائي رهِي آهي
۽ تون مونکي آئت ڏئي چئي رهيو آهين،
”مان تنهنجو ڪِنپ ڪنپ پَٽي
توکي اُهو پَرندو بڻائي رَهيو آهيان
جنهن جيترو پرواز ڪنهن نہ ڪيو آهي؟“
ڇا هي تنهنجون اتاهہ وُسعتون
مونکي ٿڪائي وجهنديون؟

Gul Hayat Institute

ڪيترو نہ دور نيئي آيون آهن مونکي
تنهنجون آڱريون
جي خود اُڌار ۾ آهن،
۽ ڪوئي آواز اچي رهيو آهي
تہ ”تنهنجو مُنهن
تنهنجا مونُا
اُنهيءَ سچ کان وڌيڪ ٻهڪي
رهيا آهن
جو ڪيتري وقت کان پوءِ
اُپريو آهي؛
۽ تنهنجيءَ شاعريءَ مان
’رب اَرني‘ جو آواز اچي رهيو آهي،
آواز جنهن سان تنهنجي تن جو تنبورو
ڪروڙين تارون تي پيو آهي،
۽ هيءَ ساري ڪائنات گونجي رَهي آهي
۽ سميٽجي آئي آهي
تنهنجي مونن ۾

Gul Hayat Institute

جن ۾ تو پنهنجو سِر جهُڪايو آهي،
۽ جي طور سينا جيئن چمڪي رهيا آهن
۽ سج ڍلجي ويو آهي،"
شمس تبريز وري دهڪي رهيو آهي
منهنجي روح ۾
۽ آواز ڦهلجي رهيو آهي
'همہ آفتابُ هستم' *
۽ مان ڪنهنجو غلام بہ نہ رهيو آهيان
۽ منهنجا زنجير سڀ ٽُٽي چُڪا آهن.
هائو پيٽائي!
مون اڄ ڄاتو آهي
تہ تو 'مونا طور سينا'
ڇاڪي چيو هو؟

Gul Hayat Institute

* چون غلامِ آفتابم همہ آفتاب هستم.
(شمس تبريز)

•

هي مونا جَڏا ٿِي
آسمان ٿَپي وڃن ٿا،
جيڪڏهن آنءُ پنهنجو مُنهن
اُنهن ۾ ڇُپايان ٿو!

Gul Hayat Institute

●

سچل سرمست
ڪَنائي رهيو آهي؛
هي نعرو
ڪٿان اَچي رهيو آهي؟
اوپر ۽ اولهه ڪان
اُتر ۽ ڏکڻ ڪان
ڪوئي چئي رهيو آهي،
’اناالحق‘
۽ سانجهيءَ جو سِجُ
منصور جي خون سان
وضو ڪري رهيو آهي؛
۽ سنڌوءَ ۾ ٽُبي ڏئي
اهو لفظ ورجائي رهيو آهي،
’اناالحق‘
پاڻيءَ جي لهر لهر، ڦـُڙو ڦـُڙو
چئي رهيو آهي،
’اناالحق‘
۽ سچل سرمست
وائڙو ٿي سوچي رهيو آهي،

Gul Hayat Institute

”ڇا اهو ڪفر نہ آهي
ڇا مان بہ چوان
’اناالحق‘ !“
۽ جذٻن هو
اهو نعرو هڻي ٿو
تہ درازا جي دز جو
ذرو ذرو
چوي ٿو:
’اناالحق‘
۽ سچل سرمست
مسجد مان نڪرندي
ملان ڪي
فاتحانہ انداز سان
ڏسي رهيو آهي.

Gul Hayat Institute

•

اي موت!
تون
هڪ ڪاريگر وانگر
ڪَر ڪٽي بيٺو آهين،
پر تون
رڳو پاڻ کي زخمي ڪري وجهندين،
مون پنهنجو سِر
هڪ خارِ پُشت وانگر لڪائي ڇڏيو آهي
پر پو بہ
چاندوڪيءَ ۾ نچي رهيو آهيان
۽ اُن چنڊ جي آجيان ڪري رهيو آهيان
جو مون ۾ آهي
۽ ٻاهرين چنڊ کان
وڌيڪ ٻري رهيو آهي!

Gul Hayat Institute

•

مان
موت کان بُلند ٿي ويو آهيان،
اُنهيءَ شاهين جيان
جيڪو چُرنديءَ پُرنديءَ ماڪوڙيءَ کي
ڌرتيءَ تي
حقارت سان ڏسندو آهي،
۽ پنهنجي شڪار جي تلاش ۾ هوندو آهي
۽ ڏينهَنِ جا ڏينهن
بکيو رهي سگهندو آهي!

•

اُتي، شنڪر آچاريہ *
ڏکڻ کان اُتر تائين
مونکي هي کَنڌُ ٻيهر لتاڙڻو آهي،
هر پَهاڙِي انتظار ڪري رَهِي آهي
اُنهن لقَن جو

Gul Hayat Institute

* شنڪر آچاريہ- اٺين صديءَ ۾ مشهور هندستاني فلسفي، جنهن ڏکڻ هند کان اُتر هند تائين سفر ڪري پنهنجو فلسفو پکيڙيو هو.

جيڪي منهنجي پيرن ۾ لڪل آهن،
۽ اُن پنڌ جو
جنهن ۾ اُهي ظاهر ٿيٽيون آهن،
۽ تون نہ ڏنا آهن شنڪر آچاريہ
اهي ڪَنولُ
جي مايا روپيءَ نديءَ ۾ سدائين تَرندا آهن
۽ ڪڏهن مرجهائبا نہ آهن،
تنهنجي من ۾ بہ
مون وانگر هڪ پَوَنر هيو،
۽ مُنهنجي مَن ۾ ڪنول بہ اهي ساڳا آهن
جي تو ۾ هيا
پر تو اُنهن تي پيرو نہ ڏنو هو،
۽ جي اڄ تائين
انتظار ۾ آهن
منهنجي پيري جي
جنهن ڪان پوءِ
شايد پيو ڪوئي پَوَنر نہ اچڻو آهي.

Gul Hayat Institute

•

تو
سج ڪي
هڪ نان وانگر پچي
مونکي ٽڪرو آڇيو آهي!
ڇا مان ڪوئي فقير آهيان؟
تون ڀُليو آهين
جي تون منهنجيءَ جهوليءَ ۾ ڪجهہ وجهين
تہ ساري ڪائنات وجھہ
پر پو بہ منهنجي جهولي
توکي خالي نظر ايندي!
ڇا تون هن ڪائنات کان سوا
پيو ڪجهہ آهين،
جنهن سان مُنهنجي جهول
ڀرجي سگهندي آهي
۽ منهنجي بک لهي سگهندي آهي؟

Gul Hayat Institute

•

آءُ توکي خدا ڏيکاريان؟
ڇا اُن جاءِ تي
بيهي سگهندين
جتي
موسيٰ بيهوش ٿي ويو هو
۽ جتي ڪوهِ طور
پاش پاش ٿي ڇُڪو هو؟

•

ڇون ٿا تہ
ابي سينا ابديت لاءِ
علاج ڳولي لڌو هو
پر
موت
هُن کان اها دوا کسي ورتي هئي
۽ پاڻ ڪائي
امر ٿي ويو هو.

Gul Hayat Institute

•

فارابي!
منهنجا ياءُ!
هيءُ امت
توکي ۽ مون کي
ڪڏهن سمجهي سگهندي؟

•

يوسف
زليخا کي
ڏسي رهيو آهي
۽ زليخا
يوسف جي
چاڪِ پيراهن کي،
جنهن مان
ڪائنات
تِرڪندي ٿي وڃي.

Gul Hayat Institute

•

چون ٿا ته نه رڳو ماڻهو سمنڊ ۾ ترندو آهي
پر سمنڊ به ماڻهوءَ ۾ ترندو آهي،
۽ ٻڌندا به ٻئي هڪ ٻئي ۾ آهن.
جي تون هن ڪائنات تي
سوچيندين
ته توکي
اها ڳالهه
سمجهه کان مٿي نه لڳندي.

•

تون اڃي رهيو آهين
۽ سنڌوءَ جون لهرون پاڻهون ڦهلائي
توڏانهن وڌي رهيون آهن،
۽ وڻن ۾ هوائون ٽاريون جهولائي رهيون آهن
۽ تنهنجا سجدا ڪري رهيو آهن،
۽ آسمان تي گهنگهور گهٽائون ڇانئجي ويون آهن
۽ پنهنجا وار وڇائي رهيون آهن،

Gul Hayat Institute

۽ مـينهن اوڙڪون ڪري، تنهنجا هٿ ڏوئـارائي
رهيو آهي.
تون اڃي رهيو آهين
هرڪوئي تنهنجي دعوت ۾ رُڌل آهي
گهٽائن مان چنڊ ائين نظر اچي رهيو آهي
ڄڻ وڏين ڪانئن جي ڍير تي،
ڪنهن ديگ ڇاڙهي هجي
۽ ڇوڏاري دونهون ڦهلجي ويو هجي،
هي پوري ڌرتي تنهنجو دسترخوان آهي،
تون اڃي رهيو آهين،
۽ تُنهنجا ڪُنڊلا سنارن وانگر لڙڪي رهيا آهن
۽ تون پنهنجون مُرڪون ڪَتين وانگر وِڇي رهيو
آهين
ڪجهہ تہ منهنجن ڇپن ڪي بہ بخشيون اُتي،
تون ٿي تہ ڄاڻين تو تہ تنهنجي مُرڪ آواز بہ آهي
جو منهنجيءَ بانسريءَ مان نڪري رهيو آهي

Gul Hayat Institute

* ۽ جنهــن ڪي ملڪـوت جا خِلوَتـي ٻُڌي سـوچي
رهيا آهن
ته هي شخص ڪير آهي
جنهنجي بنسريءَ ۾ صورِ اسرافيل به آهي
پر اينتري مٺي آهي
جو ان جي ڪنهن به فرشتي کي توقع نه هئي،
۽ جا قيامت کي پُٺتي هٽائي رهي آهي.
مون وٽ پيو ڪجھ به ته نه آهي
سوا هن بنسريءَ جي
جا تنهنجي پيرن تي رکي
آڻ تنهنجو آڌر ڀاءُ ڪيان!

Gul Hayat Institute

---

* مست بگذشتي و از خلوتيانِ ملکوت
بتماشای تو آشوبِ قيامت برخاست
(حافظ)

(ترجمو: پنهنجيءَ مستيءَ ۾ هليو وئين ۽ توکي ڏسي، ملڪوت جي خِلوتين ۾ قيامت جو آشوب برپا ٿي ويو.)

- اي خدا جيئن تو اسان کي ديد ڏني آهي تہ شفق ۾ سج جا پويان پاڇاوان ڏسي سگهون ۽ جيئن اسان کي گل جي خوشبو جو احساس ڏنو آهي، ايئن اُسان ۾ چڱائيءَ لاءِ پيار بہ پيدا ڪيو آهي، چڱائي جا اسان جي اندر مان ايري ٿي. اها بي ڳالهہ آهي تہ ڪي انڌا آهن، ڪن جون ناسون ٻُتجي ويون آهن ۽ ڪن جي سيني ۾ برائي ڪانڊيرن جي جهنگ وانگر اُيري آئي آهي. ائين ڇو آهي اي خدا! جڏهن هر شيءِ جو خالق تون آهين؟
- اي زندگي! تون موت جي ڏيءَ آهين، اُن ڪان ڇو ٿي ڊڄين؟
- اي موت! تو تہ پهاڙن کي بہ نہ ڇڏيو آهي: مان تہ انسان آهيان!
- اي سمنڊ! ڇا تون اُن سمنڊ ڪان وڌيڪ گهرو آهين جو مون ۾ آهي؟
- اي سج! تون سمنڊ جي ڪناري منهنجن پيرن کي چنبڙي پيو آهين، پر مان ڇا ڪيان، لهرون مون کي سڏي رهيون آهن!
- اي تُنچ جهڙا جيت! جڏهن تون منهنجي پير هيٺان اتفاق سان اچي وڃين ٿو تہ ساري ڪائنات لرزي وڃي ٿي.

Gul Hayat Institute

- اي موت! تون مون تي ڪيترو نہ مهربان آهين! تون دَر جي وٽي ڪولي ڏسين ٿو تہ هي لکڻ ۾ مضرف آهي ۽ پوءِ دبي پير موٽي وڃين ٿو، جيئن منهنجو ڌيان توڏانهن نہ ڇڪجي. پر تون اهو نہ ڀُل تہ مون کي ياد آهي تہ مون مهمان کي ملاقات لاءِ ڪافي ترسايو آهي. پر مان ڇا ڪيان، هي صفحو اجا پورو نہ ٿيو آهي!
- اي خدا! مان تنهنجو هڪ گنهگار ٻانهو آهيان. تون پاڻَ ئي منهنجا زنجير لاهي ڇڏيا آهن. هاڻي مان جيتري بہ ڇلانگ لڳايان مون تي ميار نہ آهي.
- آسمان! تو ۾ غارون آهن، جن ۾ منهنجو آواز گم ٿي وڃي ٿو ۽ ٻي پار پهچي ايڏي پڙاڏي سان گونجي ٿو، جو پڙاڏي جي پڙاڏو ڪنهن کي ننڊ ڪرڻ نہ ٿو ڏئي ۽ ڪَروبي پاسا ورائي سوچي رهيا آهن تہ خدا ڪنهن ڪنهن انسان کي رڳو آواز ڇو بڻايو آهي؟
- اڄ هابيل قابيل کي ڇُرو هڻي، پنهنجو پراڻو پَلئُہ چُڪائي رهيو آهي ۽ بهشت منتظر آهي آدم جو، جنهن مان هن کي ڪيئي ارب سال اڳ نيڪالي ملي هئي ۽ حوا هن جي پاسيريءَ مان پيدا ٿي احساسِ ڪمتريءَ ۾ مبتلا ٿيڻ نٿي چاهي.

Gul Hayat Institute

- تنهنجو پٽ ڪنعان ڪان بہ بُرو آهي ۽ ان ۾ اُها بُرائي تو مان آئي آهي ڇو تہ تون نوح نہ آهين ۽ تو ۾ اها برائي تنهنجي پيءُ، ڏاڏي، پڙڏاڏي، تڙ ڏاڏي مان آئي آهي ۽ ان جو سلسلو اکٽ آهي. اها ڪٿان شروع ٿي؟ ڇو ٿِي؟ ان جو ڪوئي جواب نہ آهي.
- اي ازلي حقيقت! مان غالب جي تير- نيم ڪش وانگر نہ آهيان ۽ تنهنجي جگر مان پار هليو ويو آهيان ۽ تون اهو بخوبي ڄاڻين ٿي! *
- اي برهمڻ! اهو قشقو منهنجيءَ پيشانيءَ تي لڳائيندين تہ سج ۽ چنڊ ڪان وڌيڪ چمڪندو. **
- هيءَ دنيا تنهنجو آئينہ خانو آهي پر مون اُن ڪي ٽوڙي، ان جا ڪروڙين ٽڪرا ڪري وڌا آهن ۽ هر ٽڪري ۾ تنهنجو ديدار ٿي رهيو آهي.
- ڇا هو اجنبي گهوڙي سوار اجا تائين گهوڙو جهلي بيٺو آهي؟ اُن ڪي چَوُ تہ ڪجهہ وقت ڪان پوءِ موٽي اچي: مان اجا سفر لاءِ تيار نہ آهيان.
- تو ڏنو تہ خدا منهنجيءَ گهٽيءَ ۾ فانوس جلائي رهيو هو؟
- ازل ڪان منهنجي درگاهہ تي ڏمال وڄي رهي آهي، رڳو تو نہ ٻڌي آهي!

Gul Hayat Institute

---

* ڪوئی میرے دل سے پوچھے ترے تیرِ نیم کش کو،
یہ خلش کہاں سے آتی جو جگر کے پار ہوتا.
(غالب)

** قشقو.

- مون خُدا کي ڄامشوري ۾ انسان جي جامي ۾ ڏٺو هو.
- اي خدا! مون جنهن به انسان اڳيان سر جهڪايو آهي، هن کي تُنهنجو پاڇو سمجهي، جهڪايو آهي.
- تون پڇين ٿو ته 'خدا ڇا آهي' ؟ ۽ مان پڇان ٿو ته 'خدا ڇا نه آهي؟' ٿي سگهي ٿو ته اسان ٻئي ساڳيا سوال پڇندا هجون، ٿي سگهي ٿو ته اهي ٻه الڳ سوال هجن.
- تون، تون آهين، هوُ هوُ آهي، جيستائين تون وحدت الوجودي نه آهين!
- ڪي داراشڪوهه وانگر پيرا ڇڏي ٿا وڃن ۽ ڪي اورنگزيب وانگر. نيٺ سڀ پيرا طوفان ۾ ڍڪجي وڃن ٿا.
- بايزيد بسطاميءَ ڪنهن کي چيو: "جي موت آهي ته تون نه آهين، جي تون آهين ته موت نه آهي. لطف ته ان ۾ آهي ته تون ۽ موت ٻئي گڏ هجو."
- زندگيءَ جو ڇيڇڙو الائي ڪيترين صديون ڪنهن بلاول جو انتظار ڪندو آهي!
- حياتي موت کي ختم ڪري سگهي ٿي، موت حياتيءَ کي ختم نه ٿو ڪري سگهي.
- ڇا ماضي، حال ۽ مستقبل هڪ هنڌ آهن ۽ هي وقت جي رواني فقط نظر جو فريب آهي؟
- جيئن خلا ۾ وِقت بيهجي ويندو آهي، تيئن مون وٽ

Gul Hayat Institute

وقت بيهجي ويو آهي. مان ڌرتيءَ جي مدار کان ٻاهر نڪري چُڪو آهيان.

- دانائيءَ جي انتها ناداني‌ءَ جو احساس آهي.
- شبليءَ منصور حلاج کي گل ڏنا، مون هُن کي مُرڪي ڏٺو. هُن اهي گلَ پَٿَر سمجهي لنوائي ڇڏيا ۽ هن جي اکين منهنجيءَ مرڪ مان گل چنا، جي اجا تائين هن سان آهن ۽ مرجهايا نہ آهن.
- اي غالب! جي نمرود جي خدائيءَ ۾ تنهنجو ئي ڀَلو نہ ٿيو، تہ مان بندگي ڇا لاءِ ڪيان؟
- اي ابابيلو! اوهان اڃا ڪنڪر ڪنا ڪندا ٿا رهو! اغيار جو لشڪر وڌندو ٿو وڃي ۽ مان اوهان ڏانهن تاڙي رهيو آهيان.
- بيدل دهلوي! هي تو ڇا چيو هو تہ:
  ’تون آئيني جي دروازي کان ٻاهر آهين!‘
- علامہ محمود شبستري ’گلشنِ راز‘ ۾ چيو آهي تہ ”جيڪڏهن سج کي اکين سان گهوربو تہ اکين ۾ اونده اچي ويندي پر انهيءَ سج جو پاڇو پاڻيءَ ۾ ڏسبو، تہ جيتوڻيڪ اسان سج کي ڏسي نہ سگهنداسين پر ان جي ڪيفيت ذهن ۾ پيدا ٿيندي.“
- فيروز شاهہ تغلق! تو جڏهن اباحتي ۽ مهدوي قتل ٿي ڪرايا تڏهن موت تنهنجي پنيان جلاد جيئن بيٺو هيو، جيتوڻيڪ هن جو هٿ مياڻ تائين نہ پهتو هو.

- چڱو ڀـ مرڻو آهي جيئن برو مرڻو آهي ۽ نيت قاتل جي هٿ مان خنجر ڪري پوڻو آهي. هيءَ حوا پنهنجا وار ڇو پٽي رهي آهي؟ اهو ڇو نہ ٿي سمجهي تہ موت جهڙو معاون ٻيو ڪوبہ نہ آهي ۽ هو ڪيتري صبر سان انتظار ڪري ٿو، مظلوم ڪان وڌيڪ ظالم لاءِ!
- مـاڻهـو ڪـيڏو نـہ نِرچو آهي! هو چنگيـز ۽ هلاڪوءَ جي موت کان پوءِ بہ نہ سمجهي سگهيو آهي تہ هر ڪنهـن جو انت سـاڳي ڪَڏ آهي! جڏهـن هو اَنڌ جي گهوڙي تي سوار آهي تہ هُن جون اکيون ڏرتيءَ ڏانهن هيٺ نہ ٿيون ڏسن!
- مـوت نـہ حـلاليءَ کي ڇڏي ٿو، نـہ حراميءَ کي، مـوت جو خود نـہ حـلالي آهي نـہ حـرامي ۽ جنهـن جو پيءُ اجا تائين لاپتي آهي!
- هي منهنجو هٿ مستقبل جو هٿ آهي، تقدير جو هٿ آهي، مشيتِ ايزديءَ جو هٿ آهي، ٻارڙا تون ان جي چيچ کي پڪڙي ٿو سگهين!
- منصور حلاج! جي تون منهنجو همعصر هجين ها تہ تون بہ مون کي پٿر هڻين ها.
- سـرمـد! هٿـي وڃ! ڇڏ تـہ مـان تـنـهـنجيءَ اَڏيءَ تـي سرِ رکان! تولاءِ تہ هڪ اورنگزيب هو، مون لاءِ سَوين آهن.
- شاهہ عنايت! هر شَهيد مقتول ٿيندو آهي، هر مقتول شهيد نہ ٿيندو آهي.

Gul Hayat Institute

- زندگي تير جيان هڪ هنڌ بيٺي بہ آهي، اُڏامي بہ رهي آهي!
- هان هي خدا جو ثبوت! هي پوپٽ، جنهنکي مون ٽانگر جي گل تان پڪڙيو آهي!
- سمنڊ تي سج لهندي چيو: ”مان غروب ٿي رهيو آهيان. مون سان گڏ هلنديئن“. مون جواب ڏنو: ”مون ۾ هڪ ٻيو بہ سج آهي جو اجا نصف النهار تي آهي. مان انهيءَ سان گڏ آهيان“.
- مون جمنا جي ڇولين کان پڇيو: ”رام تيرٿ اوهان ۾ ڇا ڏنو هو جو اوهان ۾ ٽپو ڏنو هئائين؟“ ڇولين مون ڏانهن ڪنڌ ورائي نہ ڏنو ۽ وينديون رهيون!
- درياهہ! جي چند توکان رُسي ويندو تہ تنهنجي وهڪري ۾ ڇا ڪوئي ڦيرو اچي ويندو؟
- ڇا نوح جي ٻيڙي ۾ ڪوئي شاعر بہ هو؟ جي نہ هجي ها تہ پڪي ايترو وقت انسان سان گڏ گذر ڪيئن ڪري سگهن ها؟
- ’من عرف نفسہ فقہ عُرف ربہ‘ يعني جو خودشناس آهي سو حقيقت شناس آهي.
- تون تہ هن سَراءِ تي ئي قبضو ڪري ويٺو آهين! ڇا توکان وسري ويو آهي تہ توکي فقط رهڻ- بسيري جي اِجازت آهي؟
- هرڻ کي پريل واٺهڙيءَ تي ڏسي توکي آواگوَن جي

Gul Hayat Institute

ايرڪا نہ ٿي آهي؟

- پاڻي تي لهندي سج چيو، ”مان توکي ابدي زندگيءَ عطا ڪيان؟“ ندي مرڪندي وهندي رهي.
- پڇاڙيءَ تهجد جو سجدو ڪيو. هن کي اهو سج نظر نہ آيو، جو هُن جي نرڙ ۾ ٻري رهيو هو؟
- تون دهريو آهين، توکي ان تي غصو ٿو اچي تہ مان وحدانيت ۾ اعتبار ڇو ٿو ڪيان! مان تہ رڳو اهو سوچي رهيو آهيان تہ ڪاٺ ڪُتي کي، جنهن جا رنگ شفق ڪان سهڻا آهن، خدا ڪانسواءِ ٻيو ڪير بڻائي ٿو سگهي؟
- ڇا تو پاڻ ڏٺو هو تہ توکي فلاڻيءَ ماءُ ڄڻيو هو؟ جي نہ، تہ پوءِ تون ڪيئن ٿو چوين تہ تون فلاڻيءَ ماءُ جو پُٽ آهين؟ هيءَ ڪائنات بہ خدا ائين خلقي آهي پر اُن جي اکين ڏٺي ثابتي ناممڪن آهي.
- تون ڄاڻڻ ٿو چاهين تہ زندگي ڇا آهي ۽ مان ڄاڻڻ ٿو چاهيان تہ موت ڇا آهي؟ ڇا اسان ٻئي ساڳي تلاش نہ ڪري رهيا آهيون؟
- خدا جي دڳ تي ڪيڏا نہ ڪنڊا آهن ۽ مون کي جُتي بہ نہ آهي!
- اي ڪاش! مان تنهنجي جُتي هجان ها! تون ڪهڙيءَ گهڙيءَ مان گهمي آيو آهين جو تنهنجا پير ائين ڪڇي رهيا آهن، ڄڻ وک وک تي گلاب جا گل ڦُٽي رهيا آهن!

Gul Hayat Institute

- تون جنهن سفر ۾ آهين، جي منهنجيءَ ڪل مان جُتي ناهي سگهين تہ مان تنهنجو احسانمند رهندس.
- سرمد مسجد جي مينارن کي چيو: ”جاڳو اوهان گهڻي ننڊ ڪئي آهي ۽ چنڊ اوهان جو انتظار ڪري موٽي رهيو آهي.“
- ڇا منهنجو رمضان سڄي عمر رهيو آهي؟ ڇا هيءَ پهرين عيد آهي ۽ تون هلال وانگر نظر اچي رهيو آهين؟
- اچ! سومهياڻيءَ جي بانگ اچي رهي آهي ۽ تو اڃا منصور وانگر پنهنجي رت سان وضو نہ ڪيو آهي.
- هر شام جو هيءَ ڪنهنجي صداءِ ناقوس اچي رهي آهي؟ مان ڪيستائين پنهنجو ڪوچ ملتوي ڪندو رهندس؟
- مون ڪارڊيو وئسڪيولر انسٽي ٽيوٽ ۾ هڪ دوست ڊاڪٽر سان سرگوشي ڪندي، پڇيو، ”ڊاڪٽر! ٻڌاءِ تہ هتان جا گهڻا ڊاڪٽر دل جي بيماريءَ ۾ مُئا آهن.“ چيائين تہ ”اهو رڳو توکي ٿو ٻڌايان، پنج ڊاڪٽر مري چڪا آهن. انهن مان هڪڙي تہ اينجوگرافي ڪرائي سرٽيفڪيٽ ورتو هو تہ هُن کي ڪجهہ بہ نہ آهي. هتان اڃا فريئر هال تائين مس پهتو تہ هن کي دل جو دؤرو پيو ۽ مَري ويو.“
- تون لوح و قلم کي نہ ٿو مڃين؟ تنهنجو علاج بہ تڏهن ڪامياب ٿيندو، جڏهن اُن جي ڪاميابي لوحِ- محفوظ ۾ هوندي. جي تون مون کي وهمي ٿو سمجهين تہ

Gul Hayat Institute

تنهنجي اها سمجهه به اڳ ئي لوح- محفوظ ۾ آهي.

- ڇا بنياد پرست بلهي شاهه ۽ باهوءَ، سچل سرمست ۽ شاهه لطيف کي مٿائي سگهندا يا بُلهي شاهه ۽ ٻيا بنياد پرستن جا بنياد ڪڍي وجهندا؟
- جي- ايم- سيد انهيءَ ۾ بلڪل صحيح آهي ته پاڪستان جي بهترين سياست تصوف آهي.
- هي ڪفن ۾ ڍڪي ڪنهن کي ڪٽي ويا آهن؟ مان ته پنهنجي جنازي نماز ۾ نمازين جي پهرين صف ۾ بيٺو آهيان.
- اي خدا! تون هن جيت ۾ ڪيترو ننڍو نظر اچي رهيو آهين!
- هُن نرس جو نالو ائگنيس هو ۽ هوءَ گفتگو ۾ اينترو نرم هئي جو جڏهن مون هن ِکي ڇتائي ڏنو ته رڍ جي ٻَچ ۾ ڍڪجي وئي. ڄڻ هوبهو ڪرست ٿي لڳي! *
- مان بپتسمي وارو جان نه آهيان. مان هن کان گهٽو اڳ ۾ جايو هوس جينوٽيڪ پاڻيءَ تي سچ کي ڏسي مان اڃا تائين اُن جي حمد و ثنا ڪيان ٿو.
- ڪيڏي نه خوش نصيب آهي صليب، جنهن تي تون مسيح کي چاڙهي رهيو آهين؟
- ڇا تو اهو ڏِنو ته ميري ماجدلين جي هر ڳوڙهي ۾ شام جو سچ ٽپڪي رهيو هو؟
- جنهن کي شهادت جو شوق هوندو آهي، اُن کي شهادت

* ائگنيس- Agnes - انجيل ۾ رد لاءِ ڪم آندو ويو آهي.

Gul Hayat Institute

لنوائيندي آهي. ها خودڪشيءَ جي ٻي ڳالهه آهي.

- ڇا مان ڪارونجهر تي بيهي ”رب- اَرني“ ٻڌي نه ٿو سگهان؟ ڇا اهي لفظ رڳو ڪنهن خاص پهاڙ تي ٻُڌي سگهجن ٿا؟
- هو ڇو ٿا ڏسڻ چاهڻ اُهي گهٽ- ڳاڙها شعاع، گاما شعاع ۽ تابڪاري ڪرڻا جي (ڪائنات) ۾ پيهي وڃن ٿا؟ مشتري ۽ زهره تائين ڇو ٿا وڃڻ چاهن؟ هو اهي پراسرار شيون ڪُئاسر، پُلسر ۽ ڪارا سوراخ ڇو ٿا ڏسڻ چاهن؟ هو ُڇو ڄاڻڻ چاهن ٿا ته ڪائنات ڪڏهن شروع ٿي؟ اها ڪيتري جهوني آهي؟ ٻئي ڪنهن هنڌ به زندگي آهي ڇا؟؟

انسان جي ڄاڻ وڌائڻ لاءِ! ڇا انسان سڀ ڪجهه ڄاڻي سگهندو؟ هو اِن تي اَرب ڊالر ڇوُ وڃائي رهيا آهن؟ انسان سڀ ڪجهه ڄاڻي به ته ڇا، نه ڄاڻي به ته ڇا؟ ڇا هو رابيل جو گل ناهي سگهندو؟ هي سنسار ڪيترو نه اڪٽ آهي، اٿاهه آهي، اَسَنيو آهي؟ پوءِ اهو حاصل ڪيون ته ڪنهن به اڪ مان ڳوڙها نه وهن ۽ هر ڪنهن چپ تي مُرڪ هجي.

پيار سڀ کان وڏي ڳالهه آهي. جي تون ڪنهن جي موت تي سڏڪا نه ڀري سگهين، جي تُنهنجي دل ويڇوڙي جي اُتي دُک سان نه ڀرجي اَچي ته تون سڀ ڄاڻي به ڪجهه نه پاتو. موت کان فرار ناممڪن آهي

Gul Hayat Institute

۽ زندگي جو وڏي ۾ وڏو سهارو پيار آهي.

- موت کي خوف سان نہ ڏس، محبت سان ڏس!
- تون زندگيءَ کي تہ خوف سان ڏسي سگهين ٿو، پر موت کي خوف سان ڏسڻ لاءِ ڪوئي سبب نہ آهي.
- اي خدا! مون سڄي عمر تنهنجي وجود تي غور ڪيو آهي. هاڻي جي مان چوان ٿو تہ تون آهين تہ تون ضرور هوندين! هي ليار جا ڳاڙها گل، تُنهنجا اکين ڏٺا شاهد آهن، بسنت جي هير توکي ڇُهي ڏٺو آهي ۽ اُهي نرم رخسار جي آسمان ۾ ڪڪر ٿي وڃن ٿا، تنهنجا ئي آهن، توکي ڪا ئي شڪل صورت نہ آهي ۽ پوءِ بہ هيءَ ڪائنات تنهنجو آئينو آهي، آئينو جو ٽُٽي نہ ٿو ٽٽي ۽ جنهن تي ڪنهن بہ ڌرئي جا پٿر پهچي نہ ٿا پهچن!
- شڪارپور ۾ ايتريون سنهيون گهٽيون نہ هيون، جيترا خُدا ڏانهن رستا آهن ۽ نہ وري ٺٽي ۾ ايترا محلا هيا جيترا هُن ڏانهن رَستا ڊهي چُڪا آهن.
- رمضان جو مهينو آهي. جهونجهڪڙي ۾ رجنيش جو آڊيوڪيسٽ بہ هلائي نہ ٿو سگهان تہ پاڙيسري هندي بولي ٻڌي ڇرڪي نہ وڃن ۽ ائين نہ چون تہ تون ههڙي رحمت جي مهيني ۾ هڪ ڪافر کي ٻُڌي رهيو آهين، جينوٽيڪ هن جهڙا مومن ورلي ٿيا آهن.
- خدا ڏانهن سڀ کان سڌو رستو بيماريءَ جو بسترو

Gul Hayat Institute

آهي جي انسان اُن کي صحتياب ٿي ڇڏي ٿو.

- 4 اپريل 92 (30 رمضان المبارڪ)

اڄ ناشتو ڪائي، معمول موجب سمهي پيس. جاڳڻ کان اڳ مون هڪ عجيب خواب ڏٺو. هوءَ منهنجي کٽ تي جيئري جاڳندي ويٺي هئي. مون کي ان وقت اهو خيال نہ آيو تہ هن کي ڪيئي سال مُئي ٿيا آهن. هوءَ مونکي پُٺ ڏئي ويٺي هئي ۽ زرينا سان حال احوال ڏئي رهي هئي. مون هن جي وارن، پُٺن ۽ ڪرنگهي تي هٿ گهمايو تہ هوءَ زرينا جي موجودگيءَ جو لحاظ رکي ڪجهہ سُري، ويٺي. پوءِ مون هن کان پڇيو "ايترا سال تون ڪٿي هئينءَ؟" هن ڪنهن ڏور ڏيهہ جو نالو ٻڌايو جو ياد نہ ٿو اچي. وري ٻي ڏينهن مونکي ٻي جاءِ ۾ نظر آئي. اُتي پيو ڪوبہ ڪونہ هو. ڪجهہ ڳالهيون ڪيائين جي ياد نٿيون اچن. پوءِ چيائين تہ "هلون". مون جواب ڏنو "يلي"

ايتري ۾ منهنجي اک کُلي وئي. مان ڏاڍو خوش هوس جڻ هوءَ اڃا پلنگ تي ويٺي هئي. مون هن کي پنج سال اڳ سکر ۾ ننڊ ۾ ڏٺو هو. هو سُسي، هڪ روشنيءَ جي پاڇي ۾ سمائجي وئي هئي ۽ اهو پاڇو مون سان رقص ڪري رهيو هو، جيستائين جاڳ ٿي وئي هئي. تڏهن بہ جاڳي مان ڪافي خوش هوس.

اهو رات جو پويون پهر هو ۽ مونکي ننڊ نہ آئي هئي؟

Gul Hayat Institute

اِهي پنج سال هوءَ ڪٿي هئي؟ يا پنج سال هن اننت يَاترا ۾ پل بہ نہ آهن يا اهو وهم ۽ دماغ جي توڙ جوڙ آهي، پر جي ائين آهي تہ دماغ اِها توڙ جوڙ ڪيئن ٿو ڪري؟ فرائڊ ۽ ائڊلر تہ ان جو جواب ڏئي نٿا سگهن! ها جُنگ ڪجهہ ڏُڪا هنيا آهن. جي جُنگ صحيح آهي تہ مونکي ترت وڃڻو آهي. ڪيڏانهن؟ ڪيئن چئجي!

ڇا اهو سُک جو سنسار آهي جنهن ننڊ ۾ نظر پئي آيو؟ ڇا ان خواب جي سمجهاڻي دهريا ڏئي سگهن ٿا. دهريا جن کي اهو مسلسل خوف هوندو آهي تہ ڪٿي مماتيءَ کان پوءِ حياتي نڪري نہ پوي!

- ’دم ماڻ لي رنگ رليان ڪوئي‘

(ماڌو لال حسين)

شاهہ حسين جو مٿيون ڪئسيٽ هلي رهيو آهي ۽ مان پنهنجي عمر تي سوچي رهيو آهيان جا وِير وانگر لهي چُڪي آهي. ڪيترين نہ رنگ رَليون ماڻيون آهن مون! هاڻي تہ رڳو انهن جي سار رهجي وئي آهي!

ڇا مون عمر اجائي وڃائي آهي يا اهي رَنگ رليون ضروري هيون ۽ انهن ڪانسواءِ منهنجي شاعريءَ جي تڪميل نہ ٿي سگهي ها؟ پر ڇا منهنجي شاعريءَ جي تڪميل منهنجي زندگيءَ جي تڪميل آهي؟ ائين تہ نہ آهي تہ شاعريءَ جي تڪميل بہ انهن رنگ رلين

Gul Hayat Institute

جو حصو آهي؟ شاهہ حسين شايد شاعر جّي حيثيت ۾ منهنجي پيٽ ۾ ننڍو هو پر انسان تہ مون کان وڏو هو! يا...؟ هائو، هائو هوُ انسان وڏو هو، مان پنهنجي پاڻ ۾ جهاتي پائي ٿو ڏسان ۽ ندامت کان ڪَنڌ جهُڪي ٿو وڃي.

- چوڻ ٿا تہ توکي خدا جي تلاش آهي. ائين تہ نہ آهي تہ اها تلاش خدا جو پيو نالو آهي؟
- مون ڪاهوءَ جي دڙي تي هڪ پراڻي سڪي کي ڏسي سوچيو تہ اُهو ڪنهن ڪنهن جي هٿ ۾ رهيو هو؟
- غالب! ڇا واقعي موت قيد- حيات ۽ بند- غم مان نجات آهي يا اُن قيد ۽ بَند جي ٻي شروعات آهي؟ *
- اي موت! تو ڪيئي ڀيرا مون کي پريان سلام ڪيو آهي. مونسان هٿ ڪڏهن ملائيندين؟
- اي موت! ڇا تون ٻج جو موت آٽي ٿو سگهين؟ ٻج جو موت تہ وڻ جي پيدائش ٿيندو آهي؟
- ڪنهن جي موت تي خوش نہ ٿيءُ! تنهنجو وارو بہ اچڻو آهي.
- سازشي! ڇا توکي خبر آهي تہ موت سڀ کان وڏو سازشي آهي؟

Gul Hayat Institute

---

* قيدِ حيات و بند غم اصل ميں دونوں ايک هيں،
موت سے پهلے آدمی غم سے نجات پائے کيوں.
(غالب)

- ڇا توکي خبر آهي تہ ڪريملن ۾ اسٽالن جو لاش هن جي قبر مان ڪڍي ٻي هنڌ ڦٽي ڪري آيا ها ۽ هاڻي شايد ليڻن جو وارو آهي.
- جي تون موت جي حقيقت نہ سمجهي سگهيو آهين تہ زندگيءَ جي حقيقت ڪيئن سمجهي سگهندين؟
- قبر لُڇي رهي هئي تہ "ههڙي غليظ انسان کي مون ۾ ڇا لاءِ پوريو ويو آهي؟ مون ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي؟"
- توکي اعتراض آهي تہ مان موت کي ڇو ٿو ياد ڪيان. ڇا تنهنجي اِئين نہ ڪرڻ سان موت تو تان ٽري ويندو!
- ڪوئي جهرڪيءَ جو آکيرو ڊاهيندو آهي تہ عرشِ معليٰ لُڏي ويندو آهي. تون تہ ماڻهوءَ جو گهر ڊاهي رهيو آهين!
- ماڻهو ڄمي تہ فرشتي وانگر ٿو، پر ڪڏهن ڪڏهن هو وڏو ٿي بگهڙ ڇو ٿو ٿئي؟ اڃا ڇئين ٿو تہ اڳيون جنم نہ آهي!
- مان هِن جي ڪُک مان ٻيهر جنم وٺندس، مان اڳيئي پنهنجي ماءُ ڇونڊي ڇڏي آهي؟
- مان ڏسي رهيو آهيان تہ ڪوئي ڇيتاڙجي ويو. اڳتي وڃي ڏسان تہ هوُ ڪير آهي؟ اڙي هي لاش تہ انهيءَ شخص جو آهي، جنهنجو ڇهرو مون کي اڃا تائين حسد سان گهوُري رهيو آهي.

- توکي مِنهنجي چهري کان نفرت هئي، مون کي تُنهنجي چهري کان نفرت هئي. آخر ائين ڇو؟ اسان هڪٻئي سان ڪڏهن اتڪيا بہ نہ هُياسين؟
- اڳتي تہ نيٺ ڪتي گڏباسين پر هاڻي تہ هتان هلُ!
- ميان ! تون تہ مرحوم ٿي چڪو آهين! پنهَنجي ايصال وثواب لاءِ تہ ڪجهہ ڪَر!
- توکي موت ٻلي وانگر گهوري رهيو آهي ۽ تون ڪبوتر وانگر اکيون ٻوٽي ويٺو آهين!
- وَج، وَج! هاڻي ڇو آيو آهين؟ هاڻي تہ مينهَن وَسِي تنهنجا پيرا بہ مٽائي ڇڏيا آهن!
- مون جڏهن بہ ڪُتي کي مانيءَ ٽڪر ڦٽي ڪيو آهي تڏهن هن جي اکين ۾ بہ احسان جي لهر ڏٺي آهي. اي اشرف المخلوقات جا پُٽ! تون ڪُتي کان بہ پري آهين!
- ڪيڏو نہ ڪوٽ، ڪپٽ ۽ دولاب آهي تو ۾!

* بارَ اَباس! ڪيڏي نہ ٺڳي ڪئي آهي تو ڪرست سان! چند صليب تان هن جا لٽڪندڙ پير چمي رهيو آهي ۽ ميري ماجدلين کي ٿڪجي ننڊ اچي وئي آهي. تون ڪيستائين پڇندين بار اَباس، موت تولاءِ صليب ۾ کوڪا ٺوڪي رهيو آهي، کوڪا ٺوڪي چُڪو آهي!

---

* بارَ اَباس– اُهو شخص جنهن جي جاءِ تي حضرت عيسيٰ عليه السلام کي صليب تي چاڙهيو ويو هو.

- مان تنهنجي موت جو عيني شاهد آهيان. اجا تہ قبر بہ نہ ڪوٺي اٿائون، منڪر نڪير ڪي بہ سُڌ نہ آهي.
- ڇُرتا! تون ايڏو ڇُپ آهين جو تنهنجي سُڌ ڪراماً ڪاتبين ڪي بہ نہ آهي.
- تون تہ اجا ٻار وانگر واريءَ تي بانبڙا پائي رهيو آهين! اڳتي ڪيڏو نہ گهرو سمنڊ گجي رهيو آهي؟
- جي عقل ۾ اعتبار ڪندا ها، سي تالان والان ٿي ويا! ڇا توکي ٽين اک آهي؟ ٻن اکين وارا تہ پنهنجي هار مڃي چڪا آهن؟
- هي تنهنجيءَ پيشانيءَ تي ڇا آهي؟ ڇا هي ڪائي ڪِشتي آهي، جنهن تي ڪوئي آفتاب اُڀري رهيو آهي؟
- ڇا پنهنجي همسفر جو موت نہ ڏٺئہ؟ پنڌ گهٽو نہ آهي. توکي بہ ٻيءَ اسٽيشن تي لهڻو آهي.
- خدا جو ثبوت گهُرجيئي؟ آءٌ هن جي صورت ڏس! ڇا خدا ڪانسواءِ ڪوئي هِن ڪي ٺاهي سگهي ها!
- جنهنڪي ڪافر واري جذبات آهي، اُهو اُن ڪان بُرو آهي، جنهنڪي ڪافر وارا خيالات آهن.
- تون خدا ڪان تہ نہ ٿو ڊڄين. اُنهيءَ جهنم ڪان تہ ڊڄ جو تو ۾ ٻري رهيو آهي!

Gul Hayat Institute

- * تون حضرت يونس نہ آهين تہ وِيسَر مڇي توکي وات مان اوڳاڇي ڪڍي ۽ تون بچي وڃين! تون تہ ائين چٻاڙجي ويندين جو تنهنجي هَڏي بہ نہ بچندي.
- تو بهشت جي دروازي ۾ ايترا سَل ڪيا آهن جو اُهو دروازو دروازو نہ رهيو آهي.
- اڄ! پوئين سج سان گڏ تلاءَ ۾ ٽُٻي ڏي! شايد تون رات جي اِسرار کي پائي سگهين!
- تونکي نمرود جي خدائي تہ آهي پر مون کي يقين آهي تہ بندگيءَ ۾ منهنجو پلو ڀاري ٿيندو.
- صوفيءَ هڪ ٽنگ تي بيهي سڄي رات عبادت ڪئي، موهن جي دڙي واري نچڻي ساري رات هڪ ٽنگ تي نچي. ٻنهي مان ڪير چڱو هو؟
- راوڻ رام کي چيو: ”اهو مَت- هِيڻ ۽ مورک تون ئي هئين جو سيتا کي جهنگ ۾ جٽائوءَ جي سهاري اڪيلو ڇڏي وئين!

ڳهيلا! جنهن بہ توکي بنواس ڏنو آهي، نيڪ ئي ڪيو آهي. اهو پُنيہ آتما آهي.

- هي ٻار جو تنهنجيءَ جهوليءَ ۾ ڪُڏڪيون کائي رهيو آهي، ان کان وڌيڪ خدا جي ثابتي توکي ڪهڙي گهرجي؟
- هو پوڙهو ائين مَري ويو جيئن پت تان ڪِرڙي ڪري پوندي آهي تہ ساڻي ٿي مري ويندي آهي.

---

* وِيسر- وڏي مڇي.

Gul Hayat Institute

- خدا تہ ٿر ڪان گھٽو وشال آهي، پوءِ بہ واريءَ جي هر ڪَڻي ۾ آهي!
- واريءَ جي ڪَڻي ۾ پيهي ڏس تہ توتي ساري سنسار جو راز پڌرو ٿي پوي!
- علم؟ ڪهڙو علم؟ ڇا توکي معلوم آهي تہ ڇيلڙي ۽ ماڻهوءَ جي ٻار ۾ ساڳيو ساهہ آهي؟ ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ نم جا پن ستارن سان ڇا ڳالهائيندا آهن؟
- اَزل کان اَبد تائين سڀ ڪُجهہ روان دوان آهي؟ يا سڀ ڪجهہ بيٺو آهي؟ هي وڻ، هي پکي جي اُنهن ۾ ٻولي رهيا آهن ۽ اُن ۾ ميوو ٽُڪي رهيا آهن، هي جَر جو وهي رهيو آهي، هي استري جا نيسر هينئان وِهنجِي رهي آهي، سڀ صدين کان اِتيئي آهن، اِتي ئي رهندا ۽ رڳو منهنجي نظر دوکو کائي، اِهي سڀ وِڃائي وِهندي؟
- ڇا زمان ۽ مکان حقيقت آهن؟ تہ پوءِ باقي ڪوڙ ڇا آهي؟
- جيڪو آهي بہ ڪونہ، اُن کي نہ مڃرائڻ لاءِ تون ايڏي محنت ڇو ٿو ڪرين؟
- ميان! تون تہ مري چڪو آهين. رڳو توکي خبر نہ آهي ۽ نہ ڪڏهن پوندي!
- اي خدا دُشمن رهزن! تنهنجيءَ زندگيءَ جي مشاهدي تہ مون ۾ خُدا دوستي پيدا ڪئي! مان تنهنجو ٿورائتو آهيان!

Gul Hayat Institute

- مـوت! تـون تـہ حـريـر ۽ ديـبـا وانـگـر آهين. تـون مـون درويش ڏانهن ايندين؟
- موت! مان توکي هٿ لائي ڏسان؟
- مون ڌرتيءَ تان پکين جا ڪيترا نہ پَرَ ڪَنا ڪيا آهن ۽ هاڻي اِهي پولڙيون ڳولي رهيو آهيان، جن سان انهن پَرن ساٿ ڏنو هو.
- اي خدا! هي ڪِئلي جا پِرَ ڏانهن ڊوڙي رهي آهي، اِن کي ڪيئن خبر پئي تہ بادل وسڻ وارا آهن؟
- اي خدا! ڇا تون مونکي پنهنجي زندگي موٽائي ڏيندين؟ مون دل ۾ پيو ڪجهہ سٽيو آهي.
- اي شمس تبريزي! سچ کي ايڏو بہ نہ گهور تہ پنهنجي بينائي وڃائي ويهين!
- اي 'بيدل' ! اڃ تہ عشق جي پوئينءَ چاڙهيءَ تي چڙهون ۽ ڏسون تہ اڳتي ڇا آهي! اڪر تہ پهرين چاڙهيءَ کان اڳتي چڙهي نہ ٿا سگهن!
- اي گل! جيترو ٽڙندين، اوترو فنا جي وڌيڪ ويجهو ويندين.
- هي ساري ڪائنات فنا جي مُٺ ۾ ئي تہ آهي! تو ڪڏهن اها مُٺ کولي ڏٺي آهي؟
- اي ڪنوڻ! تون مون تي ڪِلي رهين آهين! پنهنجيءَ حياتيءَ جو پتو اٿئي تہ ڪيتري آهي؟

Gul Hayat Institute

- اي بيچئن من! توکي ڇا ٿيو آهي؟ تون ساري ساري رات ٿو جاڳين ۽ توکي وهم ٿي پيو آهي ته جي توکي اک لڳي وئي ته اُها نه پٽبي!
- اي صحراءِ سنڌ جي خاموشي! تنهنجو هر لمحو عصر جي اذان وانگر آهي!
- نانڪ! ڇا ڪنهنجي ڪٽاهه پرساد ۾ هو چنڊ ۽ ستارا به شريڪ آهن!
- شڪي شرمندو ٿي موٽي آيو آهين، فقط اَرَڙ جو زوڪات بُڌي! مون ته توکي جهليو ٿي ته اڳتي نه وڃ، تقدير توکي ڇڪي رهي آهي!
- ”تمر!“ پٿائيءَ چيو: ”تون کهڙي پِٽَ لنوائي کهڙي لنوائيندين، موت ته هر هنڌ لِڪو وينو آهي“ ؟
- ڍاڪوءَ کان ڊڄين ٿو؟ وڏي ۾ وڏو ڍاڪو ته تنهنجي اندر آهي جو توکان هر وقت هڪ گهڙي کسي رهيو آهي.
- لوهر جي ڪارائي، واهولو، روات، پٿاس، هَٿوڙو، بَرمون وغيره سڀ پَٽ تي پيا آهن. ڏنوٽي ڦوڪجي رهي آهي ۽ ٽانڊا ٻري رهيا آهن. اوچتو هو ٽانڊن پرسان ڪِري پوي ٿو. هُن جي دل ٻيهجي وڃي ٿي. ڏنوٽيءَ مان هوا آهستي آهستي نڪري رهي آهي، جڻ زندگي موت تي ٽڏا ساهه پري رهي آهي.

ڪير چئي ته اِها ڏنوٽي ٻيهر ڪير ڦوڪيندو؟ جڻ ته

Gul Hayat Institute

اهي اوزار اوسي پاسي ڪنهن هَٽ لاءِ نهاري رهيا آهن ۽ سوچي رهيا آهن: ”ڇا ڪوئي اسان کي پيهر ڇُهندو يا هي ٿاندا وسامي رک ٿي ويندا؟ ڪيئن ڇئجي؟“

- هي پُتليون ناٽڪ- گهرجي رنگ پومي ۾ رهيون پيون آهن. ڏوري مداريءَ جي هٿ ۾ آهي. اوچتو هڪ پتلي جي هٿ ۾ جا ڪاٺ جي ڪٽاري آهي اها ڪٽاري ٻيءَ جي ڪنڌ تي زور سان لڳي ٿي ۽ اُن جو ڪنڌ ٽُٽي پوي ٿو.

مداري جيستائين اهو ڪنڌ ٽٽل پتليءَ جي ڪُلهن تي ڳنڍي تيستائين تماشو بند ڪري ڇڏي ٿو. ائين اڳي به ٿيو هو. ڪنهن وقت به ٿي سگهي ٿو. تماشو هلندو رهندو. پُتليون، ناٽڪ، گهر، رنگ پومي ڪِٿ پَنگ به آهن ته جٽائو به آهن.

تماشو مهمليءَ ڪان پوءِ وري شروع ٿي وجي ٿو پر ڪيستائين؟ نيٺ ته مداري ٿڪجي پوندو. ڪڪ ٿي پوندو!

- موتَ سان مذاق ڪري رهيو آهين! موت جو صبر پرکين ٿو؟
- توکي اها خبر آهي ته مُنا جيئرن ڪان وڌيڪ جيئرا آهن.
- اي مرڻ وارا! ڇاٿين ٿو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين ۽ اُتي ڪيرُ ڪيرُ تنهنجو ڪيتري وقت ڪان انتظارُ ڪري رهيو آهي؟

Gul Hayat Institute

- خدا جو شڪر ڪر تہ توکي مال منال ۾ نہ، مِٽيءَ ۾ پوريو ويو آهي.
- ڪجهہ لوڀ لالچ کي گهٽاءِ! جيترو گهٽ هوندو اوترو اُهو ڇڏڻ توکي آسان لڳندو ۽ ان تي توکي افسوس گهٽ ٿيندو.
- تو ڇا سمجهيو آهي؟ موت توکي ملاقات لاءِ وزٽنگ ڪارڊ موڪليندو!
- ڊانديئڙي جي آکيري ۾ ڪهڙي ازلي حقيقت لُڪي رهي آهي؟
- توکي اها خبر آهي تہ زندگي موت جي ننڍي ڀيڻ آهي؟
- مان شعلہءَ مستعجل آهيان، منهنجي روشني ۾ جيڪي ڏسڻو اٿئي ڏسي وٺ! *
- مان شمس تبريزي تہ نہ آهيان جو سج کي چوان تہ هيٺ لهي آءُ! پر جي لهي ايندو تہ گهاٽي ۾ نہ ويندو.
- شمس تبريزي! قونيہ ۾ تنهنجي قبر تہ ضرور آهي پر تون اُن ۾ ڪيئن سمهي سگهندين ۽ ٿوري دير اڳ تہ مون سان گڏ وينو هئين!
- شمس تبريزي! حديثِ خواب اکُٽ آهي ۽ هر ڪوئي نہ ٻڌائي سگهندو.
- گُلِ لالا جو ڪنڌ تہ ڪپين! پنهنجي گردن جو خير گهُر!

* خوش در خشيد ولے شعلہءَ مستعجل بود.

Gul Hayat Institute

- اڄ نہ هن جي قبر تي گل وجهون! هو شاعر هو ۽ هن دنيا کي ايترا گل ڏنا ها، جيترا دنيا جي ڪنهن لاله زار ۾ نہ آهن.
- نورجهان، جهانگير جي قبر تي انارڪليءَ جي خون مان اجا چراغ جلي رهيو آهي. ها، تنهنجي قبر اونداهي آهي.
- امان، تو مونکي جنم ڏنو هو! تون مهامايا کان ڇا ۾ گهٽ هُئينءَ؟
- اي ٻڌ! ڇا يشوڌرا سان چند هينان ڪجهہ راتيون گذارڻ کان وڌيڪ ٻي ڪا مُکتي آهي؟
- مون موت کي ڏِسي ٺهڪ ڏئي چيو: ”اڙي مون تنهنجو ڪوڙ پڪڙيو آهي. دراصل تون مُجسمِ ڪوڙ آهين!“
- موت کي ترساءِ! ايڏي تڪڙ ڇو اٿس!

ڏسي نہ ٿو نہ مان ڪيڏو رُڏل وينو آهيان!

- اي ٻِڪ- مگان! اي موت، هاڻي موٽي وڃ!

ٻي پيريءَ مان توکي ساري زندگي ٻيڪ ۾ ڏيندس،

- جيت جڻئي کي نہ مار! مٽنان پَل ۾ پاڻ کي ماري وجهين! آپگهات ڇگو نہ ٿيندو آهي!
- شمع ٿيءُ! آهستي ڳرُ! ٻاک جو اجهامي وڃ! پروانو نہ جَلي، گهڙيءَ ۾ جان ڇڏائي ٿو وڃي.
- روحل! ڪَنڌڙيءَ جون سڀ ڪُنڊون جاچي ڏِسُ! مٽنان ڪٿي توکي آنءُ بہ ملي وَڃان؟

Gul Hayat Institute

- ڇا ماٽيلي جي ماڙيءَ تي، مومَل اڃا ڦِري رهي آهي ۽ رڳو تون نہ ٿو ڏسي سگهين!
- راڻا! ڇا اهي ڪَرها جي چَندن چرندا ها، رڳو ڪاڪ جو سپنو ها!
- ڇا هن اڪ- مَڪڙِ جا گوناگون رنگ ڏسي، توکي ڪوئي رنگي ياد نہ ٿو اچي!
- فنا بقا جي شروعات آهي.
- هي بئنڪ بئلنسون، هي زندگيءَ جا عيش آرام هُن جي اندر کي مُردو ڪري ڇڏن ٿا، جو ٻاهران تہ چُست چالاڪ هجڻ جي ڏيکَ ڏئي ٿو پر اندر ۾ اَڇُو آهي، ناس ٿي ويو آهي، مَئِٺ جهڙو آهي!
- ڪنهن جو ڪيتو ڪير ٿو ڏَئي! اي خدا! مان تنهنجي مصلحت تي ڇا ٿو چئي سگهان؟
- ياخدا ! ڪُپڙِي تہ خالي ٿي وئي آهي. ڪجهہ ڪَٽا پيا بہ ڏي!
- ڇا حافظ کي خبر هُئي تہ بهشت ملندوئي ان کي آهي، جو غرقِ گناهہ هوندو آهي؟ *

* قدم دريغ مدار از جنازهء 'حافظ'
اگرچه غرقِ گنه است، ميں رود به بهشت
(ترجمو: حَافظ جي جنازي کان پري نہ رهہ! هو گناهہ ۾ غرق تہ آهي پر سڌو بهشت ۾ وڃي ٿو)

Gul Hayat Institute

- جي بشهت دلاسو ۽ دوزخ دَڙڪو آهي تہ پوءِ چڱائي عبث آهي.
- سيزر کي پنهنجو حصو ڏي، هُن لاءِ ادائي گز زمين چڏي ڏي، تو لاءِ ساري ڌرتي پئي آهي.
- موت اِن تي منحصر نہ آهي تہ تون زندگي ڇاکي ٿو سمجهين! تون سوچيندوئي رهندين تہ هُو اچي توکي ٻڇيءَ کان جهليندو!
- آءُ تہ هُن سان ملي ڏسون! ڇا ڪوئي گهر ۾ ٻوڏي وڻ پوکي سگهندو آهي؟
- ڇا منهنجي ڪمري کان هي ڪائنات وڏي آهي؟ ٻُلو آهين!
- اَبا! مان اچان ٿو. اورين آسمان تي انتظار ڪجانءِ!
- متان هي ٻتاڪ سمجهين! مون هن کي تَلُور ۾ ٽلندو ڏٺو آهي، جنهن کي تون خدا ٿو چيئن!
- هي سڀ گِدَڙ اٿي جي بگهڙ جي ڏِڪَ ڏين ٿا. اهي سڀ موت جي اوناڙ ٻُڌي ڪَن ڪڙا ڪن ٿا ۽ پُڇ ٽنگن ۾ ڇپائن ٿا.
- هي ڪائنات پاڻ مان پاڻ اُپري آهي، سمجهہ ۾ نہ نٿو اچي!
- خدا کي ڪڏي وچ تہ ڪائنات ۾ معنيٰ ئي ڪهڙي ٿي رهي؟

Gul Hayat Institute

* • ’سورين ڪيرڪي گارڊ‘ ! تون جڏهن طفلِ مڪتب هُئين تڏهن مان تنهنجو استاد هوس. مون کي اڄا تائين تنهنجو نالو ياد آهي ۽ اهو به ياد آهي تہ تون منهنجي ذهين ترين شاگردن مان هُئين!

• نِتشي مري ويو، خدا اتيئي آهي

• جهدالبقا سان توکي آشنا ڪنهن ڪيو؟

• زندگي! هاٿي ڏوليءَ مان مُنهن ڪَڍُ ! تنهنجو گهر اچي ويو آهي.

• هي سپ ڪُهَار تُنهنجو نہ، پنهنجن ڪُلهن جي سور جو سوچي رهيا آهن!

• متان منهنجي موت تي روئين! ڳوڙها زندگيءَ جي امانت آهن.

• اي موت! خدا توکان ڪيتري پنڌ تي آهي؟

• چولو بدلائڻ، سنڌيءَ ۾ محاورو ڪيئن نہيو؟ ڇا جسم چولي وانگر آهي. ڇا بدلي ۾ چولو ملندو؟ ڇا ان تي اينترو بَرتُ هوندو جيترو مون هن چولي تي پريو آهي، جيڪو لاهي رهيو آهيان؟

• دَپُ؟ ڇانئڻ جي ٻي پاسي جو؟ ڇو ۽ ڇالاءِ؟؟

• موت جو ذڪر ڪري زندگيءَ کي رسائي ڇڏيو اٿي. هل تہ ان سان ناهہ ڪيون!

---

* سورين ڪيرڪي گارڊ (Soren Kierkegaard) -١٨١٣ع کان ١٨٥٥ع تائين)، ڊين فلاسافر، مذهبي مفڪر ۽ ادب جو ڪوپن هيگن ۾ پيدا ٿيو هو.

Gul Hayat Institute

- اڇٽو آهين تہ آءُ! مان تنهنجي آجيان لاءِ تيار بيٺو آهيان.
موت ! تون منهنجي چائنٺ وٽ هبڪين ڇو ٿو؟
- هي ڏچٽا گڏڙ موت ڪان ڏجن ٿا. موت مون ڪان ڏجي ٿو، پر هوُ پنهنجي ڪُوڙِي مڙسي. ڏيکارڻ لاءِ مون کي ڏچٽو ڪوٺن ٿا.
- مون ڪيترو وقت کان ٻي جهان لاءِ ويزا وٺي ڇڏي آهي پر اجا سفر جو خيال نہ آهي.
- ايڏي انا؟ اناالحق کان بہ زياده!
- جيڪو راهہ نہ ڄاڻي، ان جي ساراهہ تي ڌيان نہ ڏي!
- جي تون بہ دهريو آهين تہ دهريت ضرور غلط هوندي ۽ مون کي خدا ۾ اعتبار ضرور ڪرڻو پوندو.
- تہ ان ۾ ڇو پيو آهين تہ خدا آهي يا نہ آهي! ڇا ان ۾ تنهنجو ويساهہ ڪافي نہ آهي؟
- "موت ڪانپوءِ ڪوئي موتي آيو آهي ڇا جو ٻڌائي سگهي تہ اڳتي ڇا آهي."

"اهو تون ڪيئن ٿو چوين؟ مان تہ چوان ٿو تہ موت ڪانپوءِ سيئي موتي آيا آهن. رڳو هو اڳيون سڀ ڪجهہ وساري وينا آهن."

- تون موت کان پنهنجو شناختي ڪارڊ نهرايو آهي؟
- "اڙي تون موت آهين؟ ڪارا، ڪلوٽا، ڪَوا! مان توکي ستن پيڙهين کان سڃاڻان! تون مون کي ڇا ماري سگهندين."

Gul Hayat Institute

- ڪينئَري زيتـون وانگر نـه ڪرِ ! طوفان ۾ ڪچوئي چَٽي وَڃُ !
- رَبُ بـه تون، رَتُوان بـه تـون، منهنجا تيـر بـه تون، تـه 'مان' ڇا آهيان؟
- ازل بـه تون، ابد بـه تون. ڇا جيڪي وچ تي اهي، سو بـه تون آهين يا فقط منهنجيءَ نظر جو فريب آهي!
- اڄا تـه موت مون سان چوپڙ ڪيڏي رهيو آهي ۽ مان 'پَنءُ چَڪا' چئي هُن تي کِلي رهيو آهيان.
- مان هڪ دل مان نڪري ٻيءَ دل ۾ دڪ دڪ ڪندس، منهنجو الڪو نـه ڪَر!
- ڪيترائي ماٺهو، موت جي بستري تي مٺا ڇو ٿا ڏسن؟
- جي خدا توسان گڏ آهي تـه توڪي ڪهڙي ڪَسُ آهي؟
- جي تون موت کي سمجهي سگهين تـه جيڪر تو لاءِ ڪوئي مسئلو نـه رهي.
- پنهنجي جنم جي ڏينهن تي، پنهنجي مرڻ جو ڏينهن ملهاءِ، ڇو تـه تنهنجيءَ زندگيءَ مان هڪ سال ٻيو بـه گهٽيو.
- ڇون ٿا تـه تون موت کان نـه ٿو ڊڄين ۽ جو ڪوئي ان جي ڳالهه ڪري رهيو آهي، اُن تي کِلين ٿو. ڇاٽين ٿو تـه موت تنهنجي پنيان بينو آهي ۽ توتي کِلي رهيو آهي.
- موت تنهنجي پنيان سڄي زندگي پاڇي وانگر آيو آهي. ڇا تو ڪڏهن اُن کي ڪنڌ ورائي ڏٺو آهي؟
- ڇا تون موت کي وساري، اهُو ٿو سمجهين تـه موت بـه توکي وساري ڇڏيو آهي؟

Gul Hayat Institute

- ڇا زندگي موت جي آغوش ۾ هڪ ڇٽيل ڳل وانگر آهي؟ پر ڳل ته باربار ڦٽندا آهن، رڳو ٻي موسم جو انتظار ڪر!
- ڇا تون موت آهين؟ پر تون ته خوبصورت آهين، مون توکي ڪيڏو نه خوفناڪ سمجهيو هو!
- ڀٽائي جي مرڻ کان اڳ ۾ بند ڪمري ۾ ساز پاڻ ئي پيا هلن. فرق اِهو آهي ته مان سمهڻ کان اڳ ڪئسيٽ پليئر تي ڪوئي ڪلاسيڪي گيت هلائي ڇڏيندو آهيان ۽ ٻڌندي ننڊي موت ۾ ٻُڏي ويندو آهيان- صبح تائين.
- مون کي گستاخ توئي ته بڻايو آهي نه ته منهنجي ڇا مجال، مان جو مٽيءَ جي مُٺ آهيان!
- مقدر مُنهن تي ڏڪ هڻندو آهي، ڏوڪر نه ڏيندو آهي.
- تون جڏهن سمجهين ٿو ته خدا ڪونه آهي، ته هُن جي ايڏي مخالفت ڇو ٿو ڪرين!
- انسان خدا جو عڪس به آهن، شيطان جو به. ڇا تو اهڙو ڳل ڪڏهن ڏٺو آهي جو شيطان جو عڪس هجي؟
- منهنجو هڪڙو اهڙو دوست به آهي، جنهن کي حيات بعد ازممات اکين سان ڏيکارجي ته به هو چوندو، "آخر حياتي ختم ڇو نه ٿئي؟ ممات بعد از حيات هميشه لاءِ ڇو نه ٿي اچي؟"
- اي خدا! تُنهنجي صراحي منهنجي اڳيان سارو ڏينهن پريل رکي رهي پر مون اُن مان ڍُڪ به نه پيتو! هاڻي جڏهن سج لهي رهيو آهي، مون کي ڪيڏي نه اُڃ لڳي آهي؟

Gul Hayat Institute

- زندگـي تـہ اونـهـي سبـاڳـر وانـگـر آهـي! مـون تـہ اجا تانگهي ۾ تاڦوڙا هنيا آهن.
- اي خدا پيريءَ ۾ تہ ماڻهو انڌا ٿي ويندا آهن! تو پيريءَ ۾ مونکي شمس تبريزيءَ واري نظر بخشي آهي، جنهن جي پوڻ سان ڪتابن جي ڍير ۾ باهہ لڳي ٿي وڃي!
- مون موت کي ڏکـي تہ ڪڍيو آهي، پر موت بہ نِرجو بِڪاري آهي، ساهہ وٺڻ ڪانسوا ڪٿي ويندو!
- سڀ کان وڏو ڪوڙُ موت آهي، دراصل زندگي اَکٽ آهي، دُهرائي وڃي ٿي، وَرِي وَري اچي ٿي. اچا بہ ائين چئجي تہ زندگي هميشه آهي ۽ اُن جو سلسلو نہ ٽٽندو آهي.
- وَڄ، وَڄ! هاڻي تنهنجو وارو آهي ۽ مـوت جهڙو بي صبـرو ڪـوئي نـہ آهي. هن جا پيـر اِڳيـئـي رڪاب ۾ آهن، چڙو توکي بيلهہ چڙهڻو آهي.
- چون ٿا تہ موت واريءَ ۾ توڏي وانگر تيز ويندو آهي.
- هاڻي تُنهنجي منهنجي دوستي ايتري وڃي رهي آهي جو تون منهنجي مـوت جي انتظار ۾ آهين ۽ مـان تنهنجي موت جي انتظار ۾ آهيان ۽ موت ٻنهي جي انتظار ۾ آهي.
- مـاڻـهـوءَ جي جمر کـان اول هُن جي مـوت جو ڏيـنـهـن ظئي ٿيل آهي.
- مان پنهنجي سج گرهڻ جي انتظار ۾ آهيان. موت! ڪڏهن ٿو تون اچين؟

Gul Hayat Institute

- توڙي زندگي ڪوڙي ٿوهر وانگر هجي ۽ موت مِٺيءَ چانهڻِ جي ڦار وانگر هجي، زندگيءَ کي موت تي ترجيح ڏي!
- جڏهن به اچين آءُ، موت! مان تنهنجي آجيان لاءِ ٻاهر اچي رهيو آهيان.
- موت! تون مهمان آهين. متان نِرهه موٽي وڃين!
- موت اُهو مهمانِ آهي، جنهن جو وڏو لقمو به هن جو ميزبان هوندو آهي!
- پَلي رَنگ رَليون ڪر! پَلي شاهه حسين کي نه ٻُڌ! اهو ڄاڻين ٿو ته ڪفن جي دسترخوان تي وينو آهين؟
- تون موت کي وساري ڇڏيندين ته ڇا تون ڀائين ٿو ته موت به توکي وساري ڇڏيندو! موت ايڏو بي مروت ڪٿي آهي!
- موت جي ياد پيغمبريءَ جي صفت آهي.
- تون ڪير جو اسرارِ الاهي ڄاڻڻ چاهين ٿو؟ تون ته هن ڪٺليءَ کي به پوري طرح سمجهي نه سگهيو آهين؟
- اج ته ننڊ موت وانگر اچي رهي آهي.
- ٻي جي موت تي نه کِل! موت تُنهنجي پٺيان به بيٺو آهي ۽ کِلي رهيو آهي.
- موت جو گهرو شعور ئي زندگيءَ سان گهري محبت پيدا ڪري ٿو.
- زندگيءَ سان محبت، موت جي شعور جي مانع نه آهي.

Gul Hayat Institute

- مـوت اهو سـيـسار آهي، جنهـن کي هر ڪنهـن جي سسي وات ۾ آهي.
- ازل جي پوتا ميل ۾ هاڻي تُنهنجو موت مٿان مٿان آهي.
- هي بہ واتو آهي ۽ تو زندگيءَ جي راهہ ڇڏي، موت جي راهہ ورتي آهي.
- موت! توکي ايڏي تڪڙ ڇو آهي؟ مان جڏهن ٽڪجي پيس تہ توکي سڏي وٺندس!
- ڳوڙها روڪ! ڳوڙها اُنهن کي روکي نہ سگهندا ڇو تہ انهن کي هر حالت ۾ وڃڻو آهي. گهوڙا چرڪي رهيا آهن، شايد اُهو رستو ڏسي رهيا آهن، جنهن تي انهن کي وڃڻو آهي. هوائون دم روڪي سوچي رهيون آهن تہ طوفان ڪهڙي مهل ٿو اچي، ڇو تہ اُنهن کي وڃڻو آهي. هي، جن گهَڙا ڀَري کوهہَ خالي ڪري ڇڏيا، انهن کي وڃڻو آهي.

هي، جن لاءِ مئخاني جا دريون ۽ دروازا روئي رهيا آهن، اُنهن کي وڃڻو آهي!

Gul Hayat Institute

ڪلال! خالي وَٽيون اونڌيون ڪري رک! هوُ پوئينءَ ڦڙيءَ تائين پي ويا آهن ۽ مَٿ سُڪي نوٽ ٿي چُڪا آهن، انهن کي وڃڻو آهي! ڏس، سِجُ لَيارن ۾ ڇُپي ويو آهي ۽ ان جا ڪرڻا اُهي رَسيوُن وَٽي رهيا آهن جي آسمان مان لڙڪن ٿيون، انهن کي وڃڻو آهي!

پکين کي انهن جي ارادي تي حيرت نہ ٿي اچي، ڇو
تہ اهي ڏُوز ڏُور تائين اڏامندا آهن، انهن کي وڃڻو آهي.
ها ، رڳو هي درخت، جن جون جڙون ڌرتيءَ کي چنبڙي
پيون آهن، هوا ۾ پنهنجون ٽاريون ٻانهن وانگر هَلائي
هنن کي الوداع ڪري رهيا آهن، انهن کي وڃڻو آهي.
ها ، هي مِٺِي ڇاتِي ڪُٺي رهي آهي تہ هي منهنجا ڄَڻيا
هاڻي مون مان ڪَٽ ٿي پيا آهن، انهن کي وڃڻو آهي.
نہ روڪ انهن کي، اهي اُروڪ مسافر آهن، انهن جي منزل
دور هوندي بہ نهايت ويجهي آهي، انهن کي وڃڻو آهي.
انهن جو پيڇو نہ ڪر! اڃا تنهنجو وارو نہ آيو آهي پر
انهن کي وڃڻو آهي.
تون بہ جُتي پيرن مان نہ لاهجانءِ! تولاءِ بہ رستو
ساڳيو آهي، ها پر هن وقت انهن کي وڃڻو آهي.
هي اُنهيءَ رستي جا راهي آهن، جو ڪٿي نہ ڪٽڻو آهي
۽ جو هر ڪنهن کي پنهنجي واري تي سڏي ٿو. پر
هاڻي رڳو انهن کي وڃڻو آهي. ان رستي تي ريت ڏاڍي
نرم آهي،
ڪا بہ سج جي تيز تپت نہ آهي، جهڙالا ڏينهن ۽
راتيون جيءُ ڪولي وَسن ٿا ، پوءِ بہ ان رستي تي
ڪنهن جا پير ترڪن نہ ٿا ۽ وينڊڙ بنا ڪنهن ٿيڙ يا
ٿابي جي وڃن ٿا. تون روئين ڇو ٿو؟ ڳوڙها روڪ!
اِنهن کي وڃڻو آهي.

Gul Hayat Institute

•

چا مون تنهنجي پيار جي باري ۾ ڪجهه به چيو آهي؟
واءُ ڪان پڇ!
چا مون تنهنجيءَ گهِٽيءَ ۾ توکي ٻُوليو آهي؟
چَنڊَ ڪان پُڇ!
تون تہ سُڳنڌ جو جهونڪو آهين رات جي راڻيءَ وانگر،
پکڙجي وڃين تہ مان ڇا ٿو ڪري سگهان!
چَنڊُ پاڻ تنهنجو چاري آهي
اُهو پنهنجي مُکڙي کي
تُنهنجي مُکڙي سان
تشبيهہ ڏي،
تہ مان هن کي روڪي سگهان ٿو؟
مون تنهنجي پيار کي
پاڻ ۾ ائين سانڍي رکيو آهي،
جيئن هاري
کيت- کلياڻ ۾

Gul Hayat Institute

اَن سانيي رکندا آهن
جنهن تي مينهن جو اثر نہ ٿيندو آهي،
۽ بادل وسندا بہ آهن
تہ اُن جو
ڪجهہ بگاڙي نہ سگهندا!

●

ڇا تو
مون سان
پيار ڪيو هو؟
ڇا ماڪَ
رابيل جي گُل سان
پيار ڪندي آهي؟
اها تہ اُن کي چُمي
رَمندي رهندي آهي؟
ڇا ساونڻ جو مِينهُن
ٿوهر جي ٻاڙهن گلن سان
پيار ڪندو آهي؟
اهو تہ رڳو
اُنهن کي ڇهندو آهي

Gul Hayat Institute

۽ ريت ۾ جذب ٿي ويندو آهي،
۽ بادل آسمان ۾
رمندا رهندا آهن
۽ ڪنهن جا سنگتي ساٿي
نہ ٿيندا آهن؛
۽ نہ چنڊ
لهر ۾ ترسندو آهي،
جي لهر ان سان
لَنوَ لڳائي
تہ اها چنڊ جي اُبوجهائي چئبي
يا لهر جي
اُبهرائي چئبي.
پيار رڳو ڪِن لاءِ ٿيندو آهي
ان جي امرتا لاءِ
اَجائي
پٺ ڪوهہ نہ ڪَر!

Gul Hayat Institute

•

تون چاتي سمجهين
مان توکي وساري سگهان ٿو!
مان پنهنجو سڀ کان خوبصورت شعر
وساري سگهان ٿو،
پر توکي وساري نہ ٿو سگهان،
ڇو تہ تنهنجا لب ۽ رخسار
بہ اُنهيءَ شاعريءَ جو
حصو آهن،
جنهن هيءَ ساري ڪائنات تخليق ڪئي آهي،
محبت پايندگي کان وڌيڪ پياري آهي.
مان ڄاڻان ٿو
تہ ڪنهن وقت تون نہ هوندينءَ
۽ بسنت جي هير توکي ڳوليندي وَتندي،
۽ چَنڊُ آسمان ۾
سرگردان هوندو
تہ ڪنهن بادل کان
تنهنجو پتو پُڇي،

Gul Hayat Institute

پر تون جا مٺيءَ جي امانت آهين،
ان ۾ خيانت تہ مٺي بہ نہ ٿي ڪري سگهي،
ها منهنجي شاعري
سُس پُس ڪري چنڊ کي چَؤندِي،
”تون جنهن کي ڳولين ٿو
”سا مون ۾ آهي
”اها ٻي ڳالهہ آهي تہ تون
”هُن کي ڏسي نہ ٿو سگهين.“
تون تيستائين زنده رهندينءَ
جيستائين منهنجي شاعري زنده آهي،
۽ تون اطمينان ڪَر،
تہ منهنجي شاعري نہ مَرندِي،
۽ تون اُن ۾ زنده رهندينءَ.
منهنجي شاعري
تنهنجو آئينو آهي،
جنهن ۾ تنهنجي صورت
سدائين رهندي.

Gul Hayat Institute

•

نہ ڄاڻان
جرمنيءَ جو عظيم شاعر
گوئٽي
پاڻ کي هُد هُد ڇو چوندو هو؟
شايد هُن جو توريت ۽ اِن اسرائيلي روايت ۾
اعتبار هو
تہ هد هد سليمان جا پيغام سبا کي پهچائيندو هو:
هُد هُد جو
ان سلسلي ۾ ذڪر
تہ اسانجي صحيفي ۾ بہ آهي،
پر مون کي اها تشبيهہ ادب ۾ ڏيٺي هجي ها
تہ اها
پنهنجيءَ شاعريءَ سان ڏيان ها
جنهن جون ڪيئي سبائون هيون،
۽ جن لاءِ
ملاقات کان اڳ
منهنجي تصور
نوان نوان تخت گهرايا ها
جيئن سليمان سبا لئہ
هُن وٽان گهرايو هو!

Gul Hayat Institute

●

چا گوشہ نشيني
اِن ڪي چئبو آهي
جا مون اختيار ڪئي آهي؟
چا هيءَ ئي منهنجي جنت الارضي آهي؟
پو هتي جيڪا بہ حوا جي پوٽي اچي ٿي
پنهنجو پاڻُ پَن سان ڇو نہ ڍڪي اچي ٿي؟
تون جنهن ميوي جي منع ڪئي هئي
توڙي مون اُن مان ڍؤُ ڪيو آهي،
تڏهن بہ اجا منهنجا هٿ اُن ڏانهن وڌن ٿا،
مان اُهي
پنهنجي جد – امجد وانگر
روڪي نٿو سگهان!
يا الاهي!
مان اجا تائين اهي روڪي نٿو سگهان!

Gul Hayat Institute

- خدا کان وڌيڪ تہ ڪوئي بہ خوبصورت نہ ٿي سگهندو، پر تون بہ گهٽ نہ آهين!
- ”چنڊ جي صورت چڱي آهي يا سيرت چڱي؟“

مون درياهہ جي ڇولين کان پڇيو.

”صورت جي باري ۾ تہ بہ رايا ٿي نہ ٿا سگهن“ ڇولين وراڻيو. ”باقي رهي سيرت، سو پهرين ڏسون تہ اسان سان ڪيستائين ساٿ ٿو نڀائي“.

- مون توکي چنڊ سمجهيو هو پر مون کي اِها خبر نہ هئي تہ چنڊ رڳو درياهہ جو ساٿي ئي نہ آهي، اُن جو پاڇو گٽر ۾ بہ پوي ٿو!
- اڳي مُنهنجا چَپ پيار جون ڳالهيون ڪندا ها، هاڻي رڳو اکيون ڪنديون آهن.
- ڪرشن کي بنسري جو سهارو ڇو وٺڻو پيو؟ شايد هُن کي سُريليون اکيون نہ هُيون!
- هر عشق دوستي آهي، هر دوستي عشق نہ آهي.
- پکي پنهنجا فقط عشق ۾ ٿي سگهندا آهن.
- مون ڪڏهن ڦول، ڪڏهن چَنڊ، ڪڏهن سُڳنڌ جي جهونڪي، ڪڏهن رابيل، ڪڏهن گلاب، ڪڏهن بسنت سان توکي تشبيهہ ڏني هئي پر زندگيءَ جو انت تہ پيري آهي، موت آهي، اُها ڪڏ آهي جا سڀ کي ڳرڪائي وڃي ٿي. ايئن آهي تہ پيريءَ جي پيار

Gul Hayat Institute

۾ رحم آهي، همدردي آهي، اُڪير آهي. پر ڪڏهن تہ اُها بہ ڇجي وڃي ٿي ۽ پنهنجي اڳينءَ پياريءَ ڪي تڪي ٿو ڏسجي تہ هيءَ ڪير آهي؟ ڇا انهيءَ ڪان مون چُميون ورتيون هُيون؟ انهيءَ ڪي آغوش ۾ آندو هو؟ انهيءَ لاءِ تشبيهون ڏنيون هيون؟ ڇا اِها منهنجيءَ حيات ۽ ڪائنات تي ڇانئجي وئي هئي؟ هن جو چهرو ساڳيو نہ رهيو آهي! هن جي چنڊ سان يا رابيل سان ڀيٽ ڪئن ڪَري سگهبي؟ ۽ ان جي طبيعت ۾ عمر ڦيرو آندو آهي ۽ هن ۾ پيار بہ ايئن ختم ٿي ويو آهي، جيئن هر شيءِ قدرتي طور ختم ٿي وڃي ٿي. ها، پيار بہ مَري وڃي ٿو ۽ ان لاءِ تاج محل جي ضرورت محسوس نہ ٿي ٿئي! ڪيترو نہ خوشنصيب هئي انارڪلي جا جوانيءَ ۾ پٽ ۾ پوري وئي هئي!

- رني ڪوٽ ڏانهن ويندي صديون پراڻا ڇوڏا نظر ايندا آهن جي سخت پٿر ٿي چڪا آهن. تو منهنجي دل بہ ايئن ڪري ڇڏي آهي!

Gul Hayat Institute

- منهنجي تو سان دل ايئن ٿي وئي آهي جيئن ٻڙ جون ٻَ وليون هڪ ٻئي مٿان وَري، ڳنڍجي ويندون آهن ۽ انهن مان ڪوئنچَ ڦٽي نڪرندا آهن.
- تون وارَ ڪارا ڇو ٿي ڪَرين؟ تُنهنجا اڇا وار مون کي ياد ڏياريندا آهن تہ اسان زندگي گڏ گذاري آهي. اهي ڪارا وارَ توکي اوپرو بڻائي ٿا ڇڏن.

- توکي اها شڪايت آهي تہ توسان منهنجي سڄي زندگي گذري وئي، مون توسان عشق نہ ڪيو! چَرِي! عشق جي زندگي تہ پوپٽ جيتري ٿيندي آهي. جي مان توسان عشق ڪيان ها تہ توسان سڄي زندگي ڪيئن گذاري سگهان ها! عشق تہ جذبو آهي، جُڇڪي آهي، جولان آهي جو ٻَنا تہ ٽپي ويندو آهي پر جلد ئي ٿڪو ڏئي ڪِرندو آهي ۽ اُن جي ٻِڇِي نہ تہ تنگ ضرور ٽٽندي آهي.
- هوءَ موڪلائڻ وقت مايوس ٿي وئي پر مون هن سان کِلي موڪلايو. ممڪن آهي تہ اسان وري نہ ملون پر پو بہ کِلي موڪلائڻ چڱو آهي، زندگيءَ کان موڪلائيءَ وقت تہ ويتر چڱو آهي.
- تون بيمار ٿي پئي آهين ۽ مون تنهنجيءَ صحت لاءِ دعا جا هٿ کنيا آهن. دعا، جنهن جو ڪيتري وقت کان خدا کي انتظار هو، مسترد ٿِي نہ ٿِي سگهي.
- مان شيريٽن هوٽل ۾ چاءِ پي رهيو هوس. هوءَ پريان ٻيءَ ميز ڏانهن وڌي رهي هُئي. ”اڙي هيءَ تہ فلاڻي آهي!“ مون دپيل رڙ ڪئي. ”پر فلاڻي تہ ڏيهہ سال اڳي ايئن هُئي! هوءَ فلاڻي ڪيئن ٿي سگهي ٿي!“ مون مايوسيءَ سان سوچيو ۽ پوءِ عينڪ اکين مان لاهي، رومال سان اُن جا شيشا اگهي وري پاڻ ۾ پنهنجي غلطيءَ تي هڪ ٿڏو ساهہ پريم.

Gul Hayat Institute

- موت جون وَر وَڪڙ گهـتيون گهُمندي، تون مون کي روبرو ملي وئينءَ پر تو مونکي ڪونہ سڃاتو.
- مون تہ تُنهنجي مير وانگر پرستش ڪئي هُئي، تون سيني جي نظر ۾ خدا ٿينءَ يا نہ!
- پهريون ڀيرو تہ تون مونکي اُهو محبوب ملي آهين، جنهنکي بدلائڻ جي ضرورت نہ ٿي پوي!
- تون هزار صورتن ۾ مون وٽ آئينءَ، پر مان هڪ جهلڪ مان توکي سڃاڻي ورتو.
- تنهنجيءَ ڪچ ۾ هي رابيل جهڙو بار ڪهڙو نہ چڱو لڳي رهيو آهي، تون جا خود شاخ وانگر لڏي رهي آهين.
- اي گلاب جا گل! ڪيتري وقت کان تنهنجي سُڳنڌ اچي رهي هئي ۽ مون چاتو ٿي تہ ڪنهن وقت تون منهنجي هٿ ۾ هوندين!
- اي سُڳنڌ! مون توکي پريان ئي سڃاڻي ورتو تہ منهنجيءَ ٿاريءَ ۾ ڪڙڻ ٿي چاهين ۽ توکي ان تي رشڪ نہ ايندو تہ اِن ٿاريءَ ۾ ڪيئي گل ڪِڙي، ڇڙي ويا آهن.
- منهنجي محبوبا! تون ڪٿي آهين

مان هن خوبصورت ڪائنات ۾/ توکي تنها ڳولي ٿڪجي پيو آهيان،

مان جو هڪ آواره گرد آهيان

۽ پنهنجي گهر ڏانهن تو طرف موٽي آيو آهيان.

(لنڊن جي هڪ يادگيري)

Gul Hayat Institute

- چا محبت چڱي آهي يا ساري زندگيءَ جي رفاقت چڱي آهي؟ ٻڙ ۾ گل نہ ٿيندا آهن پر ٻي وڻ کان پائيدار ٿيندو آهي، جو مُند تي رنگ وبو سان جهنجهي ويندو آهي.
- اي خوبصورت ڳاڙها ڳِنا! جڏهن تون لڙڪي پَوين، تڏهن مون کي سڏجانءِ!
- اي خوبصورت عورت! تنهنجي جواني مُڙي چڪي آهي پر مُنهنجي شاعريءَ ۾ اجا خوبصورت آهين.
- منهنجي شاعري اُهو آئينو آهي، جنهن ۾ تُنهنجي چهري جا گهنج نظر نہ ٿا اچن.
- تون ناز چا تي ٿي ڪرين؟ تون تہ نياز ڪَرين تہ بہ قابل - قبول نہ آهين!
- ڪيڏو پَري هوندي ويجهو هوندي هئينءَ؟ اڄ تہ مان تي - ايس - ايليٽ وانگر ٿيمس نديءَ تي ڪوهيڙي ۾ ڏسي رهيو آهيان ۽ تون پاڻيءَ تي ڪشتيءَ وانگر گم ٿي وئي آهين!
- معصوم شاهہ جي مناري تي ڏاڪا چڙهندي مان ساهي پٽڻ لاءِ هڪ هنڌ ويهي رهيس تہ هوءَ مون کان ڪجهہ ڏاڪا هيٺ ويهي رهي. شايد هن سمجهيو تہ مٿي چڙهندس تہ هي ڀاڪر ۾ جڪيندو. ان کانپوءِ ڪائي اڻ- ورتل چُمي مناري جي ڏاڪڻ تي اجا تائين هيٺ مٿي وچي رهي آهي ۽ هُن جا چَپ ڳولي رهي آهي.

Gul Hayat Institute

- چنڊ ته لـَڪي، انڌيري ۾ گُمر ٿي ويندو آهي. تون منهنجي شاعريءَ لاءِ سدائين چوڏهينءَ جو چنڊ آهين، جنهن لاءِ اماوس جي رات نه اچڻي آهي.
- ڇا مون سان چار گهڙيون توکي مهانگيون پيون آهن؟ مون ته توکي اَمرتا ڏئي انهن جي قيمت چُڪائي آهي.
- ڪيدوءَ جي جوءِ! ڇا تون ئي رانجهوءَ جي جهنگ سيال واري هير آهين؟
- جيڪي سچ پچ عشق ڪندا آهن، سي انارڪليءَ وانگر جيئري پورايا ويندا آهن.
- عاقل خان سان گڏ زيب النساءِ مخفيءَ جا گهٽا پُٽ ديڳ ۾ رَجهي ويا هوندا؟!
- تو سمجهيو ته تون ايڏي سُهڻي آهين! ڏسُ، خدا مون ڪان هڪ گُل ڪِسي مون کي پوري قُلوازِي ڏني آهي!
- ڇا تو ڪڏهن پوپٽ کي گُل پٽيندي ڏٺو آهي؟
- پيءُ ماءُ کي تارازيءَ ۾ ويهاري ياترا ڪرائڻ وارا فقط لوڪ ڪٿا ۾ آهن.
- جيئن شفاف جَر ۾ پکيءَ جو عڪس نظر ايندو آهي، ائين متان منهنجين اکين ۾ تنهنجو عڪس نظر اچي! ان ڪري مان تو ڏانهن ڏسان نه ٿو.
- دل ۾ آيو ته سُوبٽ تي دم- عيسيٰ ڦوڪي هن کي پوپٽ بڻايان، پر پوءِ ڪجهه وقت مون هُن کي ترِيءَ

Gul Hayat Institute

تي ڪٽي اُس ۾ رکيو، ٿوريءَ دير ۾ هن پر کولييا ۽ مون کي ڏسڻ کان سوا اُڏامي ويو.

- جوانيءَ جي الهڙ اکين ۾ ڪيترو نہ اعتماد هوندو آهي، يقين هوندو آهي ۽ اها غير يقيني نہ ڏسي سگهنديون آهن جا تجربي ۾ هوندي آهي!
- شل توکي خدا جواني بخشي ڏي، تُنهنجي حُسن کي نُهند بہ نہ اچي! مان زندگيءَ کان پنهنجي حصي کان بہ گهڻو وني چُڪو آهيان. وڌيڪ هَوَس رڳو مون لاءِ شرمندگيءَ جو باعث آهي. مان توڏانهن هَٿُ، هَٿ چُراند لاءِ نہ وڌائي رهيو آهيان، دعا لاءِ وڌائي رهيو آهيان.
- هَوسَ جو پيالو ڀَرجي نہ ڀَربو. بس گهڻو پيتو اٿي، هاڻي بس ڪر!
- ڪنهن جي مٺي تي هٿ گهمائي ڏس! ساري ڪائنات تنهنجي هٿ ۾ اچي ويندي.
- مان پليٽ فارم تي بَتي جهلي بيٺو آهيان. هر گاڏيءَ جي دريءَ مان تنهنجو منهن نظر اچي رهيو آهي.
- اي وڏيون اکيون! حياءَ سان ئي چڱيون ٿيون لڳو، نہ تہ اوهان کان بہ وڏيون اکيون ڳئونءَ جون هونديون آهن.
- توکي ايترو ناز ڇا تي آهي؟ ڇا تون منهنجي شاعريءَ کان وڌيڪ خوبصورت آهين؟ تنهنجون ڇاتيون تہ ڪڏهن ڇٽي پونديون پر منهنجون سٽون ساڳيءَ طرح تاٽيل ڪمان وانگر هونديون.

Gul Hayat Institute

- پيار؟ ڪهڙو پيار، اوشو! انسان جي پيار جي ڳالهہ ٿو ڪَرين؟ ڪنهن پَسونءَ جي ڳالهہ ڪرين ها تہ دل سان لڳي ها!
- عشق توکي نيون اکيون، نوان ڪَن ۽ نئين زبان ڏيندو، تون ڪنهن سان عشق ڪري تہ ڏس!
- اينترو عشق بہ نہ ڪر! متان فرشتا توسان حسد ڪرڻ لڳن!
- عشق ڪيئي پيرا نہ ڪبو آهي. معشوق ڪيئي هوندا آهن، عشق هڪ هوندو آهي.
- عشق ڪنهنبي مان گڏي نـاهيندو آهي، پوءِ ان کي چِني ڦاڙي ڇڏيندو آهي.
- اي حُسن! تون گُل نہ ٿيءُ! تون پوپٽ ٿيءُ!
- ڪير سهڻو آهي، تون يا چنڊ؟ مان نٿو چاهيان تہ تون پنهنجي ساراهہ پاڻَ ڪر! مان اِهو سوال چنڊ کان ٿو پڇان؟
- چاهيان ٿو تہ توکي موت کان اول پويون پيرو ڏسان! شايد ٻي جنم ۾ توکي سڃاڻي سگهان!
- پهرين عورت جا منهنجي زندگي ۾ آئي، ان جو نالو گارگي هو ۽ گارگي ڪاليَ جو بيو نانءُ آهي. گُنا! توسان مان اها ڳالهہ ڪيان ٿو ڇو تہ تو بہ مون سان اهڙي ڳالهہ ڪئي هُئي افسانوي انداز ۾! *

* گُنو- گنوسامتاڻي، سنڌيءَ جو مشهور ڪهاڻيڪار.

Gul Hayat Institute

- آچ! مونکي موت جو بہ ايترو انتظار نہ آهي، جيترو تنهنجو آهي.
- اي پڪل، رسيل انب وانگر عورت! منهنجا چَپ تنهنجا ڪيڏا عادي ٿي ويا ها! هاڻي جڏهن تون نہ آهين تہ اهي مطلع جي قافين وانگر هڪٻئي سان ملي نہ ٿا ملن ۽ زندگيءَ جو غزل پورو ٿي نہ ٿو ٿئي!
- هي تنهنجي سکي، جا سئفو جهڙي شاعره آهي، مونکي ايترو وڻي جو مون تنهنجي محبت سان خيانت ڪئي. خيانت ڪانسوا محبت اجائي آهي. هاڻي تون مونکي اڳي کان وڌيڪ ترو تازه ٿي لڳين ۽ منهنجي محبت توسان وڌي وئي آهي.
- اي سانوڻ رات! هوءَ جڏهن پيار ۾ پرجي ويندي آهي، توکان وڌيڪ ڀرپور لڳندي آهي!
- ڇوري! اهي بہ انب لڪاءِ! طوطن کي ٽُڪڻ جي عادت آهي.
- تون جا سِيم بر بہ آهين ۽ برسيم وانگر نرم ۽ نازڪ بہ آهين. تون آءُ تہ توکي هِير وانگر چُميون ڏيان!
- مٺان ڄامشوري ۾ سنڌوءَ جي ڪناري تي وڃين! هوءَ توکي پاڻيءَ جي لهر لهر مان گهوريندي ۽ ميارون ڏيندي!
- راڌا! مون وٽ ڪيتريون گوپيون ٿيون اچن، پر منهنجي بنسري توکي ڳولي رهي آهي.

Gul Hayat Institute

- اي هرڻي! منهنجو وقت ڪيترو بي مزي ٿو گذري، تون ڪهڙي رڻ ۾ ڇُپي وئي آهين؟
- ڇا مانِ تنهنجي گجَ ۾ فقط هڪ شيشو آهيان؟
- اي منهنجي محبوبا! تون انجيل واري مرِ ۽ لوبان ته نه آهين؟ تنهنجا انجير ڪيترا نه رسيلَ ۽ پرڪشش آهن! تنهنجو آواز سليمان جي گيت مان ته نه اُپريو آهي؟ منهنجي شاعريءَ لاءِ تنهنجو سارو وجود الهام وانگر آهي.
- رحيم خان خانان! مون تنهنجي شعر ڪي ڪيئي پيرا آزمايو آهي. انسان سان 'من تو شدم' واري ڪيفيت ناممڪن آهي.
- موت! تنهنجو اصل نالو ته انتظار آهي، توتي هي ٻيو نالو ڪنهن رکيو آهي؟
- تون منهنجيءَ شاعريءَ جي پرت ۾ رڳو هڪ سڳو هئينءَ: پاڻ ڪي ايڏي اهميت به نه ڏي!
- مون تولاءِ ساري ڪائنات غاليچي وانگر پٿاري ڇڏي آهي. تون اُمراءُ جان ادا وانگر اچ ته سَهين! تون نچ ته سهين!!
- فرعون! تون ڇا ڄاڻين؟ عشق نيل درياهه ۾ نه ٻڏندو آهي.
- علامه اقبال! عشق ته رازيءَ ڪيو هو، روميءَ ته فقط مثنوي لکي هئي.

Gul Hayat Institute

- چنڊ! تون نديءَ جي پاڻيءَ ۾ ڪيڏو نه وڻندو آهين؟ ڪڏهن پاڻ کي منهنجن ڳوڙهن ۾ به ڏس!
- عشق عشق کي چڪي ٿو، حسن عشق کي نٿو چڪي.
- وارَ ايئن ته نه ڇوڙ! گهٽائون مچرجي نه پوَن!
- پياري! تون رڳو منهنجي شاعريءَ ۾ آهين، مون ئي ته توکي بقا ڏني آهي! مون کان ٻاهر توکي فنا جون تيز هَوائون اڏائي وينديون!
- ڇَري تو مُنهن ورائي به نه ڏنو آهي! مون تُنهنجي چوٽيءَ جي سڳين ۾ هيءَ ڪائنات ٻَڌي ڇڏي آهي!
- تون ڪڏهن موٽي ايندينءَ؟ رابيل ٽڙيا آهن ۽ اُنهن جي خوشبو تنهنجو انتظار ڪري رهي آهي!
- جڏهن مون هن گهر جا سڀ دروازا کولي ڇڏيا ها، تڏهن تون ڪٿي ڪونه هئينءَ ۽ جڏهن کان مون اهي اندران بند ڪري ڇڏيا آهن، تون جتي ڪٿي آهين!
- جڏهن کان تنهنجي ياد جو دل ۾ غاليچو پٿاريو آهي، پير ڌرتيءَ تي نه ٿا ٽڪن!
- تون چنگ چڙي جي لار آهين! تون مون کي ٻوڙي مارينديںءَ؟
- محبت رڳو انسان سان ٿيندي آهي. خدا سان ته رڳو عقيدت ٿيندي آهي.
- تون انسان آهين يا عاشقي آهين؟
  ڇا عاشقيءَ کي به رنگ روپ ٿيندو آهي،
  ويس وڳو پيو هوندو آهي؟

Gul Hayat Institute

- سسئي! ڇا تون منهنجي من ڪي پنهونءَ جي پَهراڻ وانگر ڏوئي سگهندينءَ؟
- تون ڪائنات ۾ هڪ ئي سهٽي ته نه آهين!
مون ۾ تنهنجو پارُ اينترو ڇو ٿو ٻُري؟
- سومل! تون ڏاگهه تي ڇو نه چڙهندينءَ؟
ڇا مومل جي بدن مان توکي ڪجهه راڻو حصي ۾ نه مليو هو؟
- هوءَ اڃي رهي آهي، جنهن کي رباني ’چوب چيني‘ چوندو هو. هاڻي ته هُو انب جي ڪوماٽل ڪانيءَ وانگر ٿي ويئي آهي، نه ڏارڻ جي، نه ٻارڻ جي ۽ نه ان ۾ انب ئي آهن.
- ايڏي ڇَٽ نه ملاءِ! مونکي ڪرشن وانگر نيرو ڪري نه ڇڏين!
- هَٽُ هَٽُ! ويل وِڃائيءِ. هوءَ ڪَڪرَ ڪارونيار ٿي آئي هئي، تو هن کي ڏڪاري ڇڏيو!
- ”بيڪس! توکي ماڻهوءَ ۾ خدا ڏيکاريان؟ چگو مون سان جيپ ۾ چڙهه!“
- بابَل! مون تنهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو هو؟
هي ڪَپُر ڇو پنڊي ۾ بند ڪري، منهنجي ڏوليءَ ۾ رکيو اَٿئي؟
- آءُ ته ٿالهي وڃائي، جاهي کي چانڊوڪيءَ ۾ نچايون!
توکي خدا ۾ اعتبار ته اچي ويندو ۽ رقص ڏسي مونکي

Gul Hayat Institute

ڪائي نِرتڪي بہ ياد اچي وينديِ، جا بـمبئيءَ ۾ مون ڏانهن پاڻ وڌي آئي هئي ۽ مـونکي چيـو هيائين تہ "مان فلاڻي آهيان".

- ڪنوار! گهـونگهـٽ هَٽـاءِ تہ ڏسان تہ تـون ڪيـتـري خوبصورت آهين؟ ماڻهو توکي بي دنيا چون ٿا!
- اي حـقـيـقـت! تون تہ اجان تائين مـون لاءِ مـجاز جي لـبـاس ۾ آهين. توکي گـربيءَ جي سـٽـڻ پيئي آهي ۽ تنهنجي ازاربند ۾ مهلب ۽ ڪپور ڪُچڙيون ٻڌل آهن ۽ تنهنجي چوٽي ۾ رابيل جا گل مهـڪي رهيا آهن. اي حقيقت! ڪاش تون ايئن هجين جيئن مـون توکي ننڍي ۾ هڪ رات ڏٺو هو.
- تون هوا جو جهـوٽـو هُئينءَ، آئينءَ ۽ هلـي وئينءَ؟ هـوا جي جهوٽي کي موٽئي جو گُل روڪي تہ نہ سگهندو آهي! ها اُن جي سڳنڌ ۾ اُنهيءَ هوا جي جهوٽي جي سار ضرور هوندي آهي، جنهن جي گهُلندي اُهو ٽڙي پوندو آهي.
- جي عشق بي ثبات نہ هجي ها تہ اُهو آبِ حيات جي ڍُڪ وانگر تنگ ڪري وجهي ها!
- مان چوان ٿو وڃ، ڀَلي وَڃ! منهنجي شاعري ۾ تنهنجا لنبا وار وچڙي ويا آهن. اهي ڇڏائي سگهين تہ ڀلي وڃ!
- مـان ڄاڻان ٿـو تہ تـون منـهـنجي شـاعـريءَ جي تخليق آهين، پر منهنجي توکي اجازت آهي تہ تون پنهنجي

Gul Hayat Institute

خالق کان انڪار ڪري سگهين ٿي.

- حسن کي خدا سان رقابت ٿيندي آهي. گهٽ ۾ گهٽ شاعري ۾ ته ٿيندي آهي.
- رقاصا! ڇا تون مونکي ايترو اَپنائي سگهين ٿي جو مان تو ۾ رقص ڪري سگهان؟
- ’مينون رُنڙا يار مناوڻ دي‘ اها سٽ ڪنهن جي آهي؟ ڇا ان کان وڌيڪ پياري سٽَ ڪوئي لکي ٿو سگهي!
- ڊيٺ! مرِون! تون استريءَ کي فقط تئونري ٿو سمجهين يا چِتائِي ٿو سمجهين؟ استريون ديويون ٿينديون آهن، دالان جي چڪ ۽ در جو پائدان نه ٿينديون آهن.
- هوءَ آئي، هَلي وئي پر منهنجي ڪمري ۾ اجا موتئي جي مهڪ آهي.
- هي وار، چڻ ته سانوڻ جون گهٽائون! ۽ هي منهن چڻ روهيڙو ڦٽو آهي!
- چِلي بادامي! توکي مون لاءِ خدا چِلي موڪليو آهي.
- شايد تون چَنڊ وانگر آهين. چَنڊ به هڪ هنڌ نه بيهندو آهي!
- ايڏو رُنـي آهين؟ تون ته اجا منهنجن تـُنرن ۾ تَري رهي آهين!
- وِج، موتي وَج! تون مون سان ساٿُ ڪٿي رکي سگهندينءَ؟ مان ته ان واديءَ ڏانهن وجي رهيو آهيان جتان ڪوبه نه موٽيو آهي!

Gul Hayat Institute

●

تو ڪيرڙ تي
گڏ ڪي گوليءَ تہ هنئي
پر ان گوليءَ
جيڪو گهاءُ ڪيو
سو
تو ڏٺو؟

●

سَرءُ جي ٽپهريءَ ۾
وڻن تان
ڪانو اُڏامندا آهن
۽ شور ڪندا آهن
اُن آکيري لاءِ
جو هُن ڪان وڃائجي ويو آهي.

●

راجستان ۾
مون اُن واريءَ ڪي

Gul Hayat Institute

چميو هيو،
جيڪا ٿر ۾ بہ ڦهليل آهي
۽ ستارا ٿي
جهُڙالي آسمان ۾
چمڪي رهي آهي.

- مان ٺي تہ هيءَ ساري ڪائنات آهيان. هي سج ۽ چنڊ مون ۾ ٺي اڀرن ۽ لهن ٿا ۽ ڏينهن رات منهنجي ٺي وجود جو حصو آهن!
- سج لهي رهيو آهي ۽ نديءَ کي سجدو ڪري رهيو آهي، ندي جا هن کي پاڻ ۾ سمائي ڇڏيندي.
- چَنڊ ڪُونيت مٿان پيامبيءَ وانگر وڃي رهيو آهي. نہ ڄاڻان پاڻ ۾ ڇا ڳالهائن ٿا؟ ڇا ڇپن کي بہ ڪَن ٿيندا آهن، ڇا ڪارونجهر اُنهن کي ٻُڌي سگهي ٿو؟
- پاڻيءَ ۾ سج ۽ چنڊ، اُهي مڇيون آهن، جي هر اوجهاڻ مان ترڪي وينديون آهن.
- هيءَ مهاڻي ڪيڏي نہ خوبصورت آهي، توڙي هن کي مڇيءَ جو هڪ ٻيرو بہ نصيب نہ آهي.
- اي نوريئڙا! تون ڄاڻين ٿو تہ تون اهي نموربن ڪُنري ڪيترا وڻ ناس ڪري رهيو آهين؟
- هيءَ ڳوٺ ڪيڏي نہ خوبصورت آهي پر ان جي خوبصورتي ويجائڻ لاءِ توکي پيبل جون اکيون گهرجن.

Gul Hayat Institute

- وڳر ايـندا، وڳر ويـندا. هـا، پـر اُنـهـن کـي روهـہَ جون راتيون ياد رهنديون؟
- چوڏس رات جاهي کي نچندو ڏسندين تہ توکي اُلوهيت جو احساس ٿيندو.
- جُهڙَ ۾ اَڪ جون نيرڙيون ڦلڙيون تہ پياريون آهن، پر موت بہ ڪو اُس ۾ ٿوهر جا ڪنڊا نہ آهي!
- هو بوٽيندو وڃائي رهيو آهي ۽ شام جو سج تعجب ۾ هيٺ لهي هن کي ڀڃي رهيو آهي.
- (هڪ تصوير):-

جُوئَر ڏَڍي ۾ آهي ۽ بارڙو ڏاڏي جي ڏَڍِيءَ تي چڙهي ڪاني مان سَنگُ پَٽي رهيو آهي! ڪوئي جِهرڪ پَڙڪو ڏئي اڏامي ٿو. نہ ڄاڻان اُن جي اکين ڇا ڏٺو آهي؟

- ڇهينءَ جو چنڊ نيري آسمان ۾ ايئن بيٺو آهي، جيئن ماڙيچاٽيءَ جي هٿ ۾ مٽي مَٽان ڪاٺ جو ڦٽوٽو هوندو آهي.

(پڊ عيدن جي ڊائري)

- هائو انسان کي سمجهہ آهي پر اهو ڪيئن ٿو چئين تہ هو انهيءَ ڪري ٻيءَ مخلوقات کان بهتر آهي؟ ڇا ڪئليءَ ڪڏهن پنهنجي ڪَڻ ٻيءَ ڪئليءَ کان لڪائي آهي؟ ڇا ڪنهن پکيءَ ٻئي پکيءَ کي ڪڏهن چيو آهي تہ تو منهنجو ميوو ڇو چڇريو آهي!
- ڇا ايڏي ستم ڪيشي چڱي آهي؟ پوپٽ جي سامهون

Gul Hayat Institute

گل پٽي رهيو آهين!

- رڳـو تون ئـي ٿـو اُن ڪي سچو چوين نـہ تـہ نرگـس جـو گل انڌو آهي! توڪي اها ڳالهہ ڪنهن پوپَٽ تـہ نـہ ڪئي آهي؟
- املتاس جي گُل تي هجي يا ٿوهر جي شاخ تي، زندگي آهي تہ ڦـڙو ماڪ جو، جيڪو صرف سج اُبار تائين آهي!
- درياهہ چنڊ ڪي پيرين پوندو آهي تڏهن بہ رڳو ان جو عـڪس پائـي سگـهندو آهي. چنڊ ڪي تـہ ڪارونـيار ڪـڪر بہ پائي نہ سگهندا آهن ۽ هو پنهنجي راهہ تي رمندو رهندو آهي.

اِها بي ڳالهہ آهي تہ ڪنهن ڪنڊيءَ جي شاخ ۾ هن جو پاند اٽڪي پوندو آهي. پر اُن کان بہ پاڻُ ڇڏائي ويندو رهندو آهي. دنـيا جا سارا رابيـل جا گُل هن کي خريد ڪري نٿا سگهن، نہ ڪائي خوشبو اُن لاءِ چار وچائي ٿي سگهي.

چنڊ ڪويل جي ڪُوڪَ وانگر هوندو آهي. اُن کي ڪوئي بہ پنهنجي دام ۾ نہ آڻي سگهيو آهي، نہ آڻي سگهندو؟

- پٿر، چپ َمان ڇجي، پهاڙ سان ٽڪرائيندو اچي هيٺ ڪريو. مون ٿڌو ساهہ پري چيو: ”هن جون چنتڙيون لتيون تہ پرواهہ نہ آهي، آزاد تہ ٿي ويو“ !
- ساندو ماٺهوءَ کي پنتي گهوري ٿو ڏسي ۽ سوچي ٿو هن مونکي بي سبب پٿر چو هنيو؟

Gul Hayat Institute

- چَنڊُ بگهڙ جي اکين ۾ به چمڪندو آهي ۽ سَهي جي اکين ۾ به چمڪندو آهي، پر بگهڙ جون اکيون سَهي ۾ ڪُتل هونديون آهن.
- اي ڪارونجهر جي هيٺان تلاوَ! تو ۾ ڪنهن مور جو عڪس پيو آهي؟
- هيءَ ڪئلي به پنهنجي ڪنبَ ۾ نازنين هوندي! ڇا نه سُبڪ رفتار وچي رهي آهي!
- ڇا هُڙيا نند ۾ گولاڙا ڏسندا آهن يا پيو ڪجهه؟
- غصي ڪي ڇڏا! موتي آءُ! ڏِسُ سِجُ سمنڊ ۾ ٻڏي رهيو آهي؟
- اي خوشبو! مان توکي گل ۾ موٽائي سگهان ٿو!
- اي سڳنڌ! تون هِن ول جي امانت آهين، پر مان اُن جي سخا کي روڪي به نه ٿو سگهان!
- اي من، اٿي جاڳ! ڏس پرهه جا پکي اُٿيا آهن ۽ اُن جي حمد و ثنا ڪري رهيا آهن، جنهن ڪين هڪ نئون صبح ڏيکاريو آهي ۽ جهرَٽا به پنهنجي پُڻ پن ۾ چئي رهيا آهن ته ڪين هڪ پيو ڏينهن مليو آهي جڏهن هو پانڌيئڙن جي پياس بجهائي سگهندا ۽ دَرخت انهن جي گونجار تي جهومي رهيا آهن ۽ سوچي رهيا آهن ته ڪنهن ڪنهن تي ڇانوَ ڪري ڪنهن ڪنهن جو ٿَڪُ پيچي سگهندا؟
- ڏسين ٿو؟ صبح جي صراحيءَ مان سج انگوري

Gul Hayat Institute

شرابَ وَانگر پيئجي رهيو آهي!

- ســانــوڻ، ايڏو وســيــو آهين جو هــن جون انبــڙّيون، ڏوڀِي، سايون چَهچُ ٿِي ويون آهن!
- سانوڻ! ايڏو تہ نہ وَس! منهنجي محبوبا سَاري ڀڄي وئي آهي ۽ هُن جو چولو هُن جا اُرهہ پسائي رهيو آهي.
- سانوڻ! ايڏو تہ نہ وِس! هُڻ جي وڻ ۾ پَڪا اَنب ڀڄي ويا آهن.
- توکي هِن پوپٽ جي رَنگن کان وَڌيڪ خدا جو ٻيو کهڙو ثبوت گهرجيِ ٿو؟
- جي مـان چوان تہ جهـرڪيءَ کي آڪـيـرو ئـاهـڻ خدا سيکاريو آهي تہ ان ڳالهہ جي ان کان وڌيڪ کهڙي سَؤلِي سمجهاڻي ٿي سگهي ٿي!
- ماڪيءَ جي مَک گلابَ تي اُڏري آئي آهي.
  مَتان هن کان هُن جو رزق کَسين!
- ماڪيءَ جو مانارو نہ ڍاهہ! لکين گل جڏهن رَتُ ڏيندا آهن تڏهن مانارو ٺهندو آهي.
- ڏس، اَنبَ ٻُور سان ٻوڪِيا آهن ۽ ماڪيءَ جون مکيون اچي کَنيـون ٿيون آهن ۽ مون ۾ وديا پنيءَ جي آتما کَر موڙي رهي آهي!
- هر وڻ منـصـور هـونـدو آهي، جڏهـن مـاڻـهـو اُن کي وَڍيندا آهن.
- جيـتـرو ئـي مـاڻهـوءَ جو ٻاهر ڏٺو مُٺو، صاف سُٿـرو

Gul Hayat Institute

آهي، اوتروئي هن جو اندر پلپلو آهي، ڪينئَرو آهي.

- ڇا بنياد پرستن سان الوهيت، ڪائنات، مخلوق ۽ روح جي موضوعن تي اوهان متفق ٿي سگهو ٿا؟ اوهان ڀِٽائي، سچل، ۽ ڪنڊڙيءَ جا فقير پڙهيا آهن، تن کان قونيا جا رومي ۽ شمس تبريز ڇا ڪنهن طريقي مختلف آهن؟
- توکي معلوم آهي تہ جڏهن منهنجي اليومينم جي ڪليل دريءَ مان ٿي پيرا ڪراچي جي ڪنهن مُرغ جي بانگ ايندي آهي تڏهن مان پنهنجي گهڙيال ڏانهن ڏسندو آهيان. ڇا اهو طئہ ٿيل وقت اچي ويو آهي؟ ڇا مان پنهنجيءَ صليب کي کُلهو ڏيان.
- نہ رڳو گهوڙي کي موت جي اڳواٽ خبر پوندي آهي پر ٻي هر جاندار کي بہ اڳواٽ پتو پئجي ويندو آهي، رڳو انسان کي خبر نہ پوندي آهي جو اِنَ ڏس ۾ احقرالمخلوقات آهي يا انسان کي بہ ......؟
- ماڻهوءَ کي موت ۾ گهڻو ڪجهہ ڇڏڻو پوندو آهي، جو سچ پچ هن جو هوندو بہ نہ آهي. جئپور ۾ مون هڪ راجا جي خالي محل سرا مٿان لنگور ڏٺو هو، جنهن جو پڇ هڪ وڏي سوال جي نشان وانگر هو ۽ ان جي سامهون سورج گهڙي هئي جا سانجهي ٿيندي ئي بيهجي وئي هئي!
- هِن وَڻَ جون پاڙون اُکڙي ويون آهن، ان کي يَؤُ نہ آهي

Gul Hayat Institute

تہ ڪڏهن ٿو ڪران، هن گل جون پتيون پڪڙجي ويون آهن، ان ڪي الڪو نہ آهي تہ ڪڏهن ٿو ڇٽان! پَرندا جيستائين جيئرا آهن واءُ ۾ پنهنجا پَرَ هٽندا رهندا آهن. رڳو انسان کي ئي انت جو خيال مايوس ڪندو آهي. ڇاٽين ٿو تہ ڇو؟

- موهن ڪلپنا! توکي موت کان اڳ اها خبر نہ هئي تہ تون بہ ڪهاڻي نہ لکي سگهندين! تنهنجي زندگي جي سڀ کان وڏي الميہ ڪهاڻي اها هئي ۽ اها وقت جي آگرين هوا تي ائين ئي لکي ڇڏي هئي جو تون ان کي درست بہ نہ ڪري سگهين!
- تون ئي تہ منهنجو ساٿي آهين، موت کان حياتيءَ تائين، حياتيءَ کان موت تائين. مون توکي 'ميران' کان وڌيڪ ڳوليو آهي، تون جو تنبوري جي تارن ۾ سُتل آهين ۽ منهنجي ڇُهاءَ سان جاڳي پوين ٿو!
- 'رب ارني' جو آواز اڃي رهيو آهي؟ زندگي ڪوہ طور وانگر ٻري رهي آهي ۽ چوڌاري رات جو انڌيرو آهي.
- هر انسان هن زندگيءَ ۾ ائين آهي جيئن حضرت يونس مڇيءَ جي پيٽ مان ٻاهر اُچڻ لاءِ آتو هو.
- هي ڳاڙهـَ - ڳلا اٿي. اهي شفق جي جار ۾ ڪهڙا نہ ڇڳا ٿا لڳن. *
- هي بگهياڙ واهہ جي پوڇڙيءَ تي ڪائي اَڪيلي نيرڳي وينِي آهي ۽ پنهنجي ديس کي ساري رهي آهي!

* ڳاڙهـَ- ڳلو- هڪ پکيءَ جو نالو.

- هي شنگرفِي شام، ڪيڏي نـ سُهاوڻي لڳي رهي آهي. دل چوي ٿي تـ ڪوئي هجي تـ هن جي اڳيان سجدو ڪيان!
- نيرڙي شام لهي رهي آهي. ڪينجهر تي بہ رُتنبا رانديون ڪري رهيا آهن، جڻ مينا بازار ۾ اڪبر جوڌ بائيءَ جي ڪڍ لڳو آهي!
- هي سانءَ جي ڏِکهي ٻُڇي تـ ڏِسُ! ڇا اها ڪپيندي توکي ترس نہ ايندو؟ ڇا تو ۾ ماڻهو مري ويو آهي؟
- ڏس هي جهَنگَ ڪکڙ ڪيتري نـ خوبصورت آهي؟ تون جڏهن هن تي بندوق تاڻين ٿو تـ هوءَ مون کي راڻي لاڏيءَ جو پيو جنم ٿِي نظر اچي.
- هن ڪاٺ ڪُٽي جو موت هڪ پوريءَ قوم جي موت کان وڌيڪ وزنائتو آهي.
- آسمان ۾ ستارا رات جي رئي تي مقيش پري رهيا آهن، ڪهڙي ڪنوارِ اچڻي آهي؟
- هاڻي تہ پيچرو پورو ٿي چُڪو آهي. لَڪَ ڪيڏو نہ هيٺ لِڳن ٿا ۽ چنڊ ڪجاوي تي پيلهہ وجي رهيو آهي!
- جمال رند! توکي تورئي جي ڪڙيل ڪيت تي اها شام ياد آهي جا مان ۽ رٻانيءَ تنهنجي ڳوٺ پرسآن گذاري هئي؟ جي زندگيءَ جي شام اهڙي شفق سان ٿئي تـ ڪهڙي نـ چڱي ڳالهہ آهي! ان ڪانپوءِ رات ڪهڙي نہ وٺي ٿي؟

Gul Hayat Institute

- شام جي شفق ڪيتري نہ پياري آهي، اي ڪاش! هي سج ڪڏهن نہ ٻُڏي!
- سَرَہ ڪيرڙ تي ٽيج جو چنڊ ڏسي ڊنو هو. هن سمجهو هو تہ آسمان هُن تي ڪمان ڪشي رهيو آهي!
- ڇا ڏينهن ٽتي جو تو ساندي جون اکيون ڏٺيون هُيون جن ۾ رني ڪوٺ چمڪي رهيو هو؟
- سج لٿي، ٽر تي شفق ڪنهن پيغمبر جي مُنهن وانگر ٻري رهي آهي!
- هي پوپٽ ازل جا پيغمبر آهن. انهن جا پَرَ نہ پَٽ!
- ڇا اُن جو ڦوٽهڙو تنهنجي وس ۾ آهي، جي نہ تہ تاريءَ تان گل ڇو ٿو چُنين؟
- تو جهونجهڪڙي ۾ ٽانگر تي ماڪ ڦُڙا ڏٺا آهن؟ جي ها، تہ اجا خدا ۾ اعتبار نہ ٿو ڪرين؟
- ڏس، سمنڊ تي سج منهنجن پيرن تائين لهي آيو آهي ۽ آخري غوطي تائين منهنجا پير چُمي رهيو آهي!

Gul Hayat Institute

•

اي ڌرتي تون ڪٿي آهين؟
اي ڪڇ جا رڻ
توتي وري سمنڊ اُپري آيو آهي،
اٿاهه سمنڊ،
جنهن تي ٻٻاري ٿي رهي آهي
سانوڻ جي بوندن جئن!
اي پاري نگر تنهنجن ڪَڙن تان
سموري ڪَٽُ
لهي وئي آهي،
۽ تون ڪنهن لنگر جي انتظار ۾ آهين،
جنهنجو ٻيڙو مون کي نظر نٿو اچي
پر جو جلد اچڻو آهي
۽ جنهن جا سڙهه
هوا ۾ ڦڙڪي رهيا آهن.

Gul Hayat Institute

●

مٿان بم ڪري رهيا آهن
هيٺان تون توتاري وڄائي رهيو آهين!
اي يم دوت!
تنهنجا پُرڪ بہ لنگها ها
پر اُنهن اهڙي يُڌ نہ ڏٺي هئي
جهڙي تون اڄ ڏسي رهيو آهين!

●

غدار جي اولاد!
مون سان وڙهڻ
آسان نہ آهي.
تون امير خسروءَ جي سِتار ڪان وٺي
ميران ٻائيءَ جي گيت تائين،
سڀ سان وڙهي رهيو آهين!
ءُ ڀٽائي ڪي ايتري ڪاوڙ آهي،
جو ڪنهن ڏينهن
هو پنهنجي دنبوري سان
تنهنجو سِر ٽوڙي وجهندو.

Gul Hayat Institute

●

ولايتي
رُشديءَ تي لعنت وجهي رهيو آهي،
۽ هن کي
واجب القتل چئي چُڪو آهي
۽ خيام
پنهنجي رباعيات ڪي ندامت
سان ڏسي رهيو آهي
۽ پاڻ کي
قبر ۾ محفوظ سمجهي رهيو آهي.

●

اي شير شاهہ سُوري!
منهنجو گهوڙو
اجا اُنهيءَ شاهراهہ تان
وجي رهيو آهي
جا تو ٺهرائي هئي
۽ جا اجا ڊٺي نہ آهي!

Gul Hayat Institute

•

شهيد ڀٽي جو لاش
هوا ۾ لڙڪي رهيو آهي،
۽ اُن جو ڌوهه رڳو اهو هو
ته هُن نوي هزار پاڪستاني قيدي،
موٽايا ها،
۽ چيني جي ٽانون وانگر
پڳل مورال کي
وري جوڙيو هو –
مورال
جو وري لوهي توپ وانگر
پنجابي سپاهيءَ جي مٺي تي
آهي،
۽ رنجيت سنگهه
پنهنجي سماڌيءَ مان
سُسُ پُس ڪري
علامه اقبال کان
پڇي رهيو آهي،
”اوءِ ڪوي!
تنهنجي ڪَويتا ۾
ڪيڏي نه جان آهي؟“

Gul Hayat Institute

•

ڏس هي راويءَ
۾ گنگا جو پاڻي ٻري رهيو آهي!
۾ مڇيون سڀ سڙي ويون آهن،
۾ ڪنول ڪونہ رهيا آهن،
۾ اُپ مان بادل تڪي
اُهي بم ڏسي رهيا آهن جن سان انسان
ڌرتيءَ تي ڌماڪا ڪري رهيا آهن،
۾ پواني ٻڪولي رهي آهي
اُنهيءَ رت ڪي جا جنگ ۾ وهندي آهي،
پر هاڻي
جنهنجو ڦڙو بہ نظر نہ ٿو اچي
۾ تپش ۾ اُڏامي ويو آهي،
۾ هوءَ لڙڪي رهي آهي،
هن ڌرتيءَ تي،
جا رڳو دونهون آهي
۾ جنهن جي رتُ مان هوءَ ڍُڪ پري نہ ٿي سگهي.

Gul Hayat Institute

•

وڃ،
پنهنجيءَ راهہ تي هليو وڃ!
هي ماڻهو
جي ڪچرو ايئَن سَونجهي رهيا آهن
جئين آفريقا جا ماڻهو
وهنديءَ نديءَ
جي پاڻيءَ ۾ سونُ سونُجهيندا آهن،
اِهي تنهنجيءَ قوم مان نہ آهن،
تون نہ
شفق ۾
سونهري بادل سونُجهيندو آهين،
تنهنجو ڪاروبار
انهن سيني کان
نرالو آهي،
هو تُنهنجيءَ سونُجهہَ کي نہ سمجهندا،
هو جي ڪچري جي ڏپ
۽ سونَ جي لپ

Gul Hayat Institute

تي هريل آهن،
جو اهڙوئي ڏاتـو آهي،
جهڙو ٽامو
يا لوهہ،
جو پوڙيسر جي ڪَٽيل ڪَڙن ۾
آهي،
جن سان جهازن جا لنگر ٻڌندا ها ،
جي وقت جي سمنڊ ۾ ٻُڏي چُڪا آهن،
۽ عجب تہ اهو آهي
تہ اُن سمنڊ کي بہ
واري ڇُهي چُڪي آهي!

Gul Hayat Institute

- مـونڪي ٻہ وڏا انسـان وڻيـا آهن - فـيـثـا غورث ۽ مهاتما گانڌي. هڪ ٽب ڳچيءَ ۾ وجهي گهمندو هو ۽ ٻيو چرخو هٿ ۾ ڪٽي گهمندو هو.
- امـام غزالـيءَ جي ٻَچَ تـي عمر خيام جي رسدگاهہ ڪـي باهہ ڏني وئي تہ ڇا ستارن پنهنجي گردش ڇڏي ڏني؟
- جي حڪيم بو علي سينا منهنجو همعصر هجي ها تہ هن کي ٻڌايان ها تہ تاريخ ۾ ڪائي دوا صدين کان پوءِ اثر ڪندي آهي.
- اي دوسـت! جي تون مـنـهـنـجـي دشـمـن جو بہ دوسـت آهين تہ منهنجو دوست ٿي نہ ٿو سگهين؟
- تون پنهنجو مُنهن ڇاهي وانگر لڪائي ويهہ. تُنهنجا ڪَنڊا ڪافي آهن. ٻلي هي نانگ وانگر ڦڦڪاريندو رهي.
- ڇا هر ٻولڙي جي اولاد هنومان ٿي سگهندي آهي؟
- مُلان جي مٽي تي گهڙولي ڳائي سگهبي آهي ڇا؟
- اَڇ، اَڇ، مـيـنـهـن اَءُ! ٿـوهـر جي جـپ تـو بـنـا ڪـنڊا ٿـي وئي آهي ۽ ڪاڪيندا ٽڪجي ساٽا تي پيا آهن.
- وسـي رهـيـو آهـي، وسـي رهـيـو آهـي، مـيـنـهـن وسـي رهـيو آهي. مان بُنيو ٻيڪڙي وينو آهيان، ڇَت ٽپڪا

Gul Hayat Institute

ڪري رهي آهي.
يا خدا! ايترو وساءِ ته سنڌو تمنار تي وڃي ۽ پَڪي هجن يا پسون، توڙي ماڻهو، انهن مان ڪوبہ اجارو نہ رهي.

- ڪنهن سان بہ گهٽي دوستي، پاڻ سان دشمني آهي.
- زندگيءَ ۾ رجائيت ڪُند فهميءَ ۽ پورڙائيءَ جي نشاني آهي.
- ڏنگڻ نانگ جي فطرت آهي، ڪير پيارڻ مُنهنجي فطرت آهي.
- مُنهن جو ايترو منو، اندر ۾ توهہ ڪان وڏيڪ ڪؤڙو، ايڏو ڪؤڙو جو هُن جي زهر، هُن کي ئي کائي رهي آهي!
- تون موت جي خيال کي دل مان تڙي ڪڍيو آهي جڻ تہ ائين ڪرڻ سان تون نہ مرندين! پاڳل! جي چوويهہ ڪلاڪ اسٽالن کي اهو احساس هجي ها تہ ماڻهو ڪڏهن بہ مري سگهي ٿو تہ هو ايڏا ظلم نہ ڪري ها ۽ يو- ايس- ايس- آر نہ ڊهي ها! موت جو احساس ئي ماڻهوءَ ۾ چڱائيءَ جي پيڙهہ پختي ڪري ٿو.
- ڪو توکي رهڻ پائي، تہ هُن کي چاقو نہ هڻ!
- نانگ کي لٺ سان هٽائي ڇڏ، پنهنجي راهہ وٺي ويندو. هرويرو ان کي مارين ڇو ٿو؟
- معافي تہ اوصافِ خداونديءَ مان آهي، پو ايڏي ڪاوڙ ڇو؟
- گَڏهہ، لفظ، گڏ+ ڏهہ مان نهيو آهي.

Gul Hayat Institute

- چا عوام سچ پچ اُپرندا؟ جيِ ها تہ اُهي سچ وانگر اُپرندا يا سِجَ گرهڻ وانگر اپرندا!
- هاٿي تنهنجي مٿي مان ڪميونزم جو سوداءُ سَل ڪري بہ ڪڍي نہ سگهبو! تونِ جڪڙجي چُڪو آهين ۽ پنهنجا زنجير توکي وَٽي ويا آهن.
- چا چاهـ- نخشب ـمان اُپرنـدڙ چَنڊ ڪي بہ گرهڻ ٿيو هو؟
- اڄ ڪَلهہ تہ هر ڪُرسي ڏسي ڪِرسي ٿي اچي!
- تون نِڳي ڪري خدا جو نالو وٺي رهيو آهين، چو تہ تنهنجي فلسفي ۾ تنهنجي لعين مقصد لاءِ خدا کي ذريعو ڪري استعمال ڪري سگهجي ٿو.
- چا مان تُنهنجا چِل ڪَپٽ وائُکا ڪيان؟ پر مان پانيان ٿو تہ مونکان اڳ موت تنهنجي گلي ۾ رسو وِجهي رهيو آهي. ڪَپٽي، پاکنڊي، بِهروپي، چا تون موت سان بہ بگلو ڀڳت ٿي سگهندين؟ ڏاڍو پُلو آهين!
- ڪُتا هَڏو بہ چباڙي رهيو آهين ۽ ڀُئونڪي بہ رهيو آهين! جڻ اهڙو چڱو پهريدار آهين!
- اها کِهڙي چُوسَ آهي، جنهن توکي جاچوس بڻايو آهي؟
- اُٺ جا پُٽ! منهنجي خيمي ۾ ڇو آيو آهين؟
- هي چمڙو اوندهہ ۾ ڄائو هو، اوندهہ ۾ مَري ويو آهي. هن روشنيءَ جي دنيا نہ ڏسي نہ ڏٺي! شايد اها هن جي ڀاڳ ۾ ـِـہ هئي!

Gul Hayat Institute

- ڳيرو! ڪنهن سان دوستي ٿو رکين؟ هن جي سيني ۾ اسلحہ خانو ڏٺو اٿئي؟
- اجا تہ راجا ڏاهر جو رت ئي نہ سُڪو آهي!
- مترتا مَڌُرتا کان وڌيڪ مڌر لفظ آهي پر رڳو لفظ ئي تہ آهي!
- جڏهن دوست دشمني ڪندو آهي تہ هن کان برو دشمن ڪونہ هوندو آهي.
- جي دوستي فريب آهي تہ رڳي رفاقت تہ الائي ڇا هوندي!
- نہ وڇونءَ جي اولاد سان گڏ ڇپر چڱو آهي نہ واڳونءَ جي اولاد سان گڏ ڪپر.
- توکي موت جي مُنهن ۾ ڌڪيندڙ جي تو جيترو جوکو پاڻ نہ کٽي، تہ اهو سمجهہ تہ يا هو مڪار ۽ فريبي آهي يا ذهني امراض جي شعبي ۾ داخلا جهڙو آهي.
- غالب جو هڪ شعر آهي:

هے کہاں تمنا کا دوسرا قدم یا رب،
هم نے دشتِ امکاں کو ایک نقشِ پایا.

جي دشتِ امڪان عالمي تاريخ کي سمجهيو وڃي تہ ان استعاري جي دائري ۾ ڪيتري وسعت پيدا ٿي وڃي ٿي! سمجهڻ وارا سمجهي ويندا تہ هن دؤر ۾ نقشِ پا ڇا آهي؟ ڇا اُن کي حوادث جو طوفان مليا ميٽ ڪري ڇڏيندو يا اهو ڪنهن منزلِ جي نشاندهي ڪندو؟ هن وقت تائين تہ دشتِ امڪان جو ڪوئي

Gul Hayat Institute

نقش پا مون لاءِ معاون ثابت نہ ٿيو آهي.

- اسان شاعر تہ سياستدانن کي کونہ ٿا چئون تہ انهن مان ڪوئي شاعري ڪري ۽ اسان جو طفيلي ٿي؛ هو اسان کي سياست ۾ چو ٿا مُلوث ڪَن؟ پر جيڪڏهن ڪوئي مائو يا هوچي منهہ وانگر شاعريءَ ۾ جڪ مارڻ چاهي تہ وَس وارو آهي. جي شاعر بہ سياست جي ڏوبي گهاٽ تي ڪجهہ اُوجر جو ڪانڪي ٿئي تہ اُها هُن جي مرضي!
- وچ، وچ، پنهونءَ جي ڪَڍ وچ! مان توکي جهَليان نہ ٿو. ممڪن آهي تہ ڏرتي ڦاٽي پوي ۽ توکي ڪنهن ڪُڏي ايل پنهوارَ کان بچائي وَٺي! پر اهو سمجهي ڇڏ تہ امڪان ۽ ايقان ۾ فرق آهي. ڏرتي توکي هميشہ لاءِ ڳِهي بہ سگهي ٿي.
- مومل! ايڏي عشق جي اَنڌ! تو ڏنوئي نہ تہ راڻو ڪاٽو آهي!
- هو هر ڪنهن لاءِ روئن ٿا، هُن کي مانتا ڏِين ٿا، هر نانگ کي شوِ جي گلي وارو نانگ سمجهن ٿا، چو تہ هو اڳي هيئن هيڪلا ڪڏهن بہ نہ ٿيا ها ۽ پنهنجو موت اکئين نہ پسيو هيائون. هو اهو نہ ٿا ڄاڻن تہ هو پنهنجي ڪَئي جو ڪيتو ڀوڳن ٿا، يا پيءُ ڏاڏي جي ڪَئي جو ڪيتو ڀوڳن ٿا، جو هنن کي اَوَس ڀوڳڻو هو. اي سنڌو ماتا! هنن جي مَٿي تي هٿ رک! هو نہ

Gul Hayat Institute

رڳو چورا چنا آهن، پر هنن کي پاءُ پيڻ به ڪونه آهي ۽ جي ڪنهن وقت هُيو ته ڪين ڏڪي ڏار ڪيو اڻائون. هاڻي وڄُ چمڪات ڪري رهي آهَي ۽ هنن جي اباڻيءَ چت مان تڙڪاٽ اچن ٿا، جنهن جا ٽوٽيون ٿنيا، هو پاڻ ڊاهي ڍير ڪري چُڪا آهن.

- قوم پرستيءَ ڪان اول اهو طئه ڪر ته تِنهنجي قومِ کهڙي آهي!
- مان توکي پڇري ۾ وجهي وڻ ۾ لٽڪايان ته ڇا تون ائين سمجهندين ته تون وڻ جي ٽاريءَ تي لُڏي رهيو آهين؟
- ابوءِ! آزاديءَ جي رستني تي ڪيڏي نه گُس آهي! ساهه ٿو مُنجهي!! پٽر هجن ها ته به ڇڳو!
- مون دريا خان جي قبر تي مٿو ٽڪرائي چيو: ”اُٿ! مٿيءَ مان اُٿ! سج نصف النهار تي اچي چُڪو آهي“
- ڇا تون مون وٽ سنڌوءَ کي سُڪائڻ چاهين ٿو؟ مانسرووَر ته تنهنجي هٿ ۾ نه آهي!
- توکي معلوم آهي ته جڏهن اسٽالن جي ڌيءَ سيوتلينا هڪ يهوديءَ سان شادي پئي ڪئي، تڏهن اسٽالن هُن کي ڪهڙي گار ڏني هئي؟ جيُ تون سيوتلينا جي آتم ڪهاڻي پڙهين ته دهريت جي دريده دهنيءَ تي ڏندين آڱريون ڏين!

Gul Hayat Institute

- تون انسانذات سان محبت ۽ انسان سان نفرت ڪرين ٿو. دهريت اِهوئي تہ سيڪاريندي آهي!
- هڪ دهريو تيسنائين انسان دوست آهي، جيسنائين هُن کي اقتدار نہ مليو آهي.
- ڇا تاريخ مان ڪوئي مثال ڏئي سگهندين تہ فلاڻو خدا دشمن، انسان دشمن نہ هو؟
- دنيا ۾ اقتدار ئي هر خرابيءَ جي جَڙ آهي. دولت بہ جڏهن اقتدار لاءِ ذريعو ڪري استعمال ڪئي ٿي وڃي، تڏهن ئي ان ۾ خرابي ڪنهن گٽر وانگر ڦُٽي پوي ٿي!
- تون ڇا سياسي هنگامي ۾ پئي آهين، روز اَلڪزمبرگ کان وڌي تہ نہ آهين! ڇا تو تاريخ پڙهي آهي، هُن جو انجام پڙهيو آهي؟
- اي ڪيرٿر! ڇا تون وِيڳي ويڳاڻي ٻار وانگر آهين؟ ڪنهن وقت تہ تنهنجي هر ڇِپ کي دودي جيڏي دل هئي.
- اي روپا ماڙي! ڇا ٻاگهي اَڃا تو مان اُفق ۾ نهاري رهي آهي؟

Gul Hayat Institute

- تون اکيون ٻوٽيندين تہ ڇا سج نہ چمڪندو؟
- اي هماليہ! تُنهنجي ديد ڪيترو نہ دور ڏسي ٿي؟ تُنهنجي پَٻ وٽ ويهي ڪوئي تنهنجيءَ چوٽيءَ کي ڏسي بہ نہ سگهيو آهي!
- اي آريسر! تون موريسَر ڪٺ ٿو ٿي سگهين! تون تہ اکين لاءِ سُرمي سَرائي هُئين!

- هائو ميان! تنهنجي تهذيب سمير جي تهذيب کان به پراڻي آهي ۽ اُن جي هر سرِ يجي، پُري مٽي ٿي چڪي آهي. پوءِ ڇا ؟
- تون پاڻ ته انگ اگهاڙو آهين. توکي رڳو اُن تي فخر آهي ته دنيا ۾ سڀ کان اڳ ۾ تُنهنجن وڏن آڏاڻو ناهيو هو!
- هن کي اينتري به رسي نه ڏي ته نانگُ ٿي پوي!
- سوچي سوچي ڳالهاءِ! هر لفظ هڪ تلوار آهي جا توتي ڪِري سگهندي آهي.
- فصاحت درياهه جي رواني‌ءَ وانگر آهي جا ڪڏهن ماڻهوءَ کي لوڙهي ويندي آهي، ان ڪري مان تقرير لکي پڙهندو آهيان.
- دوستي غلطي‌ءَ جو بيو نالو ته نه آهي!
- جي ڪائي ڪُوڙي ۽ ڪَؤڙي ڪهاڻي آهي ته اُها دوستي آهي.
- دوست، اُنهي‌ءَ دشمن جو نالو آهي، جو تُنهنجي ويجهو آهي.
- جنهن کي نظريا دوستي‌ءَ کان وڌيڪ پيارا آهن، اُهو تنهنجو دوست ڪڏهن به نه ٿي سگهندو.
- هاڻي دوستي‌ءَ تي ڪيترو به مانجهو مَل! اها گهٽو گَشڪو سهي نه سگهندي.

Gul Hayat Institute

- سچ ڳالهائي اُس ۾ پلي ويهـ، ڇانوَ ۾ ويهڻ لاءِ ڪوڙ نہ ڳالهاءِ!
- زبان جو احتياط ڪڏهن منافقيءَ جي نشاني هوندي آهي.
- ڇتي ڪُتي جي ڇَڪ ڪان پالتو ڪُتي جو اَڻ– ڇنائو ڇَڪ بُرو ٿيندو آهي.
- افسوس! مونکي ڪيتري وقت ڪانپوءِ سمجهہ ۾ آيو تہ دوستيءَ جي نانوَ واري ڪا شيءِ نہ آهي.
- ڇاڻو سُڃاڻو؟ سوين!
  سنگت؟ ڪنهن ُسان بہ نہ !
- جي دوستي اينتري اڻ لپ آهي تہ رفاقت تہ نڳي هوندي!
- تو منهنجو ڪيترو نہ نقصان ڪيو آهي، منهنجو دوستيءَ مان اعتبار ڪڍي ڇڏيو آهي!
- جڏهن بہ مون ڪنهن جي پَڳ جو پيچ ڀڏو آهي، هُن اها پڳ منهنجيءَ ڳچيءَ ۾ نوڙي ڪري وڌي آهي.
- ماڻهوءَ تي ڪاوڙ ۾ مون هُن کي ڪُتو چئي ڳالهوَ ڏنا، افسوس جو مون ڪُتي تي ڪاوڙ وقت هُن کي ماڻهو چئي گهٽ وڌ نہ ڳالهايو!
- اعتبار؟ خدا ڪانسواءِ ٻيءَ ڪنهن ڳالهہ ۾ اعتبار کهڙيءَ ڇڙيا جو نالو آهي؟
- پيئڻ جو ڪَڪيل ڇُٽي سگهي ٿو، باقي ماڻهوءَ جو ڪَڪيل ڇُٽي، سو ناممڪن آهي.

Gul Hayat Institute

- سياستدان اديبن کان وڌيڪ سياڻا هوندا آهن، گهٽ ۾ گهٽ هو دوستيءَ ۾ ته اعتبار نه ڪندا آهن.
- نرگس لطيف جا ’آهيان جي وچ ناهيان‘ جي مصنفه آهي، اُن سان گڏجي، مون گوئٽي انسٽيٽيوٽ مان ڪجهه ڪتاب پڙهڻ لاءِ ورتا، انهن ۾ ڪجهه ڪتاب منهنجي مرغوب اديب ’هينرڪ بول‘ جا به هيا، جنهن ۾ هن جون ۲۲-۱۹۲۱ع ۾ آئرلينڊ جي سفر واريون ڊائريون به هيون. اُتي برفباريءَ ڪانپوءِ ڏاڍي سردي هئي. هينرڪ بول پنهنجيءَ ڊائريءَ ۾ لکيو آهي ته آئرلينڊ ۾ هن کي ٻن قسمن جا ماڻهو مليا. هڪڙا اُهي جن کي چيو پئي ويو:

”اوه! اڄ ڪيڏي نه سردي آهي“ ته اُنهن جواب ٿي ڏنو: ”سچ، ان ڪان بُري نه ٿي سگهي ٿي“ ۽ ٻيا اُهي جن چيو پئي ”تون شايد هتي پهريون دفعو آيو آهين، ان ڪان به بُري ٿي سگهي ٿي.“ اهي به طبيعتون جتي ڪٿي آهن.

Gul Hayat Institute

منهنجي گهر کان ڏهاڪو قدمن تي ڊاڪٽر انور اعوان جي اسپتال هئي، جو اڳئين سنڌ گورنمنٽ ۾ وزير خورشيدشاهه جو مامو هو. تازو ڄام صادق جي وزارت وقت ايم ڪيو ايم سکر ۾ ڏاڍا هٿيار هٿ ڪيا. منهنجي ۽ ڊاڪٽر انور جي اسپتال جي چوڌاري ايم ڪيو ايم وارن جا هزارين گهر آهن،

جن ۾ اڪثر پلي پيت جا ڪوُنجڙا رهندا آهن، جن ڪي اڳي دَڙڪو ڏيندا هياسين تہ هنن جو ساهہ سُڪي ويندو هو پر هاڻي هٿيار حاصل ڪري شينهن ٿي پيا آهن. مان سارو گهر پربل ڇڏي، ٽي سال اڳي بيماريءَ سبب اچي ڪراچيءَ رهيو آهيان. هتي خبر پئي تہ پنيان پاڙيسري، جن ڪي مان اَڙيءَ اوڏيءَ ۾ ڪم ايندو هوس، سُئيءَ سَڳي تائين هر شيءِ گهر مان ميڙي ويا آهن، جڻ تہ اِهو بہ ڪنهن لڏي ويل هندوءَ جو گهر هيو. اُن سان گڏ اِها بہ خبر پئي تہ ڊاڪٽر اعواڻ، جو هڪ خدا ترس ۽ تهجد گذار شخص هو، اهو جڏهن پنهنجي اسپتال تي ويو تڏهن منهنجي گهر کان اڻن قدمن تي هن ڪي ڪلاشنڪوف جو برسٽ هڻي، پوءِ ٽڪرا ٽڪرا ڪري ماريو اٿائون. زرينا جڏهن چوريءَ جي ڳالهہ ٻُڌي، تڏهن روئي رهي هئي تہ مون کي هينرڪ بول واري مٿين ڳالهہ ياد آئي:

"موسم اجا وڌيڪ خراب ٿِي سگهي ها!" مون هن کي چيو،

هوءَ سمجهي نہ سگهي تہ مان ڇا چئي رهيو آهيان!!

- امام ابو حنيفہ چوندو هو تہ "ظالم ۽ متڪبر پنهنجي موت کان اڳ ۾ هن دنيا ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور سزا پائي ٿو ۽ ذلت ۽ نامراديءَ جو منهن ڏسي ٿو؟" ڇا توسان مسوليني، هٽلر ۽ اسٽالن اِن

Gul Hayat Institute

نامراديءَ ۾ شريڪ نہ هيا؟ ڇا ٽراٽسڪيءَ جو مٿو اسٽالن ڇٽايو نہ هو؟ ڇا لينن جو مٿو موت کان پوءِ تاريخ ڇِٽي نہ ڇڏيو ۽ اسٽالن کي ڪفن ۾ مٽي چپائڻ جي جاءِ ڪريملن ۾ نہ ملي ۽ پنهنجي ديس ۾ جو ڪجهہ ٿيو آهي، اهو تہ توکان ڳُجهو نہ آهي يا مان اِن تي بہ وقت وڃايان ۽ توکي اهو ٻڌايان تہ ڇا ڇا ٿيو آهي؟ ها، جيڪي اڃا ٿيڻو آهي، اهو منهنجي ڪمري ۾ نقش بديوار آهي ۽ مان ننڊ مان اُٿي روز ان جي آجيان ڪندو آهيان جو اچڻو آهي، جو پنڌ ۾ آهي، جو گهڻو دور نہ آهي. نہ وري اها ڳالهہ منهنجي اکين کان اوجهل ٿي آهي تہ برائي ڪئين پنهنجو انت پاڻ ٿئي ٿي؟

- منهنجو دوست چوندو آهي تہ ”رب رُسي مَت کسي“ واري پهاڪي جهڙي دانشمندي هن ڪنهن بہ پهاڪي ۾ نہ ڏٺي آهي ۽ مان هن سان متفق آهيان. تون جو وڻ هيٺان ٻيهي، اُن جو ٿُڙ ڪپي رهيو آهين، اِن پهاڪي جو مثال آهين. پڪي، جيڪي اڏامي ويا آهن، توکان وڌيڪ سياڻا آهن ۽ ڄاڻن ٿا تہ اُنهن جي آکيرن جو انت ڇا آهي.
- هن اخباري ڪالم ۾ هذيان ۽ عرقِ نسيان کان سواءِ ڇا آهي؟

- پٺـائيءَ تڏهن توکي نـہ ڏنـو هو، جڏهن چيـو هيـائين: ”مـون پـانـيـو درويش، پر تـون بـازن کـان پـي بچڙو“ . توکي بہ جـبـو تـہ درويش وارو آهي پر تـون ڪڏهن بہ باز وانگر جهڙپ نہ ڏيندين، تون تـہ وَر وڪڙ رستـو وٺندين، گاهہ ۾ گـيـسـرنـدو رهـنـدين ۽ نـانـگ وانـگـر ڪَڪـيـنـدين. افـسـوس جو مون توکي اڳي نـہ سـمـجـهـو! دوستي ڪـيـڏو نـہ ڪـوهـيـڙو پيدا ڪري ٿي ۽ مـاڻهوءَ جي اصل صورت لڪائي ٿي ڇڏي.
- اڳي تـہ ٽِراٽسـڪـائيـت لـفـظ گـار وانـگـر ڪـم آڻـيـنـدو هئين! ڇا هاڻي نئين گار ’اِستالنسٽ‘ تنهنجي جِيَ کي نئون سواد ڏئي ٿي؟
- قـاتـل! قـاتـل! قـاتـل! پوءِ تيـمـور لـنـگ آهين يا مائوزي تـنـگ آهين، مـان تـنـهـنجي پيءُ کي بـہ سـڃاڻان. تـون مونکي ٺڳي نـہ ٿـو سگهين!
- شل نہ هڪ ڪميونسٽ کي ملڪيت جي چوُس پوي، پوءِ هاتار تہ ڇڏ، توتي ماڪوڙن لاءِ بہ ماس نہ ڇڏيندو!
- تـنـهـنجـو دمـاغ بـہ يـو- ايس- ايس- آر وانـگـر ٽڙڪـي پيو آهي!
- پـگـل آئـيـنـي جي پورِ چـو ڪَني ڪري رهيو آهين؟ هـان، وٺ هي آئينو، جو صدين کـان سچو ۽ صاف آهي ۽ جنهن ۾ تون اڄ بہ پنهنجو چهرو ڏسي سگهين ٿو.

Gul Hayat Institute

- جيڪو به فرينچ انقلاب جو شيدائي آهي، اُن ڪان وڌيڪ خونخوار درندو ٿي نہ ٿو سگهي.
- وِڇونُ پنهنجيءَ فطرت ڪان باز آيو تہ ڪائنات بدلجي ويندي!
- محمود غزنوي جڏهن مري رهيو هو تڏهن هُن موت ڪان بہ ڏينهن اڳ ۾ حڪم ڏنو: ”منهنجي سامهون اُهي هيرا آڻي رکو جي مون سومناٿ مان آندا ها.“
بي ڏينهن هو حسرت مان هيرا ڏسندو رهيو، جيستائين هن جون اکيون اُجهامي ويون پر هيرا اجآ پرندا رهيا.
- مون کي ڏاڪٽر ڪري چوٽيءَ تي پهتين ۽ پوءِ مونکي لت هٽي ڏکي ڇَڏيئہ، ڇو تہ توکي منهنجي ضرورت نہ هئي. هاڻي توکي زمين تي لهڻ لاءِ مٿان ٽپو ڏئي خودڪشي ڪرڻي پوندي!
- دنيا ۾ جي سياستدان نہ هجن ها تہ دنيا رهائش لاءِ بهتر جڳهہ هجي ها!
- ادب کي انقلابي سياست جو ذريعو نہ بڻايو. ادب پنهنجيءَ جاءِ تي انقلاب آهي.
- اي اديبو! سياست ڪان ائين ڊڄو، جيئن ڪُتي ڪاڏل پاڻيءَ ڪان ڊڄندو آهي.
- هٽلر تہ مري سگهي ٿو، پر گوئبلز ۽ گوئرنگ نہ مرڻا آهن.

Gul Hayat Institute

- اي ديس! مان توکان عمر جي بيک نہ مگندس! ڪير ڄاڻي تہ تقدير ۾ ڇا آهي ۽ ڪنهنجي عمر ڪنهن کان وڏي آهي!
- ماڻهوءَ جي ٻچي کان ڪُتيءَ جو ٻچو وڌيڪ وفادار آهي.
- هي ڪتو ڪيترو خطرناڪ ٿو لڳي؟ پر مالڪ جي هٿ ۾ گوشت ٽڪرو ڏسي ڪيئن نہ پُڇ ٿو لوڏي ۽ هن جا پيرَ چَٽي!
- ڪنهن هِلِ کان پڇيو اَٿي تہ ڇيچڙن ۾ ڪيترو مزو آهي؟
- ٻلو تہ ڇيچڙن جو خواب لهندو آهي پر جڏهن ڇيچڙا ٻِلي جا خواب لهندا آهن تڏهن ان کي جمهوريت چئبو آهي!
- شينهن پنهنجو حصو ڪٽندو، پوءِ شينهن آمر هجي يا جمهوري نمائيندو.
- ڇا پيرن کان بہ ڪنهن پڇيو آهي تہ اوهان هن وَڻ ۾ رهڻ چاهيو ٿا يا نہ؟ پکين جي ٻي ڳالهہ آهي.
- تون بازن جا پَر تہ ڪترينـدو رهيو آهين پر پنهنجين اکين جو خير ڪڏهن نہ سوچيو اَٿي!
- دوستيءَ جو پکي فقط هڪ پَرَ تي اڏامندو آهي، ٻي پَر جو فقط ڏسندڙ کي گمان هوندو آهي.
- آخر ۾ انسان کي، جي هو خوشنصيب آهي، فقط پنهنجو خاندان ڪم ٿو اچي.

Gul Hayat Institute

- تون پٿر آهين، ڪاٺ آهين، تجربي ڪار آهين. نہ تو ۾ جذبو، نہ احساس، نہ دل آهي. سياست ۾ ڇو نہ ٿو وڃين؟
- ڇا ڇِتو ڪُتو چوڪيداري ڪري سگهندو آهي؟ هوُ تہ پنهنجي پرائي کي کائيندو آهي؟
- ان کان ڪوئي وڏو گناهہ نہ آهي تہ ڪنهن جي اعتماد کي ضرب پهچائي وڃي.
- جي تون رونڌو ناهين تہ پهريون ٻُجو گهَرڙي انقلابي سياست جي مُنهن ۾ ڏي!
- ڇا هي تُنهنجا مسئلا سُلجهائي سگهندا؟ هَي ڪميٽا سياستدان جي پاڻ خود هڪ مسئلو آهِن، جو صدين کان اُلجهيل آهي.
- مان هڪ ننڍي قوم جو فرد آهيان، توڙي مونکي پنهنجي انفراديت، ثقافت، معاشي مسئلا، مطلب تہ پنهنجي الڳ قوميت آهي. تون ڏاڍو آهين ۽ منهنجي قوميت کان انڪار ڪري رهيو آهين ۽ مان اُن وقت جو انتظار ڪري رهيو آهيان، جڏهن تنهنجي پنهنجي قوم ابابيل ٿي اُيرندي ۽ توکي پٿريون هٽي پورو ڪري ڇڏيندي ۽ تنهنجي اکين ۾ اينتريون تہ ڪنڪريون پئجي وينديون جو تون اهي مون ڏانهن ڪٽي بہ نہ سگهندين!

Gul Hayat Institute

- عوام! عوام! عوام! ڪنهنجو عوام؟ ڪهڙو عوام؟ پاڪستاني عوام جي ذهنيت جرمنيءَ جي نيو فاشزم کان وڌيڪ فاشي آهي، اُهي ته اسپين ۽ پورچوگال ۾ انتها پسندن ۽ فرانس، يونان ۽ برٽن جي ساڄي ڌر کان به اُتر گهُرن! باقي رهيا سنڌي. ڇا اُهي به عوام آهن؟ اهي ته ڪيڙا، ماڪوڙا آهن. ها، ائين آهي ته ماڪوڙا جڏهن ڪروڙن ۾ ڪنا ٿيندا آهن ته اهي ڪنهن ماڻهوءَ تي ماس نه ڇڏيندا آهن ۽ وستيون ويران ٿي ويندريون آهن.
- اڄ زرينا خريداري ڪري موٽي. ڇيائين ڄام صادق عليءَ جي بنگلي وٽان لنگهياسين، فقط ڪانوَ پئي لَنويا. مان ڪيس ڇيو ته ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ اهي به لنوي لنوي ٿڪجي پوندا! ڇگو جو اهي نه سياستدان آهن، نه صحافي، نه ته هن وقت تائين ٻيا وڻ وڃي وسائن ها!
- تون انساني عقل تي وڌو ڀروسو رکي ويٺو آهين ۽ 'موسيٰ کان مارڪس تائين' ڪتاب پڙهين ٿو. توکي اها خبر نه هُئي ته سوويت يونين ٧٥ سال به ڏک نه جهلينديءَ ۽ تنهنجا اهي مارڪسواد تي ڪتاب پساريءَ جي ڪم جا به نه رهندا جو اُنهن مان پُڙيون ٻڌي سگهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته تون ڪتابي ڪوئو آهين ۽ اڄا اُنهن کي چٻاڙي رهيو آهين.

Gul Hayat Institute

- هي سڀ سياستدان شطرنج جا مُهرا آهن ۽ انهن کي شڪست ڏئي جڏهن هٽايو وڃي ٿو تڏهن هو ائين لڳن ٿا ڄڻ اِهي بساط تي هيا ئي ڪونه!
- ڪامياب سياستدان اُهو آهي جو مُنهن تي ڪوڙ ڳالهائي ۽ ڦِڪو نه ٿئي.
- اسٽالن کي ساريءَ انسانذات تي رحم ايندو هو، پر پنهنجيءَ ڌيءَ سِيوتلينا کي گاربون ڏنائين جي هن پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ لکيون آهن.
- صحيح معنيٰ ۾ ڪميونسٽ اُهو آهي جو پنهنجي گريبان ۾ مُنهن وجهي نه ڏسي ۽ رڳو ٻئي جو چاڪِ گريبان ڏسي.
- تون جو دوست تي پُٺيءَ ۾ ڇُرو ٿو هڻين. توکان ته هو دشمن چڱو هو، جو ڇاتيءَ ڏانهن ڇُرو اُڀو ڪندو هو!
- اي سنڌ! تون منهنجا محاورا ڪڏهن سمجهندينءَ؟ يا تون اهو نه ٿي سمجهين ته مون کي ڪوئي پيغام به آهي!
- ٻُڌ ڪان پُٺتي ڏسندين ته اڳتي ڪان اڳتي ويندين.
- منگل پانڊيءَ جي رائيفل مان گوليءَ جي نڪتل سرڙاٽ ڪان نه ڊڄ، گانڌيءَ جي مون ورِت ڪان ڊڄ!
- جوڊاس! مان توکي تنهنجي نرم گفتگوءَ مان سڃاڻان. مان ڄاڻان ٿو ته تون جاسوس آهين پر مون توکي

Gul Hayat Institute

چيڪ چڙي ڏنو آهي، ڇو تہ مان ڄاڻان ٿو تہ صليب ڪانسواءِ منهنجي تقدير جي تڪميل ناممڪن آهي.

- مُند ٿِي، منڊل وَسيا، اي ميگهہ دوتَ!

مان اڄا تائين تنهنجي واٽ نهاري رهيو آهيان!

- حضرت نوح عليه السلام هڪ ساهواري کي چيو تہ 'تيز بارش پئجي رهي آهي. سمنڊ جوش ۾ آهي ۽ طوفان اچي ويو آهي. تون جلدئي منهنجي ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿين تہ چڱو!"

"نہ" انهيءَ ساهواري جواب ڏنو "مان تنهنجي ٻيڙيءَ ۾ سوار نہ ٿيندس. جي مان پاڻ تري پارِ وڃي نہ ٿو سگهان تہ پوءِ عزتِ نفس ان ۾ آهي تہ ٻُڏي مران!"

- جي نوح جي ٻيڙي ۾ ڪوئي عرب هجي ها تہ تلور جو نسل نہ بچي ها!
- ڪُتو مري ويو ۽ چِچڙُ هن ڪان ڪَن ۾ پُڇي رهيو آهي "مون کي ڪنهن جي آسري تو ڇڏي وڃين؟"
- چيچڙا بليءَ جا خواب لهي رهيا آهن!
- مون هن کي ڏسي چيو: "تون ايڏو اڪيلو ڀوت آهين، جو ڪنهن وقت تنهنجون بي جان اکيون پٽيل رهجي وينديون!"
- ڇا توکي موت کانِ پوءِ معاف ڪريان؟

ڇو نہ؟؟ منهنجو جهيڙو تنهنجي جيءَ سان هو، تنهنجي

Gul Hayat Institute

لاش سان تہ نہ آهي.

- ”پکا ڏار، اُڏاتا پکيرا“

هاڻي پکيرا آزاد هوا ۾ آهن. ڪهڙي نہ خوش نصيبي!

- هُن ساري زندگي اهو سوچيو تہ هُن سان هيئن ۽ هِن سان هونءَ پلئہ ڪندس. هُن اِهو ڪڏهن نہ سوچيو تہ موت سان پلئہ ڪيئَن ڪندس!
- تو سڄي عمر سازش ۾ گذاري آهي، ميڪاوَلي بہ ايڏي سازش ڪري ٿڪجي پوي ها، جو تہ هو تو وانگر دهريو نہ هو.
- گوئبلز! ڇا هيءَ اخبار تنهنجي مُنهن ۾ ٻُجو نہ ڏئي رهي آهي؟
- تون سياستدان آهين نہ؟

مان توکي ساڳي ڳالهہ چوڻ ٿو چاهيان جا والٽيئر موت جي بستري تي پادريءَ کي چئي هئي:

”هَٽُ! مون کي آرام سان مرڻ ڏي!!“

- ڇا سنڌ ۾ ڪنهن کي ايتري جرئت آهي جو علي الاعلان چئي سگهي تہ ’ڪير ڪير سنڌي آهن؟‘
- مون تاشقند ۾ سنڌورقي ڏٺا ها، جن جا وڏا سنڌ مان ويا ها. هڪ چيو هو تہ:

”اسان جا وڏا چوندا ها تہ سنڌ سوني آهي“ مون هن کي چيو تہ ”علم ڪيميا جي ڄاڻ رکندڙ ٽامي کي سون، سون کي ٽامو بڻائي سگهندا آهن. هاڻي

Gul Hayat Institute

سنڌ سوني نہ آهي. ٺامٺي هٽي وئي آهي."

- چون ٿا تہ جهنگ سيال ۾ رانجهو هير کي ڇڏي ڀڄي وڃي ها تہ بچي وڃي ها پر ڇا رانجهوءَ جي اهڙيءَ زندگيءَ کي ڪا معنيٰ ٿي سگهي ها؟ اها زندگي تہ خودڪشيءَ کان بہ بُري هجي ها!
ها، پر تون رانجهو نہ آهين!!
- تون انقلابي آهين؟ تون پنهنجي طبيعت ۾ ڪهڙو انقلاب آندو آهي؟ تون جو پنهنجي آپ- سُوارٿ، ڪُڌائيءَ ۽ نيچ پائيءَ مان آجڪائي نہ پائي سگهيو آهي؟ تون جو اُهو هر ڪوڙ اختيار ڪرين ٿو جو تنهنجي فرضي سچ جو ذريعو ٿي سگهي، جيتوڻيڪ اهو ڪوڙ توکي توڙ تائين نہ ٿو پهچائي، رڳو توکي مُنهن ۾ ڇاڻِي ٿو وجهي. جڏهن جمهوريت پسند اليگزينڊر هرزن جو تو پاري انقلابيءَ سان اختلاف ٿيو تہ هن توکي انقلابي شهوت جو بادفرنگ ڪوٺيو هو. هرزن جا اُهي همعصر جن کي پوءِ بالشيوڪ سڏيو ويو، اهو بہ وساري وينا ها تہ جمهوريت پسنديءَ سبب، هرزن کي زار ديس بدر ڪيو هو. تون انقلاب جيِ ڪفن جو ڪيڙو آهين، تون جو پاڻ کي جديد دنيا ۾ ان جي فڪر جو نمائيندو سڏي رهيو آهين. رڳو اهو شيشي جو پُتر آهين جو اڃا تائين لينن جي لاش تي رکيو آهي، جنهن کي ڪنهن وقت

Gul Hayat Institute

ڪريملن مان ڪڏهن ڦٽي ڪندا؟ ڇا تون جيفرسن جي آزاديءَ جي پڌرنامي جي حمايت ڪرين ٿو ۽ والٽ وٽمئن جي شاعري اُتم سمجهين ٿو؟ نہ، تون در پردي اچا ڪميونسٽ پڌرنامي جو حمايتي آهين، جنهن تي تون پٺائيءَ جو شعر ڪعبي جي غِلاف وانگر چاڙهي، سنڌ جي عوام کي بيوقوف بڻائي رهيو آهين ۽ جو تنهنجي ترقي پسنديءَ (جنهن ڪان وڌيڪ جديد دنيا ۾ ڪائي دقيانوسي ڳالهہ نہ آهي) جي چار ۾ نہ ٿو ڦاسي، مون کي انا پرست ڪوٺين ٿو ۽ ائين ٿو سمجهين تہ تنهنجو انڌو وشواس جڳ لاءِ ڪوئي فانوس آهي. اَنڌِوشواسي انقلابيءَ جهڙو خطرناڪ جيوڙو ٻيو ڪوبہ ناهي. تنهنجو ساٿ ڪوڙهئي جو ساٿ آهي ۽ جي مان تنهنجي ڪوڙهئي هٿ سان پنهنجو هٿ ملائڻ نہ ٿو چاهيان تہ تون ان کي ڪِبِرُ ٿو چاهين، جيئن اهو قلم کي نہ جهلي سگهي.

Gul Hayat Institute

تون معاشيات جا بہ اکر پڙهي، پاڻ کي جديد علم جو ڄاڻو ٿو سمجهين ۽ ڪميونزم جي باسي بکواسَ دسترخوان ۾ ڍَڪي پيش ڪري رهيو آهين. نہ، مون تنهنجي انقلاب کي واري ڇڏيو آهي، اُهو گٽر جو فلسفو آهي. گٽر جو هاٿي فقط گندي نالي وچي رهيو آهي. پر ڇا ڪجي، هڪ ڪافر جو تعصب

مومن جي تعصب کان به وڌيڪ پايدار ٿيندو آهي ۽ ڪافر اُن جي بچاوَ ۾ مومن کان به وڌيڪ محنت ڪندو آهي. دراصل ٿو ۾ انا آهي، جنهن تي ٿو سماجي ڍاڪئون رکيو آهي.

مان ته سينٽ جان پرسي (St: John Perse) وانگر چوان ٿو:

"And it is enough for poet to be the guilty conscience of his time"

ترجمو: اهو شاعر لاءِ ڪافي آهي ته پنهنجي دؤر جو مجرم ضمير ٿئي).

- سياستدان، جي دانشور به آهي ته هن جي دنيا ڪجهه ماضيءَ جي تاريخ آهي ڪجهه حال ۾ هُل هنگامو آهي ۽ ڪجهه پنهنجيءَ يا اُڌاري عينڪ مان مستقبل جو ديدار آهي، جنهن ۾ هن جي نظر جو فريب ڪيترو شامل آهي، اهو مستقبل ئي ٻُڌائي سگهي ٿو. شاعر جي اکيان ازل کان ابد تائين وسيع ميدان ڦهليل آهي ۽ هن جي اکين کي ڪنهن به عينڪ جي ضرورت نه آهي. هن جي ديد چِٽي آهي ته هو دُور دُور تائين ڏسي سگهي ٿو. فقط عقل جا انڌا سياستدان هن کي نابين سمجهن ٿا ۽ پنهنجيءَ بينائيءَ تي تڏن ٿا، پر جڏهن کان هنن جي عينڪ پيچي پئي آهي تڏهن کان اهڙا معذور تَرين شخص مون پيا نه ڏٺا آهن.

Gul Hayat Institute

- اي سنڌيو! ڇا اوهان ڄاڻو ٿا تہ غلام قادر روهيلو ڪير هو؟ ڇا اوهان اهو ڄاڻو ٿا تہ هن جڏهن خنجر جي نوڪ سان شاهہ عالم جون اکيون ڪڍيون هيون ۽ حرم جون نازنينون بي عزت ڪيون هيون تڏهن مستقبل آڏواٽيءَ ۽ هن جي ٻي جي پي جي انتظار ۾ هو؟
- شاهجهان چرچي ۾ چوندو هو تہ :

  ” پوربو شيراز- مملڪتِ ماست ؟

شاهجان کي اها خبر نہ هئي تہ پوربو سنڌيءَ ۾ ڇا کي چئبو آهي ۽ نہ وري شيخ مجيب کي اها خبر هئي!

- هـو اڄ مـون وٽ آيـو هـو، جو اڃا تـائـين پـاڻ کـي بالشيـوڪ سڏائيندو آهي. مون هن کي چيـو تـہ تون جو هوچي منه تي ڪُڏين ٿو ڇڻ تون ويٽنامي آهين ۽ اڃا انهيءَ آدرش کي ڇُهـنـيـو پيـو آهين، جنـهن جا تاريخ ڏاجوڙا * ڪـڍي وڌا آهـن، ڇا تـوکـي اها خبـر آهي تہ پي ايَ اين ڪلب جو هڪ حصو ويٽنام جي شـاعـرن، اديبن،مـضـمـون نگـارن ۽ ناول نويـسـن جو آهي، جنهن ۾ ويٽنام کان ٻاهر رهندڙ چار سؤ اديب آهن ۽ انـهـن هـڪ بيـان ڪـڍيـو آهي تـہ ويٽنام جي سـرڪـار کي اهي ۽ ٻيـا سڀ اديب ۽ دانـشـور آزاد ڪرڻ گهرجن، جي اُتي قيد ۾ آهن؟ پي اي اين ڪلب جي هڪ آفيسر چيو تہ اُتي چار سئو اديب بند ۾ آهن، جن مان ڪي چوڏهن سالن ڪان آهن، ان بيان

۾ ويٽنام سرڪار ڪي اهي ڪارا قانون رد ڪرڻ لاءِ چيـو ويو، جن دانشـور جي آزاديءَ تي پابندي رکي آهي. ڇا تون چاهين ٿو ماڻهوءَ کي مانيءَ ڳپيو آڇي هن کان هُن جو روح کسيو وڃي؟ انهيءَ بيان کي رد بہ نہ ڏنو ويو آهي ۽ پئرس ۾ ويٽنام جو پريس اتاشي اُتان جي ڪنهن بہ صحافيءَ سان نہ مليو آهي.

مون مٿيون ڳالهہ پنهنجي ١٩٩٠ع جي ڊائريءَ ۾ نوٽ ڪري ڇڏي هئي، ١٩٩١ع ۾ روس ۾ ڪميونزم اڏامي وئي. ڇا مينڊالسٽام، اساڪ بيبل ۽ ٻين شاعرن ۽ اديبن جي ساڳي حالت نہ ڪئي وئي هئي جا ويٽنام ۾ اديبن جي ڪئي وئي آهي؟ تون اهي ڪانوَ جا ڪنب پائي، مورَ وانگر ڇو ٿو ٺِڏين ۽ سنڌ جا مسئلا، سنڌ جي ڌرتيءَ جي حساب سان حل ڇو نہ ٿو ڪرين؟ آلفريڊ ائڊلر هڪ ڀيري چيو هو تہ: ”اهو مذهبي اصول آهي تہ هر ڪو ئي پنهنجي پاڙيسريءَ سان ائين پيار ڪري، جيئن پاڻ سان ڪري ٿو. بہ ٽي سئو سالن ۾ اهو اُصول انسان ذات لاءِ ائين فطري لڳندو، جيئن ساهہ کڻڻ يا اُڀو ٿي گهمڻ هن لاءِ فطري آهي ۽ جيڪو اها ڳالهہ نٿو سمجهي سگهي، ان جو ناس ٿيڻ اَوَس آهي“

اها اڳڪٿي روس ۽ مشرقي يورپ ۾ تہ پوري ٿي. ٻي هنڌ بہ پوري ٿيندي. جي تون انسان ذات جو خير

خواهہ آهين تہ مون تي اها پابندي نہ رک تہ هي لک يا هُو لک. ڇڏ تہ مان پنهنجو ضمير ٿيان، پنهنجي تجربي مان سکان ۽ اهو لکي سگهان جو مون اُن مان پرايو آهي. ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ تون پنهنجي دشمن کان وڌيڪ متعصب آهين ۽ پنهنجن ويچارن جو پرچار هن کان وڌيڪ تعصب سان ڪري رهيو آهين؟ آزادي، مانيءَ جي پنڊيءَ کان وڌيڪ معنيٰ ٿي رکي ڇو تہ اُها اُنهيءَ کُليءَ هوا وانگر آهي، جنهن مان تون ساهہ کڻين ٿو. مانيءَ کان سواءِ تون ڪجهہ وقت تہ جي سگهندين، آزاديءَ کان سوا هڪ پل بہ جي نہ سگهندين.

- هن کي خون جو زبردست فشار بہ آهي ۽ ٻي بہ ڪائي خطرناڪ بيماري آهي، جا هن کي کائي رهي آهي ۽ موت هن جي پنيان هن کي کڏ ۾ ڌڪي ڏيڻ لاءِ هٿ وڌائي رهيو آهي. پو بہ هو پنهنجي ڪُڌائي ۽ اوچائي کان نہ رڳو باز نٿو اچي پر ڏينهون ڏينهن هن جو نيچپڻو وڌي رهيو آهي. واڳو بہ مرندا آهن تہ اس ۾ ليٽي پوندا آهن ۽ ڪنهن تي حملو نہ ڪندا آهن پر تو "ٽيشني ڪُتا" ڏٺا آهن؟ اهو نالو انهيءَ ڪُتي کي ڏنو ويندو آهي، جنهن کي ريلوي اسٽيشن جي ٻاهران ڪائي جيپ يا ٻي سواري پنهنجي ڦيٿي، هيٺان چيپاٽي هن جي چيلهہ ڀڃي وجهندي آهي ۽

Gul Hayat Institute

هو باقي عمر ڪنهن هوٽل تان ڦٽي ڪيل هڏا، اڳين ٽنگن تي رڙهي، پَٽ تان ڪٽندو آهي پر پوءِ بہ هُن ۾ پئونڪ ڪان وڌيڪ ڪيڪڙات هوندا آهن. ڇا هُن لاءِ انهيءَ ڪُتي ڪان بهتر تشبيهہ ٿي سگهي ٿي؟

- ڪسيءَ جا ڪپڙا! تون تہ ڪاربهر جي ڏِک ڏئي رهيو آهين؟ ڪڏهن تو جهاڙو ڦري ۽ تون گٽر ۾ وَهي وڃين؟
- تون پاڻ کي يلي سقراط چَوَ ، پر آنءُ ڇو هيملاڪ توتي اَجائي وڃايان! آنءُ اهڙو اياڻو نہ آهيان!
- سِنڌ! توتي ڪَنورَ جي پِٽ آهي، تون ڪڏهن بہ سَئن نہ ٿيندينءَ؟
- نائون مل کي غدار چوڻ وارا ! توکي خدا دماغ ڏنو بہ آهي يا نہ؟ ڇا تون خود نائون مل جي پيروي نہ ڪري رهيو آهينءَ؟
- سنڌي ماڻهوءَ جو وڏي ۾ وڏو مرض ڪچهري آهي جو سندس سنڌ سُڪائي ٿو وجهي.
- سج نئينگ تي اُبري رهيو آهي. دادوءَ جا شهر! تون ڪڏهن پنهنجي آرسَ مان جاڳندين؟
- ڇا ساڳيو ديس بُلهي شاهہ ۽ جنرل ضياءُالحق کي پيدا ڪري سگهندو آهي؟
- هُن ڳالهہ تہ جمهوريت جي ٿي ڪئي پر صحيح فقط پاڻ کي پٽي سمجهيو!
- عمران خان جو عالمي ڪپ جام- جم کي شڪست

Gul Hayat Institute

ڏئي ويو آهي.

- گروءَ چيلي کي چيو، ”مون توکي واٽ ڏيکاري آهي، ان ڪري منهنجو توتي اڌيڪار آهي“ چيلي جواب ڏنو، ”پر تو واري واٽ تہ مون کي اونهيءَ کڏ تائين وٺي آئي آهي. تون ان ۾ هاٿي ٽپو ڏي. جي بچي وئين ۽ تنهنجون ٽنگون نہ ڀڄيون تہ مان تنهنجي ڪڍ ٽپو ڏيندس.“
- جي توکي پتو پئجي ويو آهي تہ گرو خود ڪنهن دئيت جو چيلو آهي، تہ بهتر آهي تہ تون هن جي گڏهہ جي پُنتان لهي پءُ ۽ هُن کي چڙهي ڏي تہ هو گڏهہ تي هلندو هلي.
- تون دوستو وسڪيءَ جو اُهو ڪردار پڙهيو آهي جيڪو ساٿين هٿان سارو شهر تباهہ ڪرائي پاڻ، ريل تي چڙهي، ڪلندو هليو ويو هو. سازشي! ڇا تون سمجهين ٿو تہ مان تو کي نہ ٿو سڃاڻان؟
- هو ڪهڙو بادشاهہ/ راجا هو، جنهن مهمان لاءِ وڏو محل نهرائي، اُن جي بنياد ۾ لوڻ وجهايو هو ۽ جڏهن هن جو مهمان اُتي اچي ٽڪيو هو، تڏهن پاڻي هارائي هُن لوڻ وارا بنياد ڳارائي وڌا ها ۽ محل اچي پٽ تي ڪريو هو ۽ مهمان دٻجي ويو هو. اي هندستان جا ڪميونسٽ ! ڇا تون پنهنجيءَ تاريخ مان سبق نہ سکيو آهين.

Gul Hayat Institute

- تاشقند ۾ هاڻي تيمور لنگ کي پنهنجي قوم جو هيرو سمجهي رهيا آهن ۽ لينن کي رد ڪري ڇڏيو اٿائون؟ اي اسلامي اخوت جا هندي طلبگار! ڇا تون بہ ائين ٿو سمجهين؟ ڇا توکان اهي مينار وسري ويا آهن جي مسلمانن جا ڪنڌ ڪپي ٺاهيا ويا ها!
- موت جا سوداگر! زندگيءَ جي واپاريءَ جي ڏيک ڏئي رهيو آهين؟
- اسٽالن، انڊا آدرشي! نسبتن ڪي نظرين جي تابع ٿو ڪرين!
- سڪندر موٽي ويو، ڪانءُ اڃا آب حيات تي وينو آهي.
- ڇا آزاديءَ لاءِ خوني انقلاب ضروري آهي؟
- جي توکي پنهنجي ٻولي پياري آهي تہ هُن کي بہ پياري هوندي.
- لومڙ بگهڙ کان خراب ٿيندو آهي. بگهڙ سڌو حملو تہ ڪندو آهي!
- ڇتي ڪُتي جي ڳگ ڏسي عرفي جي غلطيءَ جو احساس ٿو ٿئي.
- هن اخبار جي ڪالم ۾ ڪُتي جي ڳگ وهي رهي آهي؟ ڇاهي ڪُتو ڇتو ٿي پيو آهي؟ هي مون کي چڪ بہ تہ نہ ٿو پائي، رڳو هوا جي جهوٽي تي ٻونڪي رهيو آهي، جڻ چئي رهيو آهي، ”تو ايڏي سرهاڻ ڇو ڪَني ڪئي آهي جا منهنجي مٿي ۾ سور وجهي رهي آهي؟“

Gul Hayat Institute

- ڇا آمريڪا اينتري خراب آهي؟
آمريڪا ايمرسن، ٿارو ۽ والٽ وٽمئن پيدا ڪيا ۽ دنيا کي نازي جرمنيءَ، فاشي اٽليءَ ۽ هيرو هٽو جي جاپان مان جندُ ڇڏائي! ڇا اها روس ڪان بہ خراب آهي، جنهن ۾ سوين اديب ماريا ويا، ڳدام آرٽسٽن جي شهڪارن سان پريا ويا ۽ جو ڪنهن وقت زار جي امپيريلزم جو نئون روپ هو، پر هاڻي ٽُٽي، آمريڪا جي پيرن ۾ ڪريو آهي ۽ ليلڙاتيون ڪري بيک مڱي رهيو آهي؟
اي پاڪستان جا جعلي ترقي پسندؤ! اوهان کي آمريڪا جي نفرت تي پاليو ويو آهي ۽ اُها نفرت ائين آهي، جيئن وش ڪنيا ۾ زهر هوندي هئي.
- توکي ڏسي مون کي آواڳون ۾ اعتبار اچي ويو آهي، ڇو نہ تون انسان جي روپ ۾ نانگ آهين.
- تنهنجي ساري رفاقت اُنهيءَ گهاتي گاهہ وانگر هُئي، جنهن ۾ نانگ لڪو وينو هو ۽ جڏهن اُن تي منهنجي لت آئي تہ ڪَڪيائين.
- سَڪار! اَؤ ڇا! تو نہ رڳو دوست سان ڪوڙ ڳالهايو آهي پر پاڻ سان بہ سڄي عمر ڪوڙ ڳالهايو آهي ۽ ان کي سچ سمجهو آهي.
- ڳاڙهو رَت جو رنگ آهي؟ خوني! ڇا ان ڪري توکي اهو پسند آهي يا ان ڪري جو اهو باک جو رنگ

Gul Hayat Institute

آهـي؟ ڇا ڪِـوئـي خـونـي بـہ بـاڪ جو ڳولائـو هـونـدو آهي؟ هو تہ رات جي انڌيري ۾ لـڪندو آهي ۽ چنڊ جي فانوس تي بہ ڪاوڙبو آهي.

- دنيا ۾ داس ڪئپيٽل سِپني ڪان وڏيڪ بور ڪتاب نہ آهي، ڪجھہ پيا ڪتاب بہ آهن.
- حضرت عيسيٰ عليه السلام حضرت موسيٰ عليه السلام حضرت محمدﷺ ڪي تہ ١٥ سو سالن ڪان وني بہ ٽي هزار سالن ڪان مٿي عرصو نہ ٿيو آهي، جي بحرميت جا مڪتوب (Dead Sea Scrolls) خيال ۾ نہ رکيا وڃن. ڪرشن، ٻڌ، مهاوير تہ گهڻو اڳي ٿيا آهن. بہ ملين جيني اڃا آهن، جن جي گهڻائي بـمـبـئيءَ ۾ آهي. هي ڪميونزم ٧٥ سالن ۾ ڪيئن گول چڪر ڏئي معدوم ٿي وئي؟ اها بہ تہ هڪ مذهب هئي! اسلام ۾ پنج وقت بانگ ڏئي رسول خدا جي ياد ڏيارن ٿا پر ماسڪو ۾ تہ هر پنجاهہ قدمن تي مارڪس، لـينن جا بت انهيءَ مذهب جي ياد ڏياريندا ها، مذهب جو عيسائيت کي نيست و نابود ڪري وجود ۾ آيو هو ۽ جنهن جو بنياد دهريت تي رکيو ويو هو. ووڊڪا، جنس پرستي، خاندان ۽ خدا ڪان نفرت ان جي شـروعـات هـئـي. ١٩١٧ع ۽ ١٩٤٢ع ۾ لـينن گـراڊ ۾ مـاڻهن بک وگـهي مُردا کـاڌا ۽ پوءِ وقت ضرورت، پنهنجي غصي ۾ يا اقتدار جي هوس ۾

Gul Hayat Institute

اهڙي گوشت کي حلال سمجهندا رهيا. جڏهن خوف ئي نہ رهيو، خدا جو يا ٻئي جهان جو، تہ پو رحم ڇا لاءِ؟ آهي ڪو ئي فلسفو جو اِن جو جواب ڏئي؟

- نفرت! نفرت! نفرت! نفرت دنيا کي آگ جئن وچڙي چُڪي آهي. ساري دنيا نڪورا ڪارا باخ جيان ٿي چُڪي آهي، جنتي آرميني ۽ آذري وڙهي رهيا آهن. ائين جيئن هڪ تتر ٻئي تتر جي جوءِ تي ايندو آهي تہ اُهي پاڻ ۾ وڙهندا آهن. هرڪو پاڻ کي موت جو فرشتو ٿو سمجهي ۽ ان تي فخر ڪري ٿو. هُن کي ڪلاشنڪوف ائين ٻَڪ ۾ آهي، جيئن مگينديءَ ٻڪ ۾ هجي. انجيل ۾ ڪٿي چيو ويو آهي تہ: ”پيار ڪافي وقت پيڙا سهي ٿو. پيار رحمدل آهي.“
- سائنس تباهي آهي، جي اُن ۾ انسانيت نہ آهي، گلف واري جنگ ان جو ثبوت آهي. اڄ ڪلهہ ڏاڍو گابو نہ آهي، ڏاڍو ڏاند آهي، جنهن جا سنگ اسٽنگر ميزائيل آهن.
- اسرافيل پنهنجي صور ڦوڪي رهيو آهي جنا رڳو مان ۽ ڪارونجهر ٻُڌي رهيا آهيون.
- قدم گونجي رهيا آهن، قدم گونجي رهيا آهن، دور تي قدم گونجي رهيا آهن. جاڳندو رهہ، جيئن مهمان جو آذر ڀاءُ ڪري سگهين.
- دودا، تون اڃا نہ ٿو جاڳين؟ قيامت جو سج نيزي

Gul Hayat Institute

جي نوڪ تي پهچي چُڪو آهي!

- مينهنِ جا مانداڻ ڪر، ساري گهر کي باهه لڳي آهي.
- اي ويهين صدي! تو ۾ نوانوي فيصد جانور هيا ۽ هڪ فيصد انسان هيا، پر مان پاڻيان ٿو تہ اهو چئي مان انسان ذات جي خوشامد ڪري رهيو آهيان!
- ٻُڌ! ٻڌ! ڪارونجهر مان آواز اچي رهيا آهن. جي اهو ڦاٽو تہ تون ساري جو سارو جلي ويندين!
- تون شڪارپور ۾ منهنجو گهر ڳُولي رهيو آهين! هي ساري سنڌ منهنجو گهر آهي، جتي صديون منهنجيءَ جُتيءَ جو آواز گونجندو رهندو.
- ديڳچي! پنهنجيءَ قوم جو پُلاءُ پچايو اٿئي؟ ڪنهن کي ٿو کارائين؟
- تو ڍَڪُ هٽائي ڏٺو آه؟ مان پاڻيان ٿو تہ دستگير جي ديڳ پچي وئي آهي!
- پيٽرول کي گلال ڪري ڪم آڻي رهيو آهين! ڪهڙيءَ هوليءَ لاءِ پچڪارون ٿو ڀرين؟
- تون ايڏو ڪوڙو آهين جو تنهنجي ڪُوڙ کي ايترو پختو ڪرڻ لاءِ ٻہ هزار جنم لڳا هوندا.
- آدرش وادي! ڇا تنهنجي وادي ڪنهن اونهيءَ ڪڏ ۾ آهي، جتي توکي تُنهنجو آدرش ڪيرائي مارائيندو؟
- تون تہ تاريخ جو سيخ ڪباب آهين پر اجان تاندن تان لٿو نہ آهين.

Gul Hayat Institute

- سرڪاري نوسرباز! مان تنهنجي هر داوَ پيچ کي سمجهان ٿو.
- جرم ته هر ديوار آهي پر ڇا ديوار برلن تاريخ ۾ وڏي ۾ وڏو جرم آهي؟
- مون پوني کان ڪجهه ميل پري پهاڙيءَ تي شيوا جيءَ جو ڪوٽ ڏٺو ته مون کي ائين لڳو ڄڻ ان جي هر سرَ ڪائي ستَ ستِي رهي آهي.
- مون گوا ۾ هڪ پورچوگيز گورنر کي اکين ۾ گهوري ڏٺو ۽ سوچيو ته ڇا بت تراش انهن ۾ اهي ڪونڪَني ڇُپائي سگهيو آهي جي هن مارايا ها؟
- اي يونيفارم ۾ گُڏا! ڇا توڪان نازي جنرل وسري ويا آهن جن کي لاطيني آمريڪا مان ڳولي ڳولي گرفتار ڪري، عدالت جي سامهون آندو ويو آهي؟
- سسي فَس! هٿي وڃ! پٿر پاڻ ئي چاڙهيءَ تي مٿي ڏڪجي رهيو آهي.
- ڏسان ته ڪير ٿو چوي ته: ”اوهان سڀ جڪ ماري رهيا آهيو“ جيئن ايسپ هڪ پيري پڇيو: ”ڪير ٿو ٻليءَ جي ڳچيءَ ۾ گهنڊڙي ٻَڌي؟“
- يسوع! جي مان وفائي صاحب وانگر حساب ڪيان ته فريسيسيءَ ۾ ٻه س ۽ ي آهي ۽ سنڌيءَ ۾ ٻه س ۽ ي آهي. ان جو نتيجو ڇا ٿيندو؟ اهو جيڪر مان وفائي صاحب کان پُڇي ڏسان!

Gul Hayat Institute

- ڪي شخص قومي جهنڊي کي پڳ ڪري ٻڌندا آهن يا ڏيءَ جي ڏوپٽي وانگر ڏسندا آهن ، ڪي ان مان شلوار قميص ٺهرائيندا آهن، ڪي ان کي لنگوٽ ڪري ٻڌندا آهن، ڪُشتيءَ يا نوراڪُشتيءَ وقت ۾ ڪي اُن کي ٽائليٽ پيپر وانگر ڪم آڻيندا آهن. ان ڳالهہ جو ماڻهوءَ ماڻهوءَ تي، قوم قوم تي مدار آهي.
- سيسار سهڻيءَ کي سِير ۾ لُڙهندو ڏسي، ٿڌو ساهہ ڀري سوچيو، ”ڪهڙي بزدل جي ڪَڍ لڳي آهي!“
- تون جنهن بہ ناليءَ سان لکين، تنهنجي هر لفظ مان تُنهنجي لاش جي سڙاند اچي رهي آهي.
- هن گهڙيءَ سان نہ نپاءِ! تون وينو صدين جو سوچين!
- ”بروٽس !“ مون کي توتي غصو نہ آهي“ سيزر چيو، ”تون منهنجي ڇاتيءَ ۾ گهاءُ ڏنو آهي جو قليو پطره ڪيو آهي؟ تون نہ مُئي کي ٿو مارين!“
- سنڌي واٽيو نہ وڃي عرش تي پهتو، سنڌي جٽَ! تون ڌرتيءَ تي مٿو ڪُٽي رهيو آهين! شايد پنهنجي ڪَئي جو ڪيتو ڏئي رهيو آهين!
- منهنجا سياسي آدرش! مون تنهنجو ايترو انتظار ڪيو آهي، جيترو جيڪڏهن خدا جو ڪيان ها تہ ڪيئي مَلڪ فَلڪ تي پنـتي ڇڏي وڃان ها! تون ڪڏهن ايندين؟
- پنهنجي دماغ ۾ ان ڪان وڌيڪ هوا نہ ڀر جيتري پنهنجي

Gul Hayat Institute

پڇيرو جي ٽاير ۾ ٿو پرين!

- ڇا تون واچ جو ڪانٽو آهين جو ڦري ساڳي جاءِ تي ايندين؟ زندگي تہ قطب نما جو ڪانٽو آهي جو توکي پنهنجي توڙ تي رسائيندو.
- تون پڙهيو نہ آهين، رڳو ڪَڙهيو آهين تيل جي ڪڙهائيءَ وانگر ۽ هاڻي پنهنجا جلائي رهيو آهين!
- تون گفتگو دوران واري سان سيسر وانگر ٽُبي ڏئي ويندو آهين.
- سنڌ جي تاريخ "ڇچ" سان شروع ٿئي ٿي. غداريءَ، نمڪ حراميءَ، سازش ۽ بي حيائيءَ سان.
- تاريخ جي مهڪ بہ مقناطيس وانگر ٿيندي آهي جا رڳو اُنهن کي ڇڪيندي آهي جن کي لوهہ لڳن ۾ هوندو آهي.
- ميان تون آهين تہ ٻلو پَر ورديءَ ۾ چار ٻلا پائي پاڻ کي شينهن جو پُٽ سمجهي رهيو آهين.
- هر ڪوئي ڪرسيءَ تي ڊنوسار (dinossaur) لڳندو آهي.
- ڇا اڄڪلهہ ٻلي ڪوئا مار جو سهارو وٺڻ لڳي آهي؟
- مانِ اوهان کي انقلاب جي ذبڻ مان ڪڍڻ ٿو چاهيان. دنيا ضرور بدلندي پر ان لاءِ اوهان اڳ ئي پنهنجو ۽ پرايو رت بيڪار وهائي چُڪا آهيو. هاڻي ٻي ڪا راهہ ڳولڻي آهي.

Gul Hayat Institute

- تون مذهب، رنگ، نسل، آزاديءَ، انقلاب، مطلب تہ جنهن نالي ۾ ٻي انسان جو خون وهائين، تون خوني آهين. ڪنهن جي، ڪهڙي بہ نالي ۾ رتوڇاڻ ڪرڻ نيڪ نہ آهي. انسان جي خون کان مقدس ڪائي شيءِ نہ آهي، جي ائين نہ هجي ها تہ سڀ انسان آدمخور هجن ها. مان تہ چوان ٿو تہ ساري زندگي مقدس آهي، پوءِ اُها انسان جي هجي يا ٻي جاندار جي. تتر جي گلي تي بہ ڇُري نہ وهاءِ! مون کي ائين ٿو لڳي تہ تون ڪائنات کي تڪبير ڏئي رهيو آهين. ان جون ٻولڙيون ٻڌي فرشتا حيرت ۾ اچي ويندا هوندا ۽ سوچيندا هوندا تہ ڌرتيءَ جا فرشتا ڪيترا نہ پيارا آهن، اسان کي خدا بهشت ۾ قيد ڇو ڪيو آهي!
- مان جڏهن بہ هن جي دڪان تي ويو آهيان تہ سيٺ ڪائونٽر تي ويٺو هوندو آهي. مون کي جيترا ڪپڙا خريد ڪرڻا هوندا آهن، هڪ وقت ئي اڌ ڪلاڪ ۾ خريد ڪري ونندو آهيان. جڏهن هن کي بل ڏيڻ ويندو آهيان تہ مون کان اڳ چار پنج ماڻهو هن کي پندرنهن ويهہ هزار ڏئي ويندا آهن. هن جو ڪم اهو هوندو آهي تہ ڪئش ميمو ڪڍي ۽ دِرائر ۾ هزار هزار جا نوٽ وجهي، ۽ ڪجهہ نوٽ گراهڪن کي ڪئش ميمو تي رکي، موٽائي ڏي. هو سارو ڏينهن اهو ڪم ڪندو آهي. مون کي پوري پاڪستان جي

Gul Hayat Institute

دولت ڏيـن تـہ هـن وانـگـر اڌ ڪلاڪ بہ نہ گـذاريـان.
پاڪستان جهڙو واهيات بورجوآزي دنيا ۾ ورلي ملندو. ائين لڳندو آهي تہ ڪنهن گڏهہ کي گهاٽي ۾ ٻڌو ويو آهي.
مون هڪ پيري هن کان پڇيو تہ 'وہ فيض احمد فيض کو جانتا هے' هـن جواب ڏنـو 'يہ فيج بهائی کيا کرتا هے؟'

- وڄُ ڪـڏهـن تـي ڪِري، ان جي آکـيـري کـي خبـر نـہ هوندي آهي.
- توکي ان مارڪسي- لينني ٻوليءَ کانسوا ٻي ٻولي اچي تہ اُن ۾ لکين! مون کي تہ ان مان مُئل مڇيءَ جي ڌپ اچي رهي آهي.
- ڪجهہ ڪُتن جي ڀَونڪ ٻڌي، عرفي پنهنجو رستو ڇڏي ويندو ڇا؟
- ڪنهن چيو تہ: "تنهنجا دوست توتي ڪاوڙيا آهن."

مون جواب ڏنو: "هو ڪاوڙيا تہ پنهنجي غلطيءَ تي آهن، رڳو مان اُن جي نشاندهي ڪيان ٿو تہ هو مون تي ڪاوڙ ڇنڊين ٿا."

- احمقن جي ساٿ کان اڪيلائي هزار بار بهتر آهي.
- مـون نـاسـڪ ۾ روهڙيءَ وانـگـر ڇُر ڏني، جنهـن مـان حـلالـي نـڪـري تـي ويـو ۽ حـرامـي ڦـاسـي تـي پـيـو.

سرحد جي ٻنهي طرفن مونکي اهڙا ماڻهو مليا آهن

Gul Hayat Institute

جن جو تعداد ۾ طبيعتون ساڳيون آهن.

- سڪندر اعظم! مان بہ تو وانگر ذوالقرنين آهيان ۾ مون بہ پنهنجي مٽي جي پنهي پاسي بار ڪنيو آهي. ڪنهن وقت مونکي بہ تو وانگر اعظم جو خطاب ملندو.
- احمد شاہ ابداليءَ سنڌ ۾ مدد خان موڪليو. دراصل هتي جيڪو بہ حملہ آور آيو آهي، مدد لاءِ آيو آهي.
- ائين ڇو آهي تہ هر پٺائيءَ جو پيش رو قاضي قاذن ٿيندو آهي؟
- اقتصاديات جو شخصيات تي ايترو اثر نہ آهي، جيترو شخصيات جو اقتصاديات تي آهي.
- مونکي جنوبي آفريقا جي ڪميونسٽ ليڊر ڪرس هاني جي قتل تي ڏاڍو افسوس آهي. جي ائين آهي تہ اوهان ڪميونسٽ حڪومتن ڪان نفرت ڇو ٿا ڪيو جيِ ڪميونسٽ مخالفن کي مارائينديون هيون؟
- علامہ اقبال نِيل جي ساحل ڪان ڪاشغر جي خاڪ تائين ڇا ڏسي رهيو آهي؟ مون کي تہ هڪ ويران رستي تي لُٽيل قافلو نظر اچي رهيو آهي، جنهن جا قافلا سالار سَڀُ مري چُڪا آهن.
- وچ، وچ حُسني مبارڪ وَٽ وِچ! هو توکي هر فرعون جي قبر ڏيکاريندو. تون بہ پنهنجي لاءِ مخروطي منارو پسند ڪر ۾ مون وٽ هي بہ جوتا زائد آهن،

Gul Hayat Institute

اهي بہ اِتي رکي آءُ! متان تنهنجي موت کان پوءِ ماڻهو اُهي توکي هڻن!

- اي اصحابِ ڪُهف! مان تہ ڪيترو وقت اڳي جاڳيو آهيان، اوهان هاڻي اُٿيا آهيو، جڏهن دنيا بدلجي وئي آهي!
- اي گهوڙي سوار! خيال ڪجانءِ تہ گهوڙي جي ٽنگ ٽِڙي، تنهنجي گردن نہ ٽوڙي وجهي!
- ڏاهپ ڪيترا ڏنپ ڏياري ٿي، ڏنپ ڪيتري ڏاهپ ڏين ٿا!
- تو اهڙا شهيد ڏٺا آهن، جي بقيد حيات هوندا آهن.
- اي شيطان صفت انسان! تون انسان صفت انسان مان ڇا ڄاڻين!
- مراد کي احمد نگر جي جيل ۾ آفيم ڏئي مارڻ وارا اورنگزيب! توکي قدرت گهٽي وٺي ڏني هُئي؟
- جي تنهنجو مڪافاتِ عمل ۾ اعتبار نہ آهي تہ تنهنجو ٻي کهڙيءَ ڳالهہ ۾ اعتبار ٿي سگهي ٿو؟
- رِڇ ۽ ڪتي جي ويڙهہ ۾ شريڪ نہ ٿيءُ، تماشائي ٿي رَهہُ!
- اوهان جو دماغ ايترو ڌوئي صاف ڪيو ويو آهي جو اهو لانڊري ٿي پيو آهي!
- ويهين صديءَ ۾ ڊارون، فرائڊ ۽ مارڪس جي تعليم ٻي هر تعليم کان وڌيڪ اضطراب جو باعث هُئي.
- عشق ۾ 'سِسِي نيزي پاندِ، اُچل تہ پہ اڌ ٿئي' ان

Gul Hayat Institute

ڪي تہ ڪا معنيٰ آهي، سياست ۾ اها سِٽ مون ڪي تہ بنهہ بي معنيٰ ٿي لڳي.

- مارئي ٿيڻ سولو آهي، ڪوهہ تان گهڙا پرڻ ڏکيو آهي.
- ٻاٻيهي ڪي چو ٿو مارين! جي اُڄ مري وئي تہ سانوڻ چا جي لاءِ وَسندو؟
- تنهنجو نانءُ ياد اچي ٿو تہ وات وِهہُ سان ڀرجي ٿو وڃي، تون جو ڪالهہ امرت ڪان مٺو هئين!
- کهڙي جَتَ سان ٿو ڳالهائين؟ دفعي ڪرينس! هي سياسي هيروئِني آهي.
- ڪيڏو ساڙ رکيو اٿئي؟ پنهنجي دوزخ جي باهہ ۾ تہ اڳيئي ٿو پچرين! مان پنهنجون بہ ڪاٺيون اُن ۾ چا لاءِ وجهان؟
- تو اُتي ٻيلاٽين ۾ ٻَبُر ڏٺا آهن؟

سنڌ جهڙا پيارا پکي ڪٿي ڏٺا اٿي؟ تون فلوريڊا وڃي يا فيوجي ياما، توکان سنڌ نہ وسرندي.

- هن پُست جي ڏوڏي جا گُل ڪهڙا نہ ڳاڙها ها! اُهي هوا ۾ لڏي شفق جي لالاڻ سان چا ڳالهائي رهيا ها!
- ميان! سوچ توکي سنڌ ۾ قبر لاءِ جاءِ بہ ملندي يا نہ؟ مان سيوهڻ ۾ تہ محمد تغلق جي قبر ڪٿي ڳولي نہ سگهيو هوس. چون ٿا تہ هو اُتي پوريو ويو هو.
- هن مون کان پڇيو "تو ناول 'سانگهڙ' پڙهيو آهي جو فيروز وري ڇپايو آهي" ؟ مون جواب ڏنو: "مان

Gul Hayat Institute

ناول 'رانگهڙ' ٿو لکان جو پيپلزپارٽيءَ پاران ڪنهن وقت پنجاب جو گورنر هو." هن ڪي منهنجو جواب بنهه بي معنيٰ نظر آيو ۽ مون ڪي هن جو سوال بنهه بي معنيٰ نظر آيو.

- ڪبيرا هي ڪنهنجو راڳ گونجي رهيو آهي، جنهن سان نندي ڪنڊ جي ڪنڊ ڪڙڇ ٻري رهي آهي؟
- چا تو ۾ روح براهيمي آهي جو نمرود جي آگ سان کيڏي رهيو آهين؟
- ڪُتا ڍُونڊَ تي وڙهي رهيا آهن. بُلهي شاهه! تون تہ پاسي ٿي بيهه! ڍوُنڊَ جي ڏٻ ساڙي رهي آهيّ.
- هَڏا بہ وڏي ويا آهن، ڪُتا بہ وڏي ويا آهن. ماڻهو دروازا بند ڪري ڪليل درين مان باهوڙ ٻڌي رهيا آهن. ڳجهون اَجا تہ آسمان ۾ آهن. اُهي ڪڏهن ٿيون لهن، ڪيئن چئجي!
- ڪنهن جو موت ڪنهن ڪي سڏي رهيو آهي؟
ڪن اينترا سَرلا اَتي جو آوازُ ٻڌي سگهين؟
اها تنبوري جي تَڻ تَڻ تہ بند ڪر!
- طوفان ڪان چو ٿو گهبرائين؟ طوفان تہ تنهنجو ساٿي آهي، سَڏُ بہ آهي تہ وَراڻي بہ آهي.
- اسرافيل پنهنجي صوُر ڦوڪي رهيو آهي پر مان چا ڪيان تون تہ پيدائشي ٻوڙو آهين!
- * تون ٻوڙو آهين، گونگو ناهين. اسرافيل جي صور

* نوٽ: هي نظم قاضي منظر حيات فلسطين جي ناهہ ڪان ڪيترو وقت اڳي اُتاريو هو.

اڇي رهي آهي پر تون ائين نعرا هڻي رهيو آهين ڄڻ اڳين فلسطين ۾ رهيو پيو آهين!

- ڪيرڙو تان گڏ ڇلانگ ڏيندو آهي ته به سامهون واري ڇپ ڪي ڏيان ۾ رکي ڏيندو آهي. تون ته خلا ۾ ڇلانگ ڏئي رهيو آهين!
- سوچي ڪان سوچي ديري تائين،
  مان سيني ڪي حيرت مان ٿو ڏسان!
- جيئن انسان پيريءَ ۾ اچن ٿا، هنن جي اندر جو ابليس اڪيون مَهتي جاڳي اُٿي ٿو. هَوَسُ اجگر جيان وات پَٽي ٿو ۽ هو سمجهن ٿا ته سندن موت اچا پري آهي، جيتوڻيڪ سندن موت کين ڏسي واڳ ڏَري ڪري ٿو. جيستائين کين پاڻ ڏانهن ڇڪي هڏن سوڌو رڙڪي ڇڏي! ڪيڏا نه اياڻا آهن جي پاڻ ڪي گهٽو سياڻو سمجهن ٿا ۽ زندگيءَ جي نالي ۾ موت ڪي وساري ڇڏن ٿا! جي اوهان ڪي پيريءَ ۾ اهڙا انسان نظر اچن ته اهي نالِيءَ جا ڪيڙا سمجهو توڙي اُهي ڏِک فرشتي جي ڏيندا هُجن! هو برابر فرشتا آهن، پر جهنم جا.
- پيڙيءَ جي رَسي نه ڇوڙ، اڳتي اوڙاهه آهي!
- سنڌ! مان ئي ته تنهنجي سرحد آهيان. مون کي ڪوئي اورانگهي نه ٿو سگهي.
- بال ناڪري! هي ڇُرو تو مون کي ڇو هَنيو؟ بابر ته

Gul Hayat Institute

مون کان چار سؤ سال اڳي هتي آيو هو؟

- رِشي ڪيش هلنديں؟ هڪ هزار سال جو جهيڙو نبري رهيو آهي.
- ڇا سنڌ جي تاريخ آهي؟ ڇا سنڌ جي جاگرافي آهي؟ نہ، سنڌ آئون آهيان. جيستائين منهنجي شاعري زنده آهي تيستائين سنڌ کي ڪوئي مٽائي نہ ٿو سگهي.
- هر آمريت آمريءَ ۾ دفن ٿي ويندي. سنڌ جي تاريخ زنده جاويد آهي.
- سچ ڪيئي پيرا گهڙي وانگر درياهہ ۾ غرق ٿي چڪو آهي، پوءِ بہ تار تَرڻ وارا رات لٿي کان اڳ ڪنڌيءَ تي پهچي وڃن ٿا.
- ڇا ميهار کي ملڻ لاءِ ٻُڏڻ اَوس آهي؟
- امرتا پريتم! ڇا تنهنجو وارث شاهہ اجا قبرن وچان ٻولي رهيو آهي؟ مون کي تہ ڪجهہ ٻُڏڻ ۾ نہ ٿو اچي!
- قراءۃ العين حيدر! فقط آنءُ تنهنجو آگ جو درياهہ تَري ٻي ڪنڌيءَ تي پهتو آهيان پر اتي تہ ڪجهہ بہ نظر نہ ٿو اچي! يا مون ۾ بينائي نہ رهي آهي!

Gul Hayat Institute

•

مان تنهنجا کهڙا ٿورا لاهي
کهڙا لاهيان؟
هي رات جي ڪاريءَ پوتيءَ ۾
ٽانڪيل
ڪروڙين ستارا،
هي چنڊ جو آئينو
جوڪائنات جي ڪنوار
بار بار ڏسي
ٽڪجي نہ ٿي ٽڪجي،
ٻ جا روز
جڻ پِرڀَي رات جي باک کان اڳ
تلاوَ ۾ وهنجي ٿي
۽ ساري اُفق جي لالاڻ
اُن جي چادر تي ڦهليل آهي!
هي ڪنهن سان

Gul Hayat Institute

ان جو روز نڪاح پڙهي رهيو آهين؟
۽ تنهنجي ڏينهن جو واٽهڙيون
اِئين لڳي رهيون آهن
ڄڻ هن جي بيوهَ ٿيءَ جي
رُخسارن تي گرم لڙڪن جون لارون آهن
جي سُڪي نہ ٿيون سُڪن!
تو ڪيڏا منهنجي دوستيءَ لاءِ
هرڻ پيدا ڪيا آهن،جي رج تي ڪاوڙجي
اُن جي سيني مان
تيز خنجر وانگر
پار وڃن ٿا،
۽ رنگ برنگي مور
جي پنک پکيڙي
اُنهن بادلن جي آجيان ڪن ٿا
جي خليل جبران جي دل ۾
شاعريءَ وانگر ڪارونيار ٿي اُيريا ها،
۽ جي برسڻ تي اچن ٿا
تہ لڳاتار برسندا رهن ٿا،
۽ دشت و در ڪي

Gul Hayat Institute

هُن جي 'پيغمبر' وانگر
وَرسائي ڇڏن ٿا،
پوءِ اَڇو آسمان
اِئين ڇڏي وڃن ٿا،
جڻ ابوالعلا معريءَ جو ضمير هو، *
جو هر سَهي کي
بادل وانگر ٻوڙندو ڏسي
خوش ٿيندو هو،
۽ خوشي هن جي اشتها
ماري ڇڏيندي هئي؛
هي پانت پانت جا انسان
هن سڄي مانداڻ جي گجَ ۾
شيشي جي ٽِڪين وانگر ٻَرن ٿا،
هي قسمين قسمين جانور
جي تون آهين
۽ جن ۾
پنهنجي گوشت تي
پاڻ کي پالي رهيو آهين

* ابوالعلا معري- عرب شاعر ۽ فلسفي جو گوشت نہ کائيندو هو.

Gul Hayat Institute

۽ انهن کي
اُهي ڪَلون عطا ڪيون اَٿي
جيئن تاشقند جي
قالين فروش جي
ڪلهي تي قالين هوندا آهن،
جيڪي ڌرتيءَ تي وڇائي
هو خريدارن کي ڏيکاريندو آهي،
۽ رنگ رنگ جا ٻيا پرندا
جي اِئين اڏري رهيا آهن
جيئن ٻار لاهور ۾
بسنت جي ميلي تي پتنگ اڏائيندا آهن،
۽ انهن جي حياتيءَ جي ڏور
ٻه ائين ئي تنهنجي هٿ ۾ آهي،
جيئن ٻئي ڪنهن ساهواري جي،
۽ هي اڪيچار وڻ جي
اُجهنڊي ۾
تون پکيئڙن جي آوازن سان
ائين گونجائين ٿو
جيئن سمنڊ،
ڪناري تي پهچي

Gul Hayat Institute

پنهنجي گَرج
ڏيمي ڪري ڇڏيندو آهي
۽ ڪوڏن مان اُن جو آواز ايندو آهي،
اي خدا!
مان تنهنجا
ڪهڙا ٿورا لاهي ٿو سگهان؟
مان جو شاعر آهيان
۽ جنهن ساري زندگي
جواهر ڇڏي
تنهنجي پهراڻ ۾
پنهنجا بيت جَڙيا آهن
۽ جنهن جون وايون
گهٽائون ٿي آيون آهن
۽ تنهنجو ٿـَـر بَـر وسايو اٿائون،
۽ جي رنگ رنگ جي هُرمچ وانگر آهن
جي هن ڌرتيءَ جي
ڏياٽيءَ ڪي آڇيا آهن؛
مون وٽ وقت تمام ٿورو آهي،
پر جو ڪجهه آهي
مون تنهجي نذر ڪيو آهي

Gul Hayat Institute

۽ هن پيريءَ ۾ به
جڏهن منهنجي ديد
جهڪي ٿي وئي آهي،
مان ڪائنات جا پائنچا پرت سان پري رهيو آهيان
جيئن منهنجي موت کان پوءِ
منهنجيءَ ڪَل مان
جڏهن اُن جي جُتي ناهي وڃي
تہ اُهي اُن تي
سُهڻا لڳن:
تُنهنجي سونهن هونءَ تہ اپار آهي،
مان اُن ۾
اِضافو ڪهڙو ڪري ٿو سگهان
پر پوءِ بہ......
پر پوءِ بہ.......

Gul Hayat Institute

●

ڏاڍي دير ٿي وئي آهي
معافيءَ جا سڀ دروازا بند ٿي ويا آهن.
ڪُڪڙ ڏَس هٽي رهيا آهن،
هاڻي صبح ٿيندو

۽ مون کي ننڊ اچي ويندي،
ڪنهن پوائنتي خواب وانگر ابد تائين.

●

تون ڪير آهين، جو منهنجي جاڳ کي
جهنجهوڙي رهيو آهين
۽ ڇنئي رهيو آهين
نہ توکي نيٺ ننڊ اچي ويندي،
۽ توکي وجھہ نہ ملندو
وري وجھہ نہ ملندو."

●

تون گل جو
پَنُ پَنُ وِکيري رهيو آهين
جيئن اُن کي هر باغ کان وڌو بڻائي سگهين
۽ اُن ۾ اُهي پرندا ڇهڇهائن،
جي ڪٿي بہ نہ ڇهڇهايا آهن،
تون منهنجي هِر رڳ کي،
اُها ڪويل بڻائي رهيو آهين،
جا هن ڪائنات جي
درخت جي

Gul Hayat Institute

پن پن مان ڪوڪي رهي آهي،
۽ ستارا
ان جي آواز تي ڪنبي وڃن ٿا،
۽ چنڊ جون اکيون آليون ٿي وڃن ٿيون،
۽ اُهي
ماڪ ڦڙا ٿي وَسن ٿيون،
جي ڪڏهن به نہ سُڪنا آهن
۽ مان پنهنجيءَ ٻوليءَ مان،
ايڏو وڏو ريڄُ بڻائي رهيو آهيان
جو موت جي اُنهيءَ مانگر کي
ڦاسائي
جو هن ساريءَ ڪائنات کي
ڳرڪائي سگهندو آهي.
اُن کي
مان اُٿي رهيو آهيان،
اجا اُٿي رهيو آهيان.
اهو ريڄ
جنهن لاءِ ستارا واجهائن ٿا
۽ پنهنجي قيد مان
رهائيءَ لاءِ منتظر آهن.

Gul Hayat Institute

- اي خُدا! مونکي اَگهائيءَ ۾ سگهائي ڏي! منهنجي ٻَاڻ کي ايترو اوچو ڪر جو توڪانسوا اهو ڪنهن اڳيان جهُڪي نہ سگهي. منهنجي قلم کي فرهاد جي تيشي کان وڌيڪ طاقت ڏي ۽ منهنجي شاعري جوئي شيرين کان وڌيڪ مٺي بڻاءِ!

اي خدا! منهنجون جهوليون پنهنجي پيار سان ايتريون ڀر جو مان اُهي ساري انسانذات کي ڏيان تہ اُهي نہ کُٽن، مون کي اُن لاءِ اهو هُد هُد بڻاءِ جو سليمان جا سبا کي پيغام پهچائيندو هو. مان جو تُنهنجو ٻانهو آهيان، مونکي ايتري آزادي ڏي جو دنيا جا آزاد ترين انسان اُن سان حسد ڪَن ۽ ڪَروبي بہ منهنجي ڪَن ۾ اچي چون تہ "اسان کي پنهنجا پَرَ اُڌارا ڏي."

اي خدا! مون ساري عمر تنهنجو نالو نہ ورتو آهي. منهنجي زبان کي ايتري سگهہ ڏي جو مان توکي سڏ ڪيان تہ زمين ۽ آسمان اُن سان گونجي اُٿي.

مان تنهنجي ڪئلين کان بہ ڪمتر آهيان، منهنجو ڪَنڌ ڪَنين کان بہ اوچو اُڀار!

مونکي هماليہ کان بہ گهٽي سگهہ ڏي. منهنجا پير اُتي کُتا رهن جتي ساري عمر کتا رهيا آهن، منهنجا آدرش اڏول رهن. اڳي وانگر.

اي خدا! منهنجي شاعري مُنهنجي عبادت آهي. مون

Gul Hayat Institute

ڪي اينتري سگهہ ڏي تہ اُن ڪي پورو ڪري سگهان.
مون کي اينتري عمر ڏي جو اُن ۾ مان اُهو ڪجهہ
چئي سگهان جو مان اڳي چئي نہ سگهيو آهيان.
اي خُدا! مون کي ڌڪار کان ڌڪار ڏي، مونکي بچان
کان بچان ڏي، جيئن مان پوري انسانذات کي پاڪر
۾ ڀَري اُن کي چميون ڏيان ۽ اُن کان ڪڏهن نہ
ڇرڪان جئن عيسيٰ کي کنهن بہ کوڙهئي کان
ڪِريہ نہ ايندي هئي.

- جيستائين پکي هوا ۾ پر ڦڙڪائن تا ۽ ماڪوڙيون پنهنجي ڏر ۾ وڃن ٿيون، تيستائين تون آهين، پر جڏهن ڪجهہ بہ نہ هوندو تڏهن بہ تون هوندين ڇو تہ تون ئي تہ اُها 'ڪُجهہ بہ نہ' آهين.
- مان چوان ٿو تہ "تون آهين، تون آهين، تون آهين" .

اهو منهنجو پويون نعرو آهي ۽ مهنجي آخري آزاديءَ جي علامت آهي.

- "تن تنبور، محبت نغما".

اهوئي تہ منهنجو پويون گيت آهي. اهو تنبور تون سچل سرمست کي بہ تحفي طور ڏنو هو پر هُن اهو مُلان جي مٺي تي هٽي پڇي ڇڏيو.

- عيسيٰ جا صليب تي پويان لفظ هُيا "يا خدا! تون مون کي اينترو آزمائين ڇو ٿو؟"

مون تہ توکان اهو سوال بہ نہ پڇيو آهي، توڙي ساري

Gul Hayat Institute

عمر مان صليب تي رهيو آهيان.

- اي خدا! تون ساري ڪائنات بہ آهين ۽ ٻيو ڪجهہ بہ آهين. جنهن لاءِ عين اليقين ضروري آهي، پر اهو هر ڪنهن جي حصي ۾ نہ ٿو اچي!
- اي خدا! منهنجي دشمن کي معاف ڪر. هن کي بہ مون وانگر روح آهي ۽ هو بہ مون وانگر اَمر آهي.
- اي خدا! منهنجي دشمن جي روح ۾ چڱائي وِجهہ، هن کي سمجهہ ڏي ۽ هن کي پنهنجي رحم کان محروم نہ ڪر!
- اي خدا ! مون کي ڪبوتر بڻاءِ، مون کي جهنگ- ٻلي جون اکيون نہ ڏي!
- اَڄُ تہ سچل سرمست سان واريءَ مان گهرڙا ناهيون! آخر هن بي ڪنار بحر جي ڪناري تي سپ بارڙا تہ آهيون!
- هر دلق پوش جي سيني ۾ دل نہ ٿيندي آهي.
- نٽشي! هوُ نہ مئو آهي، جنهن جي موت لاءِ تون ڍنڍورو ڏيندو وتندو هئين!

Gul Hayat Institute

مون تہ هِن کي کلهہ بازار ۾ ڏٺو هو. هو ايندڙ ويندڙ کان ڪجهہ مَڱِي رهيو هو.

ها ، نہ رڳو تون مري ويو آهين پر تنهنجو ڍنڍورو بہ ٿُٽي چڪو آهي.

- ميان! اجا اورئين فَلڪ تي پهتو آهين؟

اجا گهڻا فَلڪ اورانگهڻا اَٿي؟ مَلڪ توکي حيرت

مان ڏسي رهيا آهن!

- اي خدا! تو منهنجي روح کي پکي جي روح وانگر بڻايو آهي. مان اِهو ڏسي حيران ٿِي وڃان ٿو ته اهو ڪيستائين پرواز ڪري ٿو سگهي!
- اي خدا! ايتري روشني به نه ڪَر جو منهنجون اکيون جهانورائي وڃين!
- اي خدا! تون مُنهنجون اکيون آهين! توسان مان اهي ڳالهيون ڏسي سگهان ٿو جي ٻيا انسان ڏسي نه ٿا سگهن. مان توسان اهي ڳالهيون ٻڌي سگهان ٿو جي ٻيا انسان ٻڌي نه ٿا سگهن. توئي ته مون کي قلم گهڙڻ سيکاريو آهي ۽ منهنجي هر تحرير مان ليئو پائي ان کي ڏسي رهيو آهين ۽ پنهنجي حقير شاگرد جي مٿي تي هٿ ڦيري رهيو آهين.
- اي خدا! ڇا مان توکان ڪنهن به گناهه لاءِ معافي وٺان؟ ڇا تون اِن تي قادر نه هئين ته مون کي گناهه کان روڪي سگهين ها!
- سعديا شيرازيا! پُلصِراط ايتري تکي به نه آهي جيتري ماٺهو چون ٿا! تون ۽ مان آسانيءَ سان ٽپي ويندا سين!
- زمهرير لاءِ کهڙي پشميني مان لباس سبايا اٿي؟
- توکي ان جو ڪوئي پَوُ نه آهي؟ دوزخ جي آگ مان توکي فقط حُقي لاءِ ٽاندو گهرجي؟
- يَزيد! دليل ته تو وٽ به آهن پر حُسينيت لاءِ دليل

Gul Hayat Institute

ڪافي نہ آهن.

- اڄ بہ شام لهرن ۾ ائين ئي لُڙهي رهي آهي جيئن دجله ۽ فرات ۾ لڙهندي هئي؟ ڇا وَري ڪوئي امام شهيد ٿي رهيو آهي؟ سج جا ڪرڻا قطرا قطرا ٿي ڇڄو وهي رهيا آهن؟
- ڇا خدا کان وڏو ڪوئي موُذن آهي، جنهن جو آواز تو ۾ هر وقت هُري رهيو آهي.
- ڪوهِ طور يڪ لخت پاره پاره ٿي پيو آهي ۽ سِڻون پني تي پٿرن وانگر اڏامي رهيون آهن. ڇا ڪَوئي ’رب ارني‘ چئي رهيو آهي؟
- عِشاءَ جو وقت آهي، خدائي خاموش ٿي ويئي آهي. مون ههڙي بانگ تہ اڳ ڪڏهن نہ ٻڌي آهي!
- خدا جي سامهون سربسجود ٿي ۽ انهيءَ هر پَل کي نيڪالي ڏي جو تو دنيا سان گڏ گذاريو آهي.
- هر پَلُ جو تو دنيا سان گذاريو آهي، توکي قبر ۾ ڪيڙي وانگر چُرندو نظر ايندو.
- تون پل دڳ تي گهُمندو ڦِرندو وَت، توکي ڪائي جهَل نہ آهي پر ’موتو قبل از موتو‘ دل ۾ سانديءِ!
- يا خدا! مونکي پيهر جواني نہ ڏجانءِ،
  متان هيءَ پياري پيري مونکان کسي وڃين!
- ”خدا آهي!“ مون اهو چئي ڌرتيءَ تي اِئين لت هنئي ڄڻ سيني دهرين جي قبر تي لَت هنيم.

Gul Hayat Institute

- ڇا صليبي جنگ وري ڇڙي وئي آهي؟ ڇا رچرڊ ٽيون ۽ غازي صلاح دين وري وڙهي رهيا آهن؟ انسان ۾ ڪيڏا مارڻ ڌارڻ، چيرڻ ڦاڙڻ جا جذبا لڪل هيا جي ظاهر ٿي پيا آهن!
- مـون ايران جي شـهـر قُم ۾ هـڪ ايرانيءَ کي ڏٺـو، جنهن گِدري سان ماني کائي خدا جو شـڪـر ڪـيـو. مون اهاَ ماني هتان جي ست رڃيءَ کان بهتر سمجهي.
- جي تون شاعريءَ جيتري عبادت ڪرين ها تہ اَلائي ڪهڙي ولايت تي هجين ها؟
- ڇا تون منهنجو رب آهين؟ پر تون تہ منهنجي در تي ڪيتري ئي وقت کان بيٺو هُئين! رڳو مون نہ سڃاتو.
- رب! تون رحيم ۽ غفور آهين پر جي مان ايترا گناهہ نہ ڪيان ها تہ ڇا تون مون کي ڳولي لهين ها!
- جُنيد بغدادي، جنهن وقت ڪجهہ سالن جو هو، ان وقت ڪجهہ ماڻهو هنجي مامي سُقطيءَ سان 'شڪر' تي بحث ڪري رهيا ها. اوچتو سُقطي جنيد کان پڇيو: "پٽ! شڪر ڇا آهي؟" جنيد جواب ۾ چيو: "شڪر اِهو آهي تہ انسان خدا جي نافرماني نہ ڪري جو انسان کي ايترا عطيا (سوکڙيون) ڏئي ٿو."
سُقطيءَ چيو: "مـمـڪن آهي تہ خدا جو توکي عطيو ڏنو آهي، اُهو تنهنجي زبان هجي."

(ڊاڪٽر علي حسن، شعبہءِ دينيات الازهر يونيورسٽي مصر)

Gul Hayat Institute

جي سُقطي منهنجو مامو هجي ها ۽ اسان جو سوال جواب ساڳيو هجي ها تہ سُقطي فقط لفظ 'زبان' بدران، لفظ 'شاعري' ڪم آڻي ها، جو مون لاءِ خدا جو عطيو آهي.

- هُن جي خدا سان اينتري دشمني ئي خدا جي وجود جي ثابتي آهي. پلا جي خدا ڪونہ آهي تہ ايتري دشمني ڇا لاءِ؟
- مون جيڪي اَشراقي عالم ۽ فاضل پڙهيا آهن يا جيڪي مسيحي وَحت الوجودي صوفي پڙهيا آهن، جن مقدس انجيل ۽ جديد عهدنامي جي تفسير نَوُ فلاطوني طرز تي ڪئي آهي، انهن اسان جي صوفيانہ فڪر تي مسيحي اشراقيت جو اثر ڇڏيو آهي ۽ اُن اسلام کي متاثر ڪيو آهي. فلاطنيوس جو تہ زياده اثر آهي. جنيد بغداديءَ اندر بہ اِشراقيت جا اثر ها. ڪجهہ مثال آهن: "ڇاڪاڻ جو انسان جو روح هُن جي جسماني زندگيءَ کان اول موجود هو ۽ ان ۾ پوءِ بہ موجود رهي ٿو، انڪري پنهنجي ماخذ ۽ مَنبع ڏانهن موٽڻ جي ڪيس تانگهہ رهي ٿي."

"پنهنجي اپائڻهار کان ماڻهوءَ جي پهرين وڇوڙي جي نوعيت ڪهڙي هُئي ۽ انهيءَ صوفيانہ وصل (ميلاپ) کان پوءِ، ٻي وڇوڙي جي نوعيت ڪهڙي آهي؟" جوهر، صفات ۽ حقيقت جي مسئلي جي

Gul Hayat Institute

تحقيق تي بہ يوناني اثر آهي. مثلاً: ”اهو ويساهہ تہ الله تعاليٰ ئي واحد حقيقت آهي، اسان (يعني مخلوق) رڳو مظاهر (ڏيک) آهيون ۽ اُهو بہ تہ انساني صفات (صفتون) رڳو هڪ نقش بي ثبات (پاڻيءَ تي چِٽُ) آهن، جن ۾ اُن خدائي صفات جو هڪ ميرانجهڙو پاڇو نظر اچي ٿو ۽ جو ابدي ۽ دائمي آهي....“

اِهي اشراقي خيال ۽ تصور بغداد ۾ ڏاڍو ڦهليا ۽ اَسلامي فلسفي جي رنگ روپ ۾ هنن جو وڏو هٿ آهي.

(ڊاڪٽر علي حسن جي ڪتاب تان ورتل)

- اي خُدا! مون کي منهنجي دريده دهني معاف ڪر! مون کي اها هستي بہ تہ تو ڏني آهي، اهو آواز بہ تہ تو ڏنو آهي جو آسمان کان بُلند تر آهي!
- ڇا ڪوئي انسان هڪ تِرِ جيترو جيت بہ خلقي سگهيو آهي؟ ڇا هڪ تِرِ جيترو جيت ڄاڻي سگهي ٿو تہ آڪاس، جنهن ۾ اڻ ڳڻيا ستارا آهن، ڪٿي ٿو کُٽي؟ مان مڃان ٿو تہ اهو جيت پپل جي چوٽيءَ تي پُڄي سگهي ٿو پر ان جي حقيقت ئي ڪهڙي آهي؟ ڇا اُنهيءَ ستاري جهڙي آهي جو هِن آڪاس جي اٿاهين وٿ ۾ پوئين پن جيان آهي. ڇا ان جيت جي انا کي اِن مان تسلي ملندي تہ هو پپل جي پوئين پن تي

Gul Hayat Institute

پـهـچـي چُـڪـو آهـي؟ ڇا ان ڪـان اُهـو ڪـِـيـڙو مـاڪـوڙو ڇـڱـو نـہ آهـي جـو اُنـهـيءَ جـي جـڙ تـائـين پـهـتـو آهـي ۽ پـاڻ ڪـي هـر واچـوڙي ڪـان محفوظ سمجهـي ٿـو؟

اي تـرِ جـيـتـرا جـيـت! تـون هـن ڪـائـنـات جـي حـقـيـقـت ڪـي ڇـو ٿـو سـمـجـهـڻ چـاهـين؟ ائـيـن نـہ ٿـئـي تـہ واءُ جـو جـهـوٽـو تـوڪـي بـولاٽـيـون ڪـارائـيـنـدو اُڏائـي وجـي! انـهـيءَ تـي قـانـع ٿـي تـہ تـون وڻ جـي چـوٽـيءَ تـي پـهـچـي چـُڪـو آهـين. ان ڪـان مـٿـي جـو وڻ آهـي، تـنـهـن ۾ ڪَـتـين جـون تـاريـون ڏسـي، پـنـهـنـجـي وِت ڪـان وڌيـڪ ٽـپـو نـہ ڏي! حـيـرت تـي قـنـاعـت ڪـر! اُهـو اسـرار جـو نـہ ڪُـلـي سـگـهـي، ان تـي حـيـرت ڪـانـسـوا ٻـيـو چـارو ڪـهـڙو آهـي!

- چـون ٿـا راجـا ڏاهـر ڪـان هـيـمـون ڪـالاٽـيءَ تـائـين سـڀ هـنـدو هـا؟ مـصـر جـا اهـرام ڪـهـڙي مـسـلـمـان ٺـهـرايـا هـا؟ تـون عـالـمِ ديـن آهـين. مـون ڪـي تـہ خـبـر نـہ آهـي، تـون ٿـي ٻـڌاءِ تـہ مـصـري عـرب اڃـا تـائـين ابـو الـهـول ڪـي ڇـو رکـيـو ويـنـا آهـن ۽ اخـوان الـمـسـلـمـين بـہ اُن ڪـي بـم سـان اُڏائـي نـہ سـگـهـيـا آهـن ۽ نـہ رڳـو شـاهـہ ايـران پـر خـمـيـنـيءَ بـہ سـائـرس عـظـيـم جـي قـبـر مـسـمـار نـہ ڪـرائـي آهـي!
- ڪـوئـي انـسـان هـڪ پَـن بـہ نـاهـي نـٽـو سـگـهـي. اهـا سـڀ خـدا جـي قـدرت آهـي.
- جـنـهـن انـسـان خـدا ڪـي آپـي ۾ نـہ ڏٺـو آهـي، اُهـو هـن ڪـي چـاپـي ۾ ڇـا سـمـجـهـي سـگـهـنـدو؟

Gul Hayat Institute

- معافي خدا جي وصف آهي. تون پاڻ ۾ جيترو اُها وصف پيدا ڪندين، خدا جي ويجهو ٿيندين.
- جي منهنجي دل ۾ صدق آهي تہ منهنجي رضا ئي تُنهنجي رضا آهي.
- مون تہ توکي معاف ڪيو، شل تنهنجو خدا توکي معاف ڪري! پر توکي خدا آهي ڪٿي؟ تون تہ دهريو آهين!
- خوني آهي، ڪير بہ آهي، جي اسان جو اميدوار آهي تہ جمهوريت جي فتح ۽ شڪست جو دارومدار انهيءَ تي آهي.
- ڇا ڪوئي انسان ڪاٺ ڪُتو ٿاهي سگهندو آهي؟ جي نہ، تہ ان کي خُدا ڪانسواءِ ڪنهن ٺاهيو آهي؟
- خدا ڪانسواءِ تون يتيم آهين، هن ڪائنات ۾ ڇورو ڇنو ٻار، جنهن جي پرورش وارو ڪوئي نہ آهي.

Gul Hayat Institute

●

مان
متڪبر ڪان متڪبر
۽ ننڍي ڪان ننڍو
انسان آهيان !
مان چاهيان ها
تہ اناالحق جو
نعرو هڻان ها
۽ سوريءَ سزا وار ٿيان ها
۽ سرمد وانگر
جلاد جي اڳيان
ڪنڌ جهڪائي
شاعري ڪري سگهان ها،
پر مون ۾ ڏيکاءَ جي
عادت نہ آهي
۽ نہ مون ڪي

Gul Hayat Institute

هجوم ڪنو ڪرٽو آهي
۽ نہ اُن جي
ڳوڙهن ۾
اُها تصوير ڏسٽي آهي،
جا اهڙي خوبصورت
نہ هوندي آهي
جهڙي
سانجهيءَ ويلي
چنڊ جي
پاڻيءَ جي تلاءَ ۾ هوندي آهي.
جيتوڻيڪ
هو بہ ائين لڳندو آهي
چڻ ڪنهن جي
گردن ڪپي وئي آهي.

Gul Hayat Institute

•

مان پٽائي بہ آهيان
سچل ۽ سامي بہ،
۽ سنڌ جو اُهو گيت بہ آهيان
جنهن کي اجا ڪنهن نہ ڳاتو آهي،
۽ جنهن کي ڪالهہ وديا پتيءَ
ميٺلي ٻوليءَ جي تار ۾ پوڀو هو
پر پنهنجو هارُ اجا جَهلي بيٺو آهي
ڪنهن پياري ڪونج جهڙيءَ ڳچيءَ لاءِ،
جا اُن کي سويڪار ڪرڻ لاءِ
آتي تہ آهي
پر پوري اجا جُهڪي نہ آهي،
اجا جُهڪي رهي آهي.

Gul Hayat Institute

●

مان فتنيءَ ابا حيت نہ آهيان
مان فتنيءَ مهدوديت نہ آهيان
مان فتنيءَ دوشينہ بہ نہ آهيان
مون کي سلطانٰ تہ چا
علما ۽ مشائخ بہ نہ سمجهي سگهندا،
مان روميءَ جي درگاهہ تي
ڌمال ۾ وڃي رهيو آهيان
۽ شمس تبريز جي
مزار تي
تڏي تي ليٽي پيو آهيان،
خاموش، ابد تائين خاموش،
پنهنجي ازل جي تلاش ۾
جنهن کي پُڪاري پُڪاري
مون کي ننڊ اچي وئي آهي.

Gul Hayat Institute

•

پنهنجي شاعريءَ ڪي
۽ مون پاڻ ڪي زندگيءَ سان واڳي ڇڏيو آهي.
غالب جي اُن سان ڪائي ڳنڍ نہ هئي،
يڻائيءَ جي اُن سان ڳنڍ اُچاتري هئي
۽ هن جڏهن بہ چاهيو ٿي،
اُها ڇوڙي ٿي ڇڏي،
۽ جڏهن آڪاس ۾ ڪڪر ڪارونڀار
ڪري ٿي آيا
تہ هو اُنهن جي پيهہ ۾ ملي ٿي ويو
۽ هن ڌرتيءَ ڪان دور
جتي مِرن ماڻهن جو ماس ٿي ڪاڏو،
۽ اُنهن جا وَجَ تلوارن ڪان
تکا ٿي پيا ها،
۽ جڏهن انهن پنهنجا رت پياڪ ڇپ

Gul Hayat Institute

ٿي چٽيا،
تڏهن هن شفق جي تلاءَ مان اُڀري
هيٺ واڱڙو ٿي پئي ڏٺو
۽ سوچيو پئي تہ قابيل جي رت ۾
ڪيترا پَسون هُيا
جي اڃا هابيل جو رَت پي رهيا آهن!

Gul Hayat Institute

•

راءِ ڏياچ
سِر کي وڏيڪ جُهڪاءِ!
ڪينر جي ڪاتي ڏاڍي تکي آهي
۽ سورٺ جي پارن وانگر
ڪنبي رهي آهي،
۽ جهونا ٻڙهه ۾
تنهنجي وڏيل سر جي وارن وانگر
اُلا اُيري رهيا آهن،
۽ تنهنجي رت مان،
اُهي گلاب ڪِڙي رهيا آهن،
جي لڪل ها،
ڪينر جي تارن ۾،
۽ ڪينر آڪاس ۾ نئين سِجَ- اُڀار
وانگر ڦُٽي رهيو آهي!

Gul Hayat Institute

•

نہ تون تانسين جو
خال پري سگهندين
نہ مان بيجو باورا جو.
ها، جيڪڏهن اسان
ٻئي گڏجي ڪوشش ڪيون
تہ وري اها سنگيت
پيدا ڪري سگهون ٿا
جا اسان جو انتظار ڪري رهي آهي.
ڇو
اڃا ٿڪي نہ آهي!

•

پوني ۾
مان ريتا شنهاڻيءَ جي بنگلي تي،
سوچي رهيو آهيان
تہ ڇا هيءَ اڃا تائين اُها آهي
جا سنڌ کان
پنجيتاليهہ سال اڳ جدا ٿي هُئي
يا سَميہءِ اُن ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو آهي؟

Gul Hayat Institute

●

اي پوپٽي هيراننداڻي !
تون سنڌيت ۾ زندهہ آهين.
جي تون موت کي شڪست نہ ٿي
ڏئي سگهين،
تہ موت بہ تو کي شڪست ڏئي نہ
ٿو سگهي.

●

اي هريش واسواڻي!
گيت اها ڳالهہ آهي ڇا
جنهن کي ڪوئي سمجهي نہ سگهي؟
ڇا نـَند جويري
توسان چوپڙ جي راند ڪيڏي
رهيو آهي
۽ تون انهيءَ تي خوش آهين
تہ هو تُنهنجي ڳوٽَ
ماري نٿو سگهي!

Gul Hayat Institute

●

چا رڳو تاريخ ۾
ذڪر ايندو
تہ ٺاڪر چاولا
سنڌ جي شاعر
شيخ اياز کي
رام پنجواڻيءَ جي سماڌي
ڏيکاري هئي،
جا هو پنهنجيءَ دل ۾ سمائي
سنڌ ۾ ڪٽي ويو هو
پر اُتي نِهرائي نہ سگهيو هو؟

●

چون ٿا اوچتو
بيهجي ويندو– منهنجو ساهہ
۽ هي ڪينڙ
منهنجي هَٿ مان ڇڏائجي
ڌرتيءَ تي ڪِري پوندو
۽ اُن ڏانهن هزارين هٿ وڌندا

Gul Hayat Institute

پر اُن کي
ڪٽڻ وارا
ڪيئي هوندا
هلائڻ وارو ڪوئي نہ هوندو.

●

اي بنڪر چٽنڙ جي!
گيت تو مون کان سکيو هو،
يا مان توکان سکيو آهيان؟
مون کي اجا انهيءَ ڳالهہ جي
خبر نہ آهي
ها پر ايترو ڄاڻان ٿو تہ :
منهنجيءَ تارَ تي،
تنهنجون آڱريون
مون سان گڏ
لرزي رهيون آهن."

Gul Hayat Institute

•

اي هرٽو!
منهنجيءَ شاعريءَ
اوهان ڪان اکيون اڌاريون ورتيون،
۽ واٿهڙين جي پاٽيءَ ۾
چنڊ جھو پاڇو ڏٺو،
۽ اُهو منهنجي شاعريءَ ۾
ان وقت به هوندو
جڏهن سج ڪاپار تي ايندو،
۽ ماٿهو ان جي تيڪ ۾
چِنن ۾ چُپندا وتندا،
۽ هنن جون زبانون
ٿوهرن جي ڪانديرين ٽارين وانگر
ٽي وبون هونديون.
منهنجي شاعري
انهن کي
ڇانو ڏيندي
ٿڌاڻ ڏيندي،
۽ جي ساري نه
نه ڪجهه اُج ته اُجهائي ڇڏيندي.

Gul Hayat Institute

●

منهنجي ڪَوِيتا!
منهنجي آجپائي بہ تون آهين
پورنتا بہ تون آهين
منهنجي جيون جي اَجوڳائي
تنهنجي وسار کان وڌيڪ
ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟

●

تون سگار جو وزم
پورو نہ هٽي سگهندين.
تہ منهنجو نظم
پورو ٿي ويو هوندو.
اجا تو وقت جي گهوڙي تي،
هنو بہ نہ رکيو هوندو
تہ اُن جي آخري سٽ لکجي چڪي هوندي،
۽ جڏهن تون
رڪاب ۾ پير رکندين
تہ ٻئي نظم جي
قافيي ۽ رديف جون
واڳون

Gul Hayat Institute

منهنجي وَسِ هونديون.
مان ڄاڻان ٿو
تہ هيءَ عمر تيز رفتار آهي
پر منهنجي شاعري
اُن کان بہ وڌيڪ
تيز رفتار آهي
۽ ڪنهن بہ وقت
منهنجو قلم
اُڙيءَ جو انتظار نہ ڪندو آهي.
اي موت!
جيستائين تون اچين
مان ايترا فاصلا طئي ڪري ويندس
جو توکي
مون تائين پهچڻ ۾
ڪافي صديون لڳنديون،
اهو بہ ممڪن آهي
تہ تنهنجو گهوڙو
ٿڪجي پوي
۽ مان
توکي
پُٺ تي چڙهي وڃان!

Gul Hayat Institute

●

هڪ ڏينهن ايندو جڏهن
مون ۾ چُرپُر نہ هوندي،
سج ۽ چنڊ لڪي ويندا
۽ ڪڪر ڪارونيار ڪري،
مُنهنجي جنازي نماز تي ايندا،
۽ موت کي اجازت نہ هوندي
تہ هو ڪنهن صف ۾ بيهي سگهي.
ان ڏينهن شاعري
روئيندي اکيون مهٽيندي،
۽ اُن جا لُڙڪ
گل مهر جي گلن کان وڌيڪ ڳاڙها هوندا،
۽ املتاس زرد ٿي ويندا،
۽ سرءُ جي سرد هوا
واريءَ تي هر وٿاڻ ۾ مون کي ڳوليندي،
۽ هر نئي جاول ٻار کي
جاچي ڏسندي
تہ اُن کي مون جهڙا روش تہ نہ آهن
۽ اُن جا سوُسات
سِرنهن جي تارين سان ڳلي ملي پڇندا

Gul Hayat Institute

تہ هو وري ڪڏهن ايندو،
جنهن جا راڳ
ڏرتيءَ ۽ آسمان ۾
ائين گوجندا هُئا
جيئن واءُ
گهاٽي بَن ۾
گوجندو آهي،
۽ ان جا گيت ٻُڌي
سارا وڻ تاڙيون وڄائيندا آهن.
۽ پن ائين ڪرندا آهن
ڄڻ اُن تي سِڪا گهورَ ٿي رهيا آهن.
اهڙا راڳي
واري واري سان تہ نہ ايندا،
پر اسان کي پڪ آهي
تہ هو موٽي ايندو،
۽ پُراڻا بڙ
ان ڳالهہ جي
گواهي ڏئي سگهندا.

Gul Hayat Institute

- اي شـاعـري! مـون اکين جي سـاري ننڊ تـوکي ڏنـي. مون کان پيو چا ٿي گهرين؟
- اي خدا! مون تہ فقط شاعري ڪئي آهي. ماڻهن مون کي پيغمبرن واري سزا ڇو ڏني آهي؟
- ڇا مـون شاعري پنهنجيءَ محنت سان حاصل ڪئي آهي يا خدا کان زڪوات ۾ وتي آهي؟
- تـوکي مـنهـنجيءَ زنـدگـيءَ تـي ڇڙ آهـي، پـر تـوکـي مُنهنجي موت تي وڌيڪ ڇڙ ايندي، ڇو تہ موت مون کي اُهـو ڪجهہ ڏيندو جو مـون کي زندگي نـہ ڏئـي سگهي آهي ۽ جنهن جو مان حقدار آهيان.
- جنهن کي جيڪي وڻي ٿو منهنجي باري ۾ چوي ٿو، مان ڪوئي درزي تہ نـہ آهيـان جو هنن جا چپ سِبي ڇڏيان، نـہ ڪوئي مـستري آهيـان جو هنن جا مُنهن لنبي ڇڏيان!
- توکي اها خبر آهي تہ ڪنهن پڳت ڪبير کي پيغمبر ڪـونـيـو هـيـو تـہ هِن کي چرخو مـٿي تي هـٽـي چيـو هيائين: "مون سارو رَتُ ڏئي دوها تخليق ڪيا آهن. تون مون کي اُنهن جو داد ڏيڻ کان انڪار ٿو ڪرين!"
- جي تون پيـاسـو آهين تـہ شـاعـريءَ جهڙي گـهڙامنجي ڪابہ نـہ آهي.
- چنڊ نديءَ کان پڇيو، "ڪيڏانهن ٿِي وڃين"

Gul Hayat Institute

”سمنڊ ڏانهن“ نديءَ جواب ڏنو.

”مان اُتي به توسان گڏ هوندس“ ، چنڊ جواب ڏنو

- اهو ممڪن آهي ته هو سرڪاري اسٽيج تي اچي منهنجي جاءِ پري وجي، پر ماڻهن جي دلين ۾ ڪنهن لاءِ منهنجي جاءِ پرڻ لاءِ صديون گهرجن.
- ڪُتا- مڪ، شل نه تون ماڻهوءَ ڪي وِچڙين! هاڻي ته جان ڇڏ! مون مڃيو ته تون اديب آهين پر ان ڪي مان ڇا ڪيان ته توڪي ادب لفظ جي معنيٰ به نه ٿي اچي!
- اڄ عيدالفطر آهي، منهنجي ته عيد به شاعري آهي ته رمضان به شاعري آهي. جي لکان ٿو ته عيد آهي، نه ٿو لکان ته رمضان آهي.
- اي هَيدَ- ٻَڙيءَ جاپساري! مان ڄاڻان ٿو ته تنهنجي دڪان ۾ ڇا آهي؟
- چون ٿا ته ڊِنوسار جي جنس ڌرتيءَ تان گم ٿي وئي. ان ڪي ڪيئي هزار سال ٿيا. ان جو ڏوهه فقط اهو هو ته هو اُيڏو ڊگهو ڇو هو؟...
- ساڙ اُها رنگين عينڪ آهي جا پائڻ سان اُسَ جو تَوُ ويتر وڌائيندي آهي.
- ساري ڳوٺ ۾ پڙنڪار ٿي رهي آهي. ڪوئي ته ملنگ وڃي رهيو آهي!
- جيڪڏهن مان نوح جي ٻيڙي ۾ سُوار هجان ها ۽ وچ ٻوڏ ۾ اُن منجهه سوراخ ٿي پوي ها ته به مان بچي

Gul Hayat Institute

وڄان ها.

- مون تہ ڪَڏهن ڪُتي کي هَلَ بہ نہ چئي آهي، توکي ڇا ٿو چئي سگهان؟
- ڇا لفظ بہ صليب تي چڙهندا آهن؟ جي هائو تہ پو منهنجي شاعري پڙهي ڏِس!
- ڪُتو ڀَؤنڪي نہ تہ هُن جو هانءُ ڦاٽي پوي!
- جي تون گوهي نہ ڪرين تہ تنهنجي گڏهہ هجڻ تي مون کي اعتراض نہ آهي.
- ڇا ڪوئي چِتي ڪُتي جو دندان سازُ بہ هوندو آهي؟
- اي عرفي! ڪتن جو آواز فقير جي روزي تہ ڪَم نہ ڪري سگهندو ۽ انڪري توکي ڪوئي ڀَؤ نہ آهي. پر جي ڪوئي ڪُتو چِتو هجي تہ؟
- ڪيڏو نہ چاهين ٿو تہ تُنهنجو جواب ڏيان! مان ڇا ڪَيان، مان اڃا ڪُتي جي ٻولي سِکي نہ سگهيو آهيان!
- جيترو چاهين ڀؤنڪُ! نہ ستارا توکان ڇِرڪندا نہ چنڊ کي ڀَؤ ٿيندو!
- چِبَ کان ڪنهن پڇيو تہ "ڪويل ڏِني اٿئي؟" جواب ڏنائين: "ڏِني تہ ڪانہ اٿم. هوندي ڪا مون جهڙي."
- تون جو بگلو ڀڳت آهين، ڇا تون اهو ڄاڻين ٿو تہ هي ولر مون سان آهي.
- اي سنڌي اديبو! اوهان نهراءُ بحال ڪري حڪومت تي ايترو دٻاءُ ڇو ٿا آڻيو تہ مون کي ٻاهر علاج لاءِ

Gul Hayat Institute

موڪليو وجي؟ هي مُلڪ مون ڪان وڌيڪ بيمار آهي. حڪومت کي چئو ته اُن جي دوا ڪري، جي اهو بچي پيو ته اسان وڏي ڪيپ ڪٽي!
مان موت کان گهڻو متاهون ٿي ويو آهيان. اُهو پڻ تي اُپو ٿِي به مون کي ڇُهي نه ٿو سگهي!

- هن جو گهر قبرستان سان لڳ هو. جڏهن مون غ.ق. شيخ کي پويون ڀيرو گهر وٺ ڇڏيو هو ته هوُ موت جي وات ۾ اُجهاٽل ٻيڙيءَ وانگر لڳي رهيو هو. هن جي گهر کان ڪجهه قدمن تي ٽٽل قبرون به ٻيڙين جا اُجهاٽل تونا لڳي رهيون هيون.
- تون پنهنجي حسد جي جهنم ۾ جلي رهيو آهين. اهو بارُ مون تي ته نه آهي ته مان توکي اِن آگ مان ڪڍان!
- ڇا توکي خبر آهي ته ايترا گهڻا دشمن ڪنهن جا هوندا آهن؟ منهنجي شاعري اُن کان باخبر آهي ۽ اُن جو هر لفظ اُها دعوئ ڪري رهيو آهي ته 'مان صليب تي چڙهي چڪو آهيان.'
- مان انهن فقيرن مان نه آهيان جي ڪُتن جي ڀؤنڪڻ ۾ خلل وجهندا آهن.
- بيماريءَ ۾ ماڻهن مون ڏي گُل مُڪا، تو مون ڏي گاريون مُڪيون ۽ نادان! اُهي توکي موٽڻ به نه آيون!!
- جيڪڏهن ڪنهن کي به بي سبب گاريون پيغمبريءَ جو معيار هجن ها ته مان به اهڙي دعوئ ڪيان ها!

Gul Hayat Institute

- فقير ڪي لٺ بہ تہ ڪانہ آهي، پو بہ هن تي ڪُتا ڀَؤنڪن ڇو ٿا؟
- رات هُن مون کي چيو: ”مون کي خبر هجي ها تہ تون ايترا گيت لکي سگهندو آهين تہ مان توکي اينتري ٿوري زندگي نہ ڏيان ها!“
- ڊاڪٽر! مان خيام تہ نہ آهيان جو شراب کانسواءِ شعر نہ لکي سگهان. مون کي خمار لاءِ پيئڻ جي ضرورت نہ آهي.
- يگانہ چنگيزي چيو:

”خودی کا نشہ چڑھا آپ میں رہا نہ گیا،
خدا بنے تھے یگانہ مگر بنا نہ گیا.
گناہ - زندہ دلی کھئے یا دل آزاری،
کسي پہ ہنس لئے اتنا کہ پھر ہنسا نہ گیا.“

عبدالماجد دريا بادي! تون ڇا ٿو چوين؟ ڇا موت ٻنهي کي خاموش ڪري ڇڏيو آهي يا ٻنهي جو تنازعو اڃا جاري آهي؟

Gul Hayat Institute

- ڇا ادب ڪمٽيڊ آهي؟ ادب نہ ديس سان ڪمٽيڊ آهي نہ اُن جي عوام سان. ڇا ٿامس مئن کي نازي جرمنيءَ مان ڀڄي وڃڻ نہ گهربو هو؟ ڇا نازي جرمنيءَ جي عوامي اڪثريت جي ان جي نسل پرست حڪومت سان ڪمٽمينٽ نہ هئي؟ ڇا اتان جي اڪثريت اُن جي جارحيت تي خوش نہ هئي؟ هاڻي جڏهن روس

پاڻ يو- ايس- ايس- آر ڊاني آهي ۽ روس جو عوام بـہ ان ۾ شـريـڪ آهي ۽ روس جا اديـب بـہ، تـہ تـون ڪيـر آهيـن جو اُن تـي ڪـاوڙيـو آهـين؟ سـنـڌ جا اشتـراڪي اديب! مون تو جهڙو احمق ڪٿي نـہ ڏٺو آهي! ڇا تـون نـہ ٿـو چاهـين تـہ اهي سڀ مـلـڪ آزاد هجن جي روسي سامراج جي چنبي ۾ ها؟ مارڪس جي ڪسيءَ جا ڪيڙا، تون ڇا تاريخ کي سمجهي سگهنديـن؟ تون غلام ابـن غلام آهين، پنهنجي تعصب جو. تون ڇا ڄاڻين تـہ آزادي ڇاهي؟ تون فقط خونريزي ٿـو چاهين، فرانس جو انقلاب ٿو چاهين، ڪَنڌ ڪپيـل ڏسڻ ٿو چاهين، ڇو تـہ تون اذيت پرست آهين ۽ ايذا رساني تنهنجي وجود جو حصو آهي.

- مان توکي تـہ ڪُتي کان بـہ گهٽ ٿو سمجهان. توتي لٺ اولاري لٺ جي توهين ڪرڻ نـہ ٿو چاهيان. منهنجي لٺ تـہ درياءِ نيل بـہ اڌ ڪري سگهندي آهي.
- منافق! مان ڄاڻان ٿو تـہ تنهنجي تنبوءَ جون قناتون ڪهڙيون آهن؟ منهنجي قنات تـہ ڪائنات جي هر ڪنڊ تي ڪُتل آهي.
- ڪُتو ڀؤنڪي ٿو. توکي تـہ پير ۾ اينترا ڇالا آهن جو تون جُتي بـہ لاهي نـہ ٿو سگهين.
- ڀَؤنڪـٽي ڪُتي کان ڀَؤُ ڪندو ڪَرا هو ڀيو ڪُجهہ ڪري نـہ سگهندو آهي تـہ پاڇو تـہ ڦاڙي سگهندو آهي.

Gul Hayat Institute

- اي ٿوهر جا گُل! ڪَنڊا تہ توکي بہ ٿين ٿا، پر تو ۾ گلاب جي خوشبو ڪٿي؟
- اي سنڌ! تون ڪيتري نہ بي قدر آهين! پوءِ بہ توکي چا چوان، تون مَاءُ آهين!
- بگھڙ مرندي دم تائين بگھڙ رهندو. هُن ڪي سَهي وانگر ساٿو بٽائي نہ ٿو سگھجي.
- جڏهن عڪس ٽُٽي ويو، تڏهن مون آئينو ڦٽي ڪري ڇڏيو: جي آئينو ڳنڍي عڪس کي ڏسبو تہ وڏيڪ ڪِريپ ايندي آهي.
- هر دؤر ۾ لِلي پَٽ جا چامڙا پڌل گليور کي سُيون چُپائيندا رهندا.
- ڪوه- بي ستون ڪوٽيندي جو فرهاد جي هٿن مان رت وهي رهيو آهي، سوئي شيرين جي لڙڪن مان وهي رهيو آهي.
- نظام الدين اولياءَ جي درگاهہ تي مون کي هڪ ديوانو مليو، جنهن چيو تہ، ”مان امير خسرو آهيان.“ مون هن کي جواب ڏنو، ”پر امير خسروءَ کي تہ ڪيئي سال مُئي ٿيا آهن!“ هن ٺهڪ ڏئي چيو: ”مومن مري سگھندا آهن، ڪافر نہ مرندا آهن بشرطيڪ اُهي عشق جا ڪافر هجن.“
- چا تو دل ۾ ڪيو آهي؟ گليوَر کي چامڙن جون ڇُهندڙبون ڪا نئين ڳالهہ تہ نہ آهي، پو اهي

Gul Hayat Institute

ڇُهندڙيون ڪهڙي طرح به هن کي پائن، ڪهڙي دؤر ۾ به هُن کي پائن!

- شبليءَ منصور تي گُل ڦِٽي ڪري گُل کان معافي ورتي ته مان توکي گناهه ۾ شريڪ ڪري رهيو آهيان.
- نور محمد ڪلهوڙي کي به ايترو شرم هيو جو پٽائيءَ کي زهر مـنـائيءَ ۾ موڪليو هيائين. توکي ته اهو شرم به نه آهي!
- جنهن روح ۾ ڪمند جئن رس هوندو آهي، ان کي بلاول وانگر گهاٽي ۾ پيڙايو ويندو آهي.
- ڇا منهنجي شاعري زيب النساءِ مخفيءَ جي رات وانگر تنها آهي؟
- مون آگري کان ڪجهه ميل پري فتح پور سڪريءَ ۾ اها جاءِ ڏٺي هئي، جنهن ۾ چوڪڙي نهيل هئي، جنهن تي ويهي تانسين ۽ بيجوباورا مقابلو ڪندا ها.
- ماڏو لال حسين! تنهنجي يڪتاري جي تَڻ تَڻ ابدي آهي. هي بندوق جي ٺَڙ ٺَڙ، ٿورو وقت هلي سگهندي!
- هُو وِڪرماجيت ۽ ڪوٽليا چاڻڪيه جي ڳالهه ڪري رهيو آهي. ڇا هُن کان وسري ويو آهي ته ڪاليداس ٻنهي کان وڌيڪ زنده آهي؟

وِڪرماجيت ۽ چاڻڪيه اتهاس ۾ رڳو به نالا آهن. ڪاليداس سرشتي آهي جا ڪتي نه ٿي ڪُتي!

- اي ڪبير! تون اجا تائين مُنهنجي پرسان چرخو ڪتي

Gul Hayat Institute

رهيو آهين ۽ مان تنهنجو اُلجهيل سُٽُ سُلجهايان پيو؟

- پٺائي! مان خدا سان رُنو هوس، جي رُسان نہ ها تہ هن وقت تائين سوَ رسالا لکي وجان ها.
- منهنجي ’ڪُن فيڪون‘ جو ڇا ڪوئي حد حساب آهي؟ منهنجو ادب اڃا هڪ ڪائنات وانگر تيزيءَ سان ڦهلجي رهيو آهي.
- مُنهنجي اندر جا ڪائنات آهي، ان جي هڪ ڪُنڊ بہ منهنجيءَ ادبي تخليق ۾ ظاهر نہ ٿي آهي.
- جرمن شاعر گوئٽي چيو هو:

”جي ڪنهن شاعر کي سياسي اثر رسوخ جي ضرورت آهي تہ هن کي هڪ ڌر سان وابستگي اختيار ڪرڻ گهرجي پر جڏهن هو ائين ڪندو، تڏهن هُن جو شاعر جي حيثيت ۾ خاتمو اچي ويندو. هو پنهنجي روح جي آزاديءَ کي، پنهنجي غير متعصب نظرئي کي الوداع چئي، تنگ نظريءَ ۽ تعصب جي ٽوپيءَ کي پنهنجي ڪن تائين لاهي ايندو.“

اي مايا ڪو فسڪيءَ کان فيض تائين متاثر ٿيڻ وارا شاعرؤ! ڇا اوهان اها ڳالهہ اڃا نہ سمجهي سگهيا آهيو، توڙي روسي سامراج ٽُٽي چڪو آهي؟

- منهنجي مخالفن کي ساڙ آهي تہ مان ايترو پڙهيل ڇو آهيان ۽ مون ايترو لکيو ڇو آهي؟ هو سوچن ٿا تہ هي شاهہ لطيف وانگر اُمي ڇو نہ آهي؟ ڇا شاهہ

Gul Hayat Institute

اُمي هو؟ هن پوري نندي ڪنڊ جو عِلم واتون وات هٿ ڪيو هو. هن جي بيتن ۾ پنجابي ۽ هندي دوها جهلڪن ٿا جي ڪنهن وقت هن پڙهيا يا ٻُڌا هوندا ۽ جي هن جي تحت الشعور مان اُڀري آيا هوندا. ائين آهي ته هن هڪ ئي رسالو لکيو پر جي ويهه لکي ها ته هن تي ڪنهن ڪي اعتراض ٿئي ها يا فردوسيءَ جا همعصر هن جي پُر گوئيءَ تي انگشت نمائي ڪن ها جي هو ڏهه شاهنامه لکي ها؟ ڇا هنن کي خبر آهي ته سمرسيٽ مام ڪيترا ناول لکيا ها، ٽالسٽاءِ ۽ دوستو وسڪيءَ ڪيترو لکيو هو؟ اِها ٻي ڳالهه آهي ته 'سينٽ مائڪل جي ڪهاڻي' جي مصنف ايڪزل منٿي جو فقط هڪ ئي ڪتاب آهي جنهن هن کي امر ڪري ڇڏيو آهي. هن جو ٻيو به غير معروف ڪتاب آهي جو شايد مونکان سواءِ ننڍي ڪنڊ جي ٻي ڪنهن اديب پڙهيو هجي!

- پيرزادو عُمر منهنجو پراڻو دوست آهي ۽ سپريم ڪورٽ ۾ وڪالت ڪندو آهي. هڪ ڀيري هو ڪلفٽن بيچ تي جاگنگ ڪندي (ڊوڙندي) مونکي مليو ۽ مون کي ڏسي بيهي رهيو ۽ چيائين: "وان گوگ جي هڪ تصوير ڪيئي سَو ملين ڊالر ۾ وڪامي آهي، پر جيئري هن کي ٻُڪ، ڏک ۽ ڇرپائپ ڪان سوا ڇا مليو؟ تون وڪالت ڇڏي، سنڌيءَ ۾

Gul Hayat Institute

شاعري ڪندين تہ توکي ڪهڙو نوبل انعام ملندو؟"
مون هن کي چيو تہ: "مونکي نوبل پرائيز کان بہ وڏو انعام ملي چڪو آهي. نہ رڳو قدرت مونکي هي سارو سمنڊ ڏنو آهي پر ان جي مٿان، ان کان بہ وڏو آسمان ڏنو آهي. توکي تہ سمنڊ جي ڪناري تي چار يا ڇهہ سؤ والن تي هڪ بنگلو آهي، جنهن ۾ چار بتيون ٻري رهيون آهن. منهنجي رهائش ۾ قدرت چنڊ جو فانوس ٽنگي ڇڏيو آهي. مان دنيا جو وڏي ۾ وڏو سرمائيدار آهيان ۽ منهنجو سرمايو ٻي سي سي آءِ وانگر ڪنٽو نہ آهي."

- غالب تو زندگيءَ کي قيد- حيات ۽ بندِغم سمجهو هو. زندگي تہ ماڪ بہ آهي، پکين جي اڏار بہ آهي ۽ ڪڏهن تندو تيز ۽ ڪڏهن هوريان وهندڙ نديءَ جو پاڻي بہ آهي. تون قيد- حيات ۽ بندِغم ۾ رهي بہ اهي چوندي سگهين ٿو!
- مان 'ڀٽائي جو رسالو' ڪجهہ اڳتي لکي رهيو آهيان. تون مون کي نہ ٿو سمجهي سگهين، اها ٻي ڳالهہ آهي.
- منهنجو سَرو سامان ڪهڙو آهي؟ ڪجهہ ڪتابَ، ڪجهہ تصويرون، جي بہ مون کي هٿ ئي ڇڏٽيون آهن. مون ۾ فرعونيت بہ نہ آهي پر اي سنڌ! جي تون مون تي مخروطي منارو نهرائيندينءَ، تہ ڪنهنجو

Gul Hayat Institute

ڪنهن تي احسان ٿيندو، اهو مستقبل ئي ٻڌائيندو.

- هي منهنجا شعر آهن يا ننڍ جون وليون پکڙجي ويون آهن ۽ انهن ۾ ڪيئي گل نڪتا آهن؟
- ڇا منهنجي شاعري نيٺ ائين ڪناري لڳندي جيئن نوح جي ٻيڙي ڪوه- اراراط سان لڳي هئي؟
- پوِيان تِرورا ڏسي مان سوچان ٿو ته منزل ڪيڏي نه ڏور آهي. جڏهن سج نصف النهار تي هو ته منهنجو گهوڙو سِجَ تي نرا ڪٽي رهيو هو ۽ مون پانيو ٿي ته پنڌ پورو ٿي ويو آهي.
- منهنجا خدا! مونکي معاف ڪجانءِ. منهنجي عبادت رڳو مُنهنجي شاعريءَ ۾ ئي آهي. منهنجي شاعري اُنهيءَ ٻِڪرار جي گفتگو وانگر آهي، جنهن کي موسيٰ عليه السلام جي موجودگيءَ جو احساس نه هو.
- اي خدا! تون منهنجيءَ شاعريءَ کي طُور وارو جلوو پسائيندين، تڏهن به اُها راضي نه ٿيندي.
- شام ٿي وئي آهي، چراغ جلاءِ! اوندهه جي فريب ۾ نه آءُ! اوندهه ته ڪيئي شمس تبريزي واري ڇڏيا.
- اي خدا! مان چاهيان ٿو ته مان پاڻ سان ٻه- ٽي گل ڪٽان جي ابد تائين تازا رهن. ڇا منهنجي شاعري ٽوڪريءَ جو ڪم ڏئي سگهندي؟
- مان نٿو چاهيان ته مان پَنو پَنو ٿي ڇڻان ۽ مٽيءَ ۾ ملي وڃان. مون کي تيستائين پٽي وٺ جيستائين مون

Gul Hayat Institute

۾ سگھنڊ آهي ۽ مان انهيءَ جي لائق آهيان تہ ڪنهن
جي جوڙي ۾ ڪم اچي سگهان!

- موت ئي هڪ اٽل حقيقت آهي: اها حقيقت نگاريءَ جو حصو ڇو نہ ٿي سگهي ٿي پر ڇا حقيقت نگاري ان کي سمجهائي سگهي ٿي؟
- ’ڪليات فيضي‘ جا ورق ورايم: ١٧٣ صفحا تہ رڳو قصيدا هيا ۽ ٻيا غزل هيا.
- سئلوئيڊار ڊالي، هٽلر جي فقط هڪ تصوير ٺاهي هئي ۽ تنهن ۾ بہ بريچز ۾ هن جا ٽڙا هيا.
- هِتي نہ ڪوئي ڊيگال آهي ۽ نہ ڪنهن آندري مالرو جي حڪومت جي سربراهہ سان دوستي ٿي سگهي ٿي.
- اوشوءَ جو ڪيسٽ ٻڌي رهيو آهيان. مني ننڊ اچي رهي آهي.
- گرهڻ بہ هر ڪنهن کي تہ نہ ٿيندو آهي،
چنڊ کي ٿيندو آهي يا سج کي.
- اڄڪلهہ پارسي گهٽ ٿي پڙهي وڃي، انڪري مان هن کي پنهنجي اڻڄاڻائيءَ تي مهٽو نہ ٿو ڏيان تہ هو لاهور ۾ ميان مِير تي حاضري تہ ڀرن ٿا پر اهو نہ ٿا ڄاڻن تہ داراشڪوه جيڪو ميان مير جو نهايت عقيدتمند مريد هو، فارسيءَ جو هڪ بلند پايہ شاعر بہ هو ۽ ڪابل ڏانهن جنگ تي ويندي هن جتي جِتي بہ ڊاہو ڪيو هو اُتي هُن ويد فارسيءَ ۾

Gul Hayat Institute

ترجمو ڪيا ها.

- مون ٻُڌو آهي تہ گڏهہ ڪُرن سان ڌرتي تي ڪجهہ لکندو آهي. تو اهڙي تحرير ڏٺي آهي؟
- توتي مان ڪاوڙ ڪيان، توتي؟

ها... ها... ها... توکي اها خوش فهمي ڪيئن ٿي؟

- سولزي نتسن! تون سورنهن آنا صحيح هئين. مان پنهنجي غلطي مڃانِ ٿو.
- تون ڪارونجهر جي چوٽيءَ تي پهچندين تہ ازخود مور وانگر ٺهوڪا ڪندين.
- ڇا ڪنهن خوبصورت گل تي نظم 'ادب براءِ ادب' آهي يا 'ادب براءِ زندگي' آهي؟ ڇا گُل زندگيءَ جو حصو نہ آهن! مان تہ توکي رڳو چوان ٿو تہ ادب ڪنهن سياسي پارٽيءَ جو ڪارائو ڪمدار نہ آهي! اديب اُن پارٽيءَ سان متفق تہ ٿي سگهي ٿو پر هو اُن جو نعري بازي يا اشتهار بردار نہ آهي. ڇا شفق ۽ هَر- هاري زندگيءَ جو حصو نہ آهن يا هي شاعر جو ميز تي ڪنڌ جهڪائي صبح کان شام تائين لکي رهيو آهي ۽ جنهن کي نہ پنهنجي بک جو احساس رهيو آهي، نہ اڄ جو، ڇا انِ جي دل ۽ دماغ زندگيءَ جو حصو نہ آهن؟

تو زندگيءَ کي سمجهيوئي ڪيترو آهي جو تون "ادب براءِ زندگي' پيدا ڪرڻ ٿو چاهين؟ ڇا موت

Gul Hayat Institute

ڪي سمجهڻ ڪان سوا، زندگيءَ ڪي سمجهڻ ممڪن آهي؟ ڇا شاهه جو رسالو فقط اِها سٽ آهي:

”سائين! سدائين ڪرين مٿي سِنڌُ سُڪار“

۽ انهيءَ سِٽ ۾ اهو 'سائين' ڪير آهي؟ ڇا اهو 'سائين' جو ذڪر ادب براءِ ادب آهي يا ادب براءِ زندگي آهي؟ ڇا پِتائيءَ جي ذُت جي تلاش ۽ ان سائينءَ جي تلاش بُڪئي پيٽ تي نـه ٿي سگهندي آهي؟ دراصل اها ٿي ئي تن ڪي تسا ڏئي سگهندي آهي. ڇا اها تلاش زندگيءَ جو حصو نـه آهي؟ اُن تي غور ۽ فڪر جڏهن ادب ۾ اچي ٿو تـه اهو 'ادب براءِ ادب' آهي يا 'ادب براءِ زندگي' آهي؟

ڇا تون ڏِڳو آهين جو اها پاچاري ڪنيو ٿو وتين جا تو لاءِ اٺويهين صديءَ ۾ سياست ناهي هئي؟ ادب زندگيءَ جو حصو آهي ۽ زندگي ادب جو حصو آهي. ۽ روح جي بُک جسم جي بک کان وڌيڪ بامعنيٰ آهي ۽ اها بک جيڪو ادب تخليق ڪري ٿي، تون اُنکي ڪهڙي زمري ۾ رکندين؟ ۽ محبت ڇا آهي؟ ڇا اها زندگي نـه آهي؟ هر محبت جو گيت 'ادب براءِ ادب' هوندي 'ادب براءِ زندگي' آهي. توکي سياسي شعبده باز رڳو لفظن جي جار ۾ ڦاسائن ٿا؟ ماني تُڪر تـه ڪُتي ڪي بہ ملندو آهي، ڇا تون ڪُتو آهين تـه اُن لاءِ پِڙڪندو وتين؟ اُها 'هَذي مٿان

Gul Hayat Institute

هوڏ' سياست لاءِ آهي پر ان لاءِ سياست ڪافي نہ آهي ڇا؟ تون مصوري ۾ اُهي هڙئي ڏيکاري سگهندو آهين، جي بکئي پيٽ ۾ آهن پر هي ٻائوريءَ جون ٽاريون يا سرنگهوءَ جا گُل جڏهن ڦٽي پون ٿا ۽ تون انهن جا گيت ڳائين ٿو تہ ڇا اهو 'ادب براءِ ادب' آهي يا 'ادب براءِ زندگي' آهي؟ ڇا اهو مينهن تون ٿو وسائين جنهن ۾ اهي ڦٽي پون ٿا؟ ۽ تون ڏوَ ۾ ڏلهو ٿي انهن هينان ننڊ ڪرين تہ ان کي زندگي ڇوان پر جي اُجهندي ۾ انهن جي سونهن ڏسان تہ ان کي ڇا ڇوان؟

ادب فقط ادب آهي. ان کي سياست جي ڪشڪول ۾ وجهين تہ تون 'وس وارو' آهين، پر اهو ڄاڻي ڇڏ تہ ادب فقط پينوءَ جي پاند لاءِ نہ آهي. ادب ذريعو نہ آهي. ادب مقصد آهي، ائين جيئن خدا ذريعو نہ آهي پر مقصد آهي، خدا کان تون 'سنڌ سُڪار' جي دعا گهرين تہ مونکي اعتراض نہ آهي پر جنهن کان اها دعا گهُري رهيو آهين، اهو ادب جو موضوع نہ آهي ڇا؟ نظريا زندان نہ ٻڻاءِ! انهن مان نڪري آءُ! ٻاهر ڪليل هوا آهي ۽ آسمان ۾ چنڊ وجي رهيو آهي.

- شولو خوف! سوويت يونين جي ٽٽي وڃڻ کان پوءِ 'ڊان وهندي رهي' جون سڀ ڪاپيون ڊان ۾ ڦٽي ڪندا يا ڪٿي ڪنهن لئبرريءَ ۾ ڪائي

ڪاپي ملي ويندي؟

- فيض! جي تون جيئرو هجين ها تہ ڇا اجا رسول حمزه توف جي واهيات شاعريءَ جو ترجمو ڪرين ها!
- شاعريءَ کي دُروپديءَ وانگر تاريخ سان داوَ ۾ نہ رکُ! پڪ سمجھہ تہ هارائي ويندين ۽ توکي شاعريءَ سوڌو بنواس پوڳڻو پوندو.
- منهنجي اکين سامهون چين جي اُنهن انقلابي شاعرن جو مجموعو پيو آهي، جن کي چانگ ڪائي شيڪ مارايو هو. مان تہ پانيان ٿو تہ اُنهن کي اُنهيءَ ڏينهن گولي لڳي هئي، جڏهن بيجنگ ۾ مائوءَ جي شاهي بُت کي ڪنهن گدام ۾ واڙيو هيائون يا هن جي زال کي چين ۾ ڦاهي چاڙهيو هيائون.
- ڪميونسٽ شاعرن مان رڳو پبلو نرودا بچي ويو ڇو تہ هن پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ پنهنجي سرزمين کي اوليت ڏني هئي.
- ميراجيءَ جا سمورا ۽ آرزو لکنويءَ جا ڪجھہ گيت اُردو شاعري آهي، باقي ڏڙ ريڊيو، سرِ باڪرو آهي.
- اُردوءَ جي شاعر جگن ناٿ آزاد کي پنڊيءَ ۾ اگن ناٿ برباد پيا ڪوٺن. ضياءَ جي دؤر ۾ اهڙو ٽُز نالو مون پيو نہ ٻُڌو هو.
- هو پنجاب جو اردو شاعر مهيندر سنگھہ بيدي هو. جي وارث شاهہ هن جي شاعري ٻُڌي ها تہ هن جي

Gul Hayat Institute

ڏاڙهيءَ کي باهہ ڏئي ها.

- ڇا هي هندستان جا هندو يا سِک شاعر جي اُردوءَ ۾ شاعري ڪري رهيا آهن، اهو سمجهن ٿا تہ هو ڪنهن پاڪستاني مسلمان کي ريجهائي سگهندا؟ ڇا هو اهو سمجهن ٿا تہ اڄ بہ اردو جا اديب علامہ اقبال جا نظم: همالا، نيا شِوالا، ميرا وطن وهی هے، ساري جهان سے اچها... تحسين جي نظرن سان ڏسن ٿا يا فقط هن جي ارتقائيءَ منزل سمجهي برداشت ڪن ٿا؟ ڇا هو ڄاڻن ٿا تہ اردوءَ جا اديب اڄ بہ هندستان کي دارالحرب سمجهن ٿا؟
- ن–م راشد جنهن جي وصيت موجب هنُ جي لاش کي جلايو ويو هو، ان پنهنجي آخري ڪتاب 'الانسان' ۾ پنهنجيءَ شاعريءَ کي اڳيئي چِتا تي چاڙهيو هو.
- خوشونت سنگهہ سان جڏهن فيض پنڊيءَ جي انٽرڪانٽيننٽل هوٽل ۾ مونکي واقف ڪرايو هو تہ هن پهريون سوال مون کان اهو پڇيو هو "تون پنهنجو شعر سنڌيءَ بدران اردوءَ ۾ ڇو نہ ٿو لکين؟" مون ان وقت محسوس ڪيو هو تہ برصغير ۾ واقعي سِک سڀ کان وڌيڪ بيوقوف آهن. مان پاڻيان ٿو تہ امرتا پريتم سِکڻي نہ آهي، يا رڳو سِک مرد بيوقوف ٿيندا آهن؟

Gul Hayat Institute

- اجان منهنجي معتبريءَ جو قبو چنڊ تائين نہ پهتو آهي، اجا مون کي لڪٽو آهي.
- هي قدح اڳ تہ ساري عمر خالي رهيو هو. هاڻ تون بار بار ان کي شراب سان ڀري رهيو آهين ۽ منهنجو خمار لهي نہ ٿو لهي. هاڻي مون تو کي آغوش ۾ ائين آندو آهي جو اُتان پاڻ ڇڏائي ڏيکارين تہ توکي مڃان!
- دورِ جديد ۾ منهنجيءَ شاعريءَ جيان تو کي پيو جام جم نہ ملندو.
- اي سِتَ! تون آڙيءَ وانگر ٽُبي ڏئي، ڪيڏانهن گم ٿي وئينءَ؟ مون هاڻي تہ تو کي ڏٺو هو!؟
- مايا ڪو فسڪي! تون هاڻي مونکي پُنيءَ ۾ چاقو هڻي، ڳائيندو وجي نہ سگهندين. ڇا توکي ان تي افسوس آهي؟
- وَرجل پهريون شاعر هو، جنهن روم جي شهنشاهہ آگسٽس جا گيت ڳاتا ها، ان کان پوءِ قصيده گوئي شاعريءَ جو حصو ٿي وئي آهي ۽ هاڻي ان کي، ادب براءِ زندگي، سڏيو ٿو وڃي ڇو تہ اها ڪنهن نہ ڪنهن جي سياست لاءِ ڪارائتي آهي.
- منهنجي ذات انهيءَ ڇيڇڙي وانگر آهي. جا سوين گنج شڪر ناهيندي.
- ڇا شيام جا سنک گنگا نديءَ ۾ پرواهہ ٿي، سمنڊ سان ملي ويا؟ پرائين ڪٿن هوندو؟ هو تہ پنهنجي

Gul Hayat Institute

شـاعـريءَ ۾ اجا جي رهـيـو آهي، جنهـن ڪنهن وقت لوڙهي نہ سگهيو آهي. ڇا شاعر هتي نہ هوندا آهن، تنُهنجي پرسـان، جڏهن تـون هنن جا گـيت پڙهندو آهين؟ متان تون ڀانئين تہ مون سان گڏ منهنجا گيت پوري سگهندين؟ نہ، انهن لاءِ پن ڇڻ جي ڪابہ مند نہ آهي، منهنجا گـيت اهـو بسنت آهن، جنهن لاءِ ڪائي سرءُ نہ آهي!

- اي شـاعـري! ڇا تـون مـيـران وانـگر آهين جا انـت ڪرشن جي مورتيءَ ۾ گم ٿي وئي هئي؟
- رات مـون فـردوسيءَ ڪي ننڊ ۾ ڏٺـو، ڇيـائين ٿي تہ "تنهنجيءَ شـاعـريءَ ۾ نقـاري جو آواز ڏرو ٿي ويو آهي. جي نقارو پرپور نہ وڄندو تہ جنگ جي تياري ڪير ڪندو؟"
- هي شـاعـري آهي ، ڪـائي اسـپـتـال جي نرس تہ نہ آهي تہ تُنهنجي علاج ۾ تُنهنجي مدد ڪري!
- جي مـان تـنـهـنـجي روح ڪي زنـدگـيءَ جي ڏيڻ مـان ڇِڪي ڪيان، تہ منهنجي شاعري سڄائي آهي.

جي تنتي اُس ۾ تو ڪي اها بادل جي ڇانو وانگر لڳي تہ ان ڪـان وڌيڪ منهنجي شاعري تولاءِ ٻيـو ڇا ٿي ڪري سگهي؟ باقي جي تنهنجا پير جَلي رهيا آهن تہ ڪِتان جُتي هٿ ڪري آءٌ!

- هن ٽرڙي پنهنجو قلم تلوار وانگر ڪـيـو ۽ هن ٻُڌ

Gul Hayat Institute

مَرٽي پنهنجي جِبَ چاقوءَ وانگر ڪم آندي ۽ مان ڏک پچائي سوچان ٿو تہ منهنجو ڏوهہ فقط اهو هو تہ مون چيو هو: ”مان آهيان“ ۽ ان چوڻ لاءِ مون هنن ڪان اجازت نہ ورتي هئي!

- اي موهن ڪلپنا! تو تہ ”سپوٽءَ“ رسالي وارن کي لکيو آهي تہ شيخ اياز کي نوبل پرائيز ملڻ گهرجي. ڪهڙي نوبل پرائيز؟ پاڻ تہ آهيون واريا سي تي گُل، جنهن کي ڪولهي يا پيل پنهنجي پنهنجي گڏهڙي تان مُنهن ورائي ڏسندا ويندا، ۽ پوءِ گڏهہ کي اَڙي هٽي مَڙهي مان تڪڙو هليا ويندا.
- چا هي منهنجو تهجد آهي جو مان صبح جو چئين بجي ڪان اگهِ ۾ اتي ٿو لکان؟ جي ها تہ اي خدا! منهنجي عبادت جي انفراديت تي غصو نہ ڪجانءِ!
- مون زندگي ادب لاءِ سمجهي آهي ۽ پورا سٺ سال ڪنهن تلاش ۾ رهيو آهيان. اي خدا! چا اهي سٺ سال رڳو هڪ پرَهہ وانگر هيا، جنهن جي ٿاريءَ ۾ تون رابيل جي گل وانگر ڪڙيو آهين.
- مون تو کي ڪيترين گلاب دانيون تحفي ۾ ڏنيون آهن! جي انهن لاءِ مون پنهنجي لڳايل باغ جي ٻاهران بہ ڪجهہ گل پٽيا آهن تہ مون کي معاف ڪجانءِ! اهي گل ايترائي پيارا ها جيترا مون پنهنجي باغ ۾ لڳايا ها.

Gul Hayat Institute

- هيل چار پنج پيرا وَهٽ ٽڪجي بيهي رهيو آهي، پر وري چڪر هلي ٿي، ڪنگريءَ تي ڪنگري پَرجي رهي آهي ۽ نيسر مان سَڄر پاٽي اچي رهيو آهي.
- هو ڪير آهي جو آسمان ۾ چولن تي مقيش پري رهيو آهي؟
- ڇا ڪبوتر کي اڏامندو ڏسي، توکي هن تي رشڪ نه ايندو آهي؟
- تون خوبصورت گُلن جي وچ ۾ بِرُ ناهين ته ڇا ان ڪري تون نانگ نه ليکبين؟
- تنقيد جڏهن گڏهه ڪندو آهي تڏهن اِٽَ هٽندو آهي.
- اي خدا! مان تنهنجيءَ ترتيب جو زنده ثبوت آهيان. منهنجي شاعريءَ ۾ هڪ سٽ به نه آهي جا ٻيءَ سٽ سان نهڪي نه اچي.
- ازل جي مصرعن ۾ ”مان“ ۽ ”تون“ هم قافيا آهن.
- اي ازل ! ڇا تو هيءَ منهنجي شاعري اڳي ئي لکي رکي هئي ۽ رڳو منهنجي وجود جو منتظر هئين؟
- اي هرڻي! ڇا رڻ کُٽي ويو آهي؟ ڇا تون هر رُڃ مان پار وڃي چُڪي آهين؟ جي هيءَ پاٽيءَ جي نهر سچي آهي ته تنهنجي تلاش پوري ٿي چُڪي آهي ۽ تنهنجو وڏيڪ جيئڻ اجايو آهي.
- هن دنيا سان موڪلائڻ وقت، تُنهنجي چُمي کُتِي نه تي کُتي، اي ذات ! تو اهي چپ ڪتان آندا آهن؟ نه

Gul Hayat Institute

اهي پيئندي ٿا ٿڪجن ۽ نہ چشمو ٿو کُٽي !

- اي خدا! تون مون کي ايتري مهلت ڏيندين تہ منهنجي شاعري تو کي هڪ سجدو ڪري وٺي.
- اي ازل! تو دسترخوان تي منهنجو ڪيترو ٿَہ انتظار ڪيو آهي ۽ منهنجو حصو مون لاءِ بچائي رکيو آهي ! مان تنهنجو ٿورائتو آهيان.
- بمبئيءَ ۾ مَرين ڊرائيورِ تي چوڏاري جهرمر هئي. آنءُ ۽ ننڊ جوبري ناريل جو پاڻي پي رهيا هياسين. منهنجي چوڏاري وسيع سمندر هو جو ابدي اسرار وانگر ٿي لڳو. ڪوئي بہ آمر يا ڪائي بہ جابر حڪومت منهنجي تخليقي قوت کي دٻائي نہ سگهي هئي. رڳو شاعر ۽ عاشق ان جو اسرار پائي سگهيا ها. اوچتو ننڊ جوبريءَ چيو: "ڪيڏو نہ ڦيرو آهي تنهنجي سوچ ۾؟ "آنءُ وويڪ آنند، سرچي ويا سين سوچ ۾." سمجهين ٿو تہ تو ڪهڙي ڳالهہ لکي آهي؟"
- ڇا تون عرش عظيم تائين مقبرو ناهي سگهين ٿو؟ جي نہ تہ تون مون کي رڳو مٽيءَ ۾ لٽي ڇڏجانءِ!
- سمرسيٽ مام چوندو هو تہ آرٽسٽ لاءِ ڪسرنفسي روح جو فالج آهي. مان هن سان متفق آهيان.
- نہ وڇون خود کي ڏنگيندو آهي ۽ نہ نانگ پاڻ کي چڪ وجهندو آهي ، ڇو تہ ٻنهي کي ضمير نہ هوندو آهي.
- هو شاعر جو گدو بندر ۾ چرين جو ڊاڪٽر هو، ان

Gul Hayat Institute

جي ديوانگي بحروزن تي نہ هئي.

- وڃ وڃي شيرينءَ ۾ دعوت ڪر. تنهنجي ڪتاب تي ان ڪان سٺو تبصرو ڪهڙو ڪيان؟
- ڪير چوي ٿو تہ تون منهنجو همعصر آهين ؟ تون مون کان گهڻو اڳ ۾ پيدا ٿيو هئين جڏهن مامويءَ بہ اجا بيت نہ لکيا ها!
- الله جميل ويُحب الجمال

--- ء ---

”ڪُل نفساً ذائقتہ الموت،

توان اهي سٺون پڙيون آهن ؟

ڇا اهي ادب جو موضوع ٿي سگهن ٿيون ؟؟

- بيدل دهلوي ۽ غالب عظيم شاعر ها. انهن ڪهڙيءَ زندگيءَ لاءِ ادب تخليق ڪيو هو؟
- مون نرگس جو گل پٽي تو کي چيو:

”انڌا! توکي ڪهڙي خبر تہ منهنجي هٿ ۾ ڇاهي؟“

- توکي ڪهڙو نظريو چڱو ٿو لڳي:

”ادب براءِ زندگي “يا” زندگي براءِ ادب،“

- ڇا پٺائيءَ جو ڪلام، ادب براءِ زندگي هو يا ” ادب براءِ خدا“ هو، يا پيٽي هو ؟
- تو ڪيترو ئي وقت گُل مهر جا ڳاڙها گل پسند ڪيا ها، هاڻي هي املتاس جا پيلا گل بہ ڏسُ ! ڪيڏا نہ خوبصورت آهن!

Gul Hayat Institute

- منهنجا سيني ڪان سنا شعر اهي آهن جي ٿر جي گلن ۽ ٻوٽن ۽ انهن مٿان شفق جي رنگ جي ٻاري ۾ آهن. مارو ۽ ڏٽ تہ چڱا آهن، پر انهن گلن ۽ ٻوٽن ۾ ڳالهہ ئي ٻي آهي.
- هي ٻار گُل ٻان بہ وڌيڪ خوبصورت آهي، تون ان تي لکين يا گُل تي، اها تنهنجي مرضي آهي.
- اي شاهجهان ! منهنجي شاعريءَ ڪيئي تاج محل اڏيا آهن پر اُن ڪي هر سال نئين ممتاز محل گهربي هئي. ڇا تون هڪ ممتاز محل مان ٽڪو نہ هئين؟
- چوندا آهن تہ ڏاک جي ول جي پاڙ ۾ رت وجهبو آهي تہ ڏاک ڳاڙهي بہ ٿيندي آهي ۽ مٺي بہ، اي شاعري! ڇا تون انهيءَ ڏاک جي وَل وانگر نہ آهين؟
- اي ستَ ! مان ڇا ڄاڻان تہ تون ڪٿان ٿـي اچين؟ ازل جي ڪابڪ تي ڪروڙين ڪبوتر غٽرغون ڪري رهيا آهن.
- اي شاعري ! ڇا تون اهو بہ غرور ٿي سمجهين جي مان چوان تہ مون وانگر توسان ٻي ڪنهن نہ نڀايو آهي ؟
- اي ٿر جي ريٽ ! برسات ڪانپوءِ توتي وڌيڪ ٻوٽا ڪڙيا آهن يا منهنجيءَ شاعريءَ ۾ ؟
- مُنهنجي شاعري منهوڙي جي انهيءَ پهاڙي وانگر آهي، جنهن سان سمنڊ جون ڇوليون ٽڪرائي، موٽي ويندڀون آهن.

Gul Hayat Institute

- اي لاڙ جي هوا ! تو منهنجي شاعري ڏٺي آهي؟
- ” ڪويل ڪوڪي رهي آهي.“

” ڪويل جي ڪوڪ مستقبل ڏسي سگهندي آهي.
ان ۾ اهو لرزندو آهي ۽ ان کي ڪائنات جا ڪَن ٻُڌي
سگهندا آهن.“

- بحروزن جا مشتاق ! چوپڙ کيڏي رهيو آهين !
- توکي رياض سان عظيم موسيقي نہ ملندي جيستائين اها انهيءَ نطفي ۾ نہ هوندي، جنهن مان تون پيدا ٿيو آهين !
- ستارَ هڪ حاملا عورت وانگر لڳي رهي آهي.
- چنگ جي چُمي! الامان! قيامت جي آڳ ڀڙڪي اٿي!
- مون کان پُڇي رهيو آهين تہ چنڊ تنها ڇو رُلندو آهي!
- ڇا تو قلم کي ڪاغذ تي سجدو ڏيندي ڏٺو آهي؟
- ڇا تو اردو غزلن جون هينيون ستون ٻُڌيون آهن:

پھونکوں سے یہ چراغ بجھایا نہ جائے گا؟
اس گھر کو آگ لگ گئی گھر کے چراغ سے..

- مان رات جو لالٽين کڻي سارو شهر گهميو آهيان.
واڙا تہ لکين آهن پر ماڻهو هڪ بہ نظر نٿو اچي!
- آءٌ! ڪوثر ۽ تسنيم ۾ وهنجي وٺ!

ڪيئن چئجي تہ مان اجا ڪيترو وقت شاعري ڪندس!

- مون لاءِ ڪنهن بہ هم عصر جي اهميت نہ آهي. اهي قلمڪار اُس ۾ مِٽيءَ جا ذرڙا آهن جي ڪمري ۾

Gul Hayat Institute

منگهـ مـان ايـنـدي ڏيـڪاري ڏيـنـدا آهـن. هـا، هـو جيڪڏهن چڱا انسان آهن ته مون لاءِ معنيٰ رکن ٿا.

- قطب مينار جيڏو ڊگهو ٿيڻ به چڱو نه آهي!
- تون منهنجي لاءِ سازش پئي ڪئي پر تو کي خبر نه آهي ته موت توکان بـه وڏو سازشي آهي جنهن جي سازش کان ڪا پناهه نه آهي.
- اکرن ۾ اڙجي، عشق جي چاڙهي، زنجير ريڙهيندي چڙهي رهيو آهيان!
- روحل فقير! تنهنجي ڪنڊڙي، مَنڊڙي نه آهـي. اها تيـز ورانـگـهـون پائي پنهنجيءَ منـزل ڏانهـن وڌي رهـي آهي.
- غالب! جي صرير خامہ نوائي سروش آهي تہ پو تو پنهنجي ديوان ۾ پاڻ ڪهڙا ڦاڙها ماريا آهن ؟
- فقط گنجِ سان ڪوئي داتا گنج بخش ته نه ٿو ٿئي!
- شمس تبريزي! تون پاڻ سج آهين، توکي ٻي ڪنهن جي روشنيءَ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟
- هان ! تون پلي ذرتني ڪڻ ! مان آڪاش ڪٽان ٿو! چنڊ ستارا ڪٽان ٿو، اپار ۽ اننت ڪٽان ٿو!!
- جيستائين شاعريءَ کي الهامي ڪيفيت نه آهي، اها تڪبندي آهي.
- آرٽ عـبادت آهي، شايد ان کـان چڱي عـبادت ڪا ورلي هجي!

Gul Hayat Institute

- حافظ، فلسفي تہ ناڪام رهيو پر جي مان رازِ حقيقت کولي ڏيکاريانءِ!
- غالب! تنهنجي اڳيان دنيا بازيچہءِ اطفال آهي، مون لاءِ رسيءَ تي ناچ آهي. پير ترڪيو تہ هَڏَ گُڏَ پڃي پوندا!
- جگرمراد آبادي! شاعري شراب آهي، شراب شاعري نہ آهي، مان توڪان وڌيڪ مدهوش آهيان!
- لپو لڳو اتي جو نپو لڳو اتي!

  اي اديب! بنا نپي تڳي ڏيکار تہ توکي مڃان!
- نرگس لطيف مون کي منهنجو شعر ڳائي پڌائي رهي هئي. هن جو آواز ائين ڏکي رهيو هو، جيئن نئين دندان ساز جا هٿ ڏند ڪڍڻ وقت ڏڪندا آهن. شايد ان ڪري جو شاعر اياز گل مون وٽ ان وقت ويٺو هو!
- اڄ تون نئين ڪائنات ناهي رهيو آهين يا شاعري ڪري رهيو آهين؟
- اي مصور! تون خدا جي تصوير ناهڻ ٿو چاهين؟ تو سانوڻ جي سانجهيءَ ۾ شفق جو رنگ ڏٺو آهي؟
- اڄ تہ اُن مورتيءَ کي تراشيون جنهن کي ڪوئي بہ تراشي نہ سگهيو آهي! اي مائيڪل اينجلو! پٿر جي تراش خراش ايتري ڏکي نہ آهي، جيتري لفظن جي. قلم کي لفظن جون چنڊيون لاهڻيون نہ ٿيون پون!
- جيئن قلندر جي درگاهہ تي ڌمال وڄندي آهي، ان

Gul Hayat Institute

ڪان بہ تيز ڏمال منهنجي من ۾ وڄي رهي آهي.. تو ڇا سمجهيو آهي؟ شاعري ڪا آسان ڳالهہ آهي!

- تون منهنجون ويهہ پيڙهيون جاچيندين تہ توکي پتو نہ پوندو تہ مون هيءَ شاعري ڪٿان آندي آهي؟ ها ايڪويهين پيڙهي تہ راجا ڏاهر ڪان بہ پنتي ٿي وڃي ۽ ان جو مون کي پتو نہ آهي.
- ڇا سنڌي محققُ صحيح آهن جو انهن فقط مري ويل شاعرن ۽ اديبن جي ساراهہ ڪئي آهي ؟ ڇا مون جيئرن جي ساراهہ ڪري غلطي ڪئي آهي؟
- هو منهنجي موت ڪان پو چوندا: "ڇا هو مري ويو؟" ۽ پو پنهنجي گريبان ۾ منهن وجهي، ان ڇيهي تي سوچيندا جو هنن کي رسيو آهي. هيءَ وڪئي وزير جي قوم آهي، جنهن اروڙ جا اهي دروازا اندران کولي ڇڏيا ها، جن کي منجنيق ٽوڙي نہ سگهي هئي.
- تون پرائي يا پنهنجي نالي ۾ مون تي جيتري بہ تنقيد چاهين ڪري سگهين ٿو. مون کي ايترو وقت نہ آهي تہ توکي جواب ڏيان. هر پيري منهنجو جواب منهنجو هڪ نئون ڪتاب آهي.
- فالج زده اديب! تو منهنجي بي سبب گلا ڪئي آهي، پر پو بہ مون کي تنهنجي چچريل زبان تي رحم اچي رهيو آهي. منهنجي توکي دعا آهي تہ تون چڱيءَ طرح ڳالهائي سگهين ۽ خدا توکي تنهنجي حسد جي

Gul Hayat Institute

اظهار جو پورو موقعو ڏي!

- منهنجي شاعري سنڌ لاءِ ديوار چين وانگر آهي. ان کي ڪوئي مِٽائي نٿو سگهي. تنهنجي سرحد جو تحفظ تنهنجي سياست نه، ثقافت ڪري سگهندي.
- ڪبير جو راڳ ”گهٽ گهٽ ۾ پنڇي بولتا“ هلي رهيو آهي ۽ مان ڪبير کي چرخو ڪتيندو ڏسي رهيو آهيان ۽ هن کان پڇي رهيو آهيان، ”هڪ گهٽ تنهنجو هيو، ٻيو مُنهنجو آهي. ٽين پنڇيءَ ۽ ان جي گهٽ جو نالو اچيئي ٿو؟
- مون اوهان کي شاعريءَ ۾ پيٿائي، سچل، سامي به ڏنو آهي ته اڪويهين صدي به ڏني آهي.
- هر جينيس پنهنجي دؤر کان هڪ سئو سال اڳي پيدا ٿيندو آهي ۽ اُن ڪري هُن جا همعصر هن جي قدر و قيمت نه ڪري سگهندا آهن.
- پڪاسو لاءِ چيو ويو آهي ته جيستائين سگريٽ جا ٻه سوٽا هڻندو هو، تيستائين هن جي تصوير تيار ٿي ويندي هئي. مان ٻانيان ٿو منهنجي شاعريءَ ۾ به هن جي مصوريءَ واري تيزي آهي.
- يسوع! توسان گهٽا ساٿي ها؟ ۽ تنهنجي مصلوب ٿيڻ کان اڳ واري رات جو جڏهن ڪڪڙن ٽي دس هنيا ها ته گهٽا وڃي رهيا هئا؟
- ڪوئي به پنهنجي آتم ڪهاڻي تاريخ وار لکي نه

Gul Hayat Institute

سگهندو آهي، جيسنائين ته هن روزاني ڊائري نه رکي هجي، نه تہ زندگيءَ جون يادگيريون اڳتي پنتني ترمرائيندڀون آهن.

- ”انالله وانا عليه راجعون“ ، جهڙي مترنم ۽ معنيٰ خيز سٽ نه مون شاعريءَ ۾ ڏٺي آهي، نه فلسفي ۾، نه ادب ۾.
- سپاٽي جو ٽيڪو توکي ڪنهن ڏنو آهي؟ تون سپاٽي لاءِ اڄ کي ڇو ٿو ضايع ڪرين؟
- هن وقت، هن گهڙيءَ جو ڪجهه ڪرڻو اٿئي ڪَري وٺ ۽ پوءِ گهڙيءَ جا گهڙيال ٻُڌ!
- شاعري تہ رقص آهي. تون شعر لکي رهيو آهين يا ٻار وانگر بانبڙا پائي رهيو آهين!
- منهنجا نقاد! لغڙ وانگر گهت اڏام! ڪٿي ڏور نه ڪٽجي وڃيئي!
- ايمر ڪمل! سڄي عمر ٻوليءَ کي مانجهي وانگر مليو اٿي! اڃا تنهنجي اڏام تہ نظر نٿي اچي .
- ستون ائين ٿيون اچن جيئن لاهور ۾ بسنت ملهائيندا آهن.
- هي شاعري آهي، درزيءَ جي گزي نه آهي، جنهن سان ڪپڙو ڪڇي رهيو آهين.
- جي شاهه لطيف تارازيءَ جي هڪ پڙ ۾ هجي ۽ ٻي ۾ مان هجان تہ تارازيءَ جي ڳني ڀڄي پوي !

Gul Hayat Institute

- منهنجي شاعري؟ سانوڻ ۾ سنڌو ڏني اٿي؟ ۽ اها چانڊوڪيءَ ۾ گجگاٽ ڪندي وجي ته ڇا ڇئجي !
- هر تهجدگذار کان اڳ ۾ اٿي مان شاعري ائين ڪيان ٿو، جيئن ماڻهو عبادت به نه ڪندا آهن!
- ڇا مان ۽ حافظ همعصر هياسون ؟ڇا مان ۽ گوئٽي همسفر هياسون؟ جي نه ته هو ٻئي مون کي ائين ڇو لڳي رهيا آهن!
- ازرا پائونڊ وينس جي پُل تان لٽ تي ٽيڪ ڏئي، ڪُٻڙو ٿي وڃي رهيو آهي، اوچتو هڪ سوال هُن تي وڄُ وانگر چمڪي ٿو، ”ڇا هن موت کي سمجهيو آهي؟ يا هن ساري زندگي رڳو شاعريءَ ۾ اجائي وڃائي آهي؟“
- بيڪس روهڙيءَ ۾ سنڌوءَ جي پَرَ تي ويٺو آهي ۽ سامهون ڪائي عورت پاٽيءَ ۾ وهنجي رهي آهي. هو هُن ۾ ڇا تڪي رهيو آهي؟ ڇا هن جو ويس ڏسي رهيو آهي جو هُن جي ڇاتيءَ تي چنبڙي پيو آهي يا هو ان کي ڏسي رهيو آهي، جنهن اها خوبصورت ڇاتي ناهي آهي؟ يا اهو سوچي رهيو آهي ته هُن اها ڇاتي انهيءَ لاءِ ناهي ته ڪجهه وقت ڪانپوءِ ڇٽي پوي، جيئن پَرَ تي بيٺل انب جي وڻ مان ڦل پچي ڇٽي پوندا آهن؟
- تون ڇا پڙهي، ڇا پڙهندين؟ دل جي ڦرهيءَ تان سڀ

Gul Hayat Institute

ڪجهہ ميساري، ان ڪي اجاري چڏ !

- تون وارياسي جو گل آهين اتر واءُ ۾ نيٺ تہ ڇڻي ويندين! پر جيستائين آهين شفق توکي ڪيڏيون نہ چُميون ڏئي رهي آهي ۽ مينهن ڦُڙا توتي ائين لارون ڪري ڪرن ٿا جڻ تہ آسمان خوشيءَ ۾ لڙڪ وهائي رهيو آهي!
- لاهوت لامڪان ۾ پاڻيءَ جو چشمو وهي رهيو آهي. هي پکيئڙو ان مان گهٽو پي گهٽو پيئندو؟
- ڇا ڪنهن ڪنهن روح ۾ سانوڻ بارنهن ئي مهينا رهندو آهي؟
- منهنجي ڪويتا! ڇا توکي ميران جو يڪتارو هٿ اچي ويو آهي جو لڳاتار نچندي ڳائي رهي آهين؟
- نچُ نچُ! هي پيبر وري تو ڪي نہ ملندا ۽ نہ وري ڌرتي ئي انهن جي هينان سدائين هوندي.
- ڇا تون ٽئگور کان وڌو ڪوي ڏسڻ چاهين ٿو يا تنهنجين اکين ۾ ايتري همت نہ آهي ؟
- چيتنيہ! تون مون ۾ ائين نچي رهيو آهين، جيئن واءُ ۾ گل نچندا آهن ۽ ٿڪبا نہ آهن.
- چيتنيہ نچي رهيو آهي؛ ميران نچي رهي آهي، منهنجي شاعري نچي رهي آهي، تنهنجي دوارتي جو اچا ڪليو نہ آهي.
- جڏهن گهنگهور گهٽائون اُيرنديون آهن، تڏهن تو مور

Gul Hayat Institute

ڪي ڪارونجهر تي نچندي ڏٺو آهي؟ جي ها تہ تون منهنجيءَ شاعريءَ کي سمجهي سگهندين.

- هي شاعريءَ جا ڪانگهارا گوها آهن.
- ڪنهن مون کي چيو تہ ”محمود درويش چيو آهي تہ شاعري مون کي سالَ ڇڏي ويندي آهي پر پوءِ ايندي آهي تہ مينهن وانگر ايندي آهي!“

مون جواب ڏنو، ”ائين تہ مونسان اڳ ٿيندو هو، جڏهن محمود درويش شاعري شروع نہ ڪئي هئي. هاڻي تہ مون تي شاعري چيراپونجيءَ جي مينهن وانگر وسي رهي آهي.

- اَدب سان آءُ! پيٽائي ٻيهر دنبورو وڄائي رهيو آهي! ڏسين نہ ٿو تہ وڻ ادب سان بيٺا آهن ۽ ستارن اکيون چنبڙ ڇڏي ڏنيون آهن.
- ادب سان آءُ! هتي حافظ ۽ خيام بہ ڪنڌُ جهڪائي ايندا آهن، تون ڪير ٿيندو آهين؟
- ننڍي هوندي مون کي سعديءَ چيو: ”نينگر مون کان هڪ ڳالهہ سکي ڇڏ! جيستائين تنهنجي ڪڇ ۾ ڪتاب آهن، تيستائين ڪجهہ نہ سکي سگهندين. هي ديو دار جو درخت ڏسُ! ان جو هر ورق ڪردگار جو دفتر آهي!“ پر مون هُن کي نہ ٻُڌو ۽ پنا اٿلائيندو رهيس ۽ عُمر اچي اختتام تي پهتي آهي.
- هي مون مان ڪير لکي رهيو آهي. مون کي تہ ننڊ

جا گهيرت اچي رهيا آهن پر منهنجو قلم ريت تي ڊوڙي رهيو آهي، هرڻ وانگر !

- منهنجي اندر ڪهڙي مانسرو ور آهي جا ڪُتي نہ ٿي ڪتي ۽ جنهن مان اڪيچار نديون وهي رهيون آهن!
- امير خسرو نظام الدين اوليا جي مزار پرسان وينو آهي ۽ سوچي رهيو آهي تہ ڇا اهو سڀ ڪجهہ منهنجي غزل ۾ آهي جو هُن ڄاتو هو؟
- بيدل دهلوي! ڇا غالب تُنهنجو همعصر هو؟ ۽ اقبال بہ؟ ڇا هي زمان ۽ مڪان جو فاصلو نظر جو فريب آهي؟
- ليوناردو ڊاونچي! تو موناليزا ناهي، جنگ لاءِ توب ڇو ناهي؟ ڇو ناهي، ڇو ناهي!!
- ڪي ڪي خواب سچا هوندا آهن، منهنجيءَ شاعريءَ وانگر.
- بت تراش ! آءُ تہ هن بُت کي آزاد ڪيون جو پٿرن ۾ قيد آهي.
- اي رات! ڪيترو جلدي ٻارنهن وڄي وڃن ٿا. ڪاش! ڏينهن ۾ ٻارنهن سو ڪلاڪ هجن ها!
- اينتري اُڄ! ساري دنيا جا مئخانا ڪپي ويا آهن پر تُنهنجي اُڃ نہ ٿي لهي ۽ تون تہ تيز بہ نہ ٿو ڪائين!
- اي شاعري! ڪشتيءَ نوح وانگر مونکي ڪهڙي ارارط پهاڙ تي ڪٽي آئي آهين ۽ اها هر شيءِ بچائي اٿي جا بچائڻ گهرجي.

Gul Hayat Institute

- اي خدا! مون کي سڄي هٿ ۾ آڱريون پنج آهن يا پنج ڪروڙ؟ هاڻي تہ جڻ انهن مان سڄ جا ترورا نڪري رهيا آهن!
- اي وڄ ! ايترو نہ ڪڙ جو تون روئي پئين!
- اي هرڻ ! هيءَ تہ رڃ آهي پر تون اجايل آهين، ڪٿي مجيندين!
- "ٻگا ڏار، اڏاٽا ٻيرا." ڏار هڪ تہ نہ آهي، ڪيئي آهن. چڱو جو ٻيرا آزاديءَ جي هوا تہ ماڻي سگهيا.
- هُو اهو شهاب ثاقب هو جو اجهاميو ڪونہ.
- اجا پرهہ جا پکي، چون، چون، ئي نٿا ڪن تہ مان اٿي تنهنجا گيت ڳايان ٿو، تون جو منهنجو آواز بہ آهين، گيت بہ آهين ۽ منهنجو 'مان' بہ آهين. مان موت کي ڏکو ڏئي، چوان ٿو، "اجا ترس! منهنجا گيت پورا نہ ٿيا آهن."
- صبح جو سمنڊ تي سج ايري ٿو تہ پاڻيءَ تي اربين چانديءَ جا سڪا چمڪن ٿا ۽ جڏهن لهي ٿو تہ لهرون ڪروڙين اشرفين جي ٿيلهين جا منهن کولي ٿيون ڇڏن. تو مون کي ڪيڏي دولت عطا ڪئي آهي، منهنجا خدا! دولت، جنهن کي بيوقوف ماڻهو اک کڻي نہ ٿا ڏسن!
- ادب مضراب آهي، تلوار نہ آهي. تون ان کي خون آلود نہ ڪر!

Gul Hayat Institute

- مان ڪيئن چپ سبي ڇڏيان، مان جو جيئرو جوالا مُکي آهيان.
- جيئن ميران ڪرشن جي مورتيءَ ۾ سمائجي چُڪي هئي، ايئين مان پنهنجيءَ ڪلا ۾ سمائجي چُڪو آهيان. موت به مون کي اُن کان ڌار ڪري نه ٿو سگهي.
- مان چوان ٿو ته اينرو ڳايان، جو نغمـهءِ دائود جئن اپري اچان! پر تون منهنجي انا ڪڏهن پوري ڪندين؟ هي ساز ته جاڻ پڳو، ان کي منهنجون هٿيليون آڱريون ڪيستائين هلائي سگهنديون؟
- اي غالب ! هن کي سمجهاءِ ته ورديون خاڪ ۾ ملي لاله و گلُ ۾ نمايان نه ٿينديون آهن !
- منهنجي شاعريءَ لاءِ ٿو پڇين؟ تون ڪڏهن قونيه ويو آهين؟ تون روميءَ جي مزار تي رقص- درويشان ڏٺو آهي؟
- ساري ڌهر ۾ ڏيئا جهرمر ڪري رهيا آهن: مون ته فقط هڪ وَٽ جلائي هُئي!
- منهنجو نظم مور جو رقص آهي، نثر تِتر جي اُڏار آهي.
- هو ڪيڏو نه خاموش آهي، پر هُن جون اکيون ڪيڏي گويائي رکن ٿيون!
- موت زندگيءَ جو آخرين مصور آهي.
- موت لاءِ زندگيءَ کان وڌيڪ آئينو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟

Gul Hayat Institute

- عزازيل دم بخود بيٺو آهي ۽ سوچي رهيو آهي: ”هي تہ اجا لکي رهيو آهي. هن جي ڪم ۾ رُخنو ڪيئن وجهان!“
- ميان موت! لاشاري تي بہ رحم نہ ڪاڏُءِ! هو تہ زندگيءَ تان گهورَ ٿي ويو.
- واريءَ تي روجهہ پنهنجو پاڇو ڏسي سوچي رهيو آهي تہ ”هي ڪير آهي جو مون سان گڏ ٿو هلي ۽ منهنجي پچر نہ ٿو ڇڏي؟“
- مون ڪان حافظ عالم برزخ ۾ پڇيو: ”دنيا ۾ مون جو توکي پنهنجي نئين غزل جو مطلع ٻڌايو هو، توکي اهو ياد آهي؟ ڪاش مان اهو غزل پورو ڪري سگهان ها ۽ ان جي مقطع ۾ پنهنجو تخلص آڻي سگهان ها!“
- تخلص ڪا شيءَ نہ آهي، جيڪي آهي غزل آهي.
- آءُ تہ اياز جو غزل پڙهون! ان جا مصرعا ائين آهن جيئن ڪوهہ ۾ ڪنگريون مالهہ تي ڦرنديون آهن.
- اي خسرو! توکي هن گوريءَ جي سر تي گهڙو رکي اُڃ لڳي آهي يا تو اُڃ جو بهانو ٿو ڪرين جيئن اها ڪَهہ مکرني پڇي سگهين جا هُن جي ڪجرين اکين ۾ آهي ؟
- هي قلم تہ ڪائنات بہ اڏ ڪري سگهندو آهي! ڏيکار پنهنجي ڪرامت!

Gul Hayat Institute

- تون پنهنجي ڪيفيت بيان ڪر! اها فتويٰ مون کي ڏيڻي آهي تہ تنهنجي شاعري الهام آهي يا نہ آهي!
- سنڌ ۾ ٿانڊاڻي کي ڪوهہ ڪڏ ڇو چوندا آهن؟ هو تہ روشني هوندو آهي! شايد هو ڪوهہ ۾ ڪڏ کان بچاءُ هوندو آهي؟
- شاهجهان! مان نئون تاج محل ٺاهي رهيو آهيان، ان لاءِ مون کي ڪنهن ممتاز محل جي ضرورت نہ آهي.
- ڏس مان اڪيلو اجنتا ٺاهي رهيو آهيان. منهنجو ڪوئي هٿ ونڊائڻ وارو نہ آهي!
- ان مان جان ڇڏاءِ! هيءَ شاعري توکي ارڙ نانگ وانگر وڪوڙي ويندي ۽ توکي نهوڙي رکندي.
- پيغمبري شاعريءَ کان گهٽيون وکون دور آهي!
- اي رات جا پکي! ڏينهن پنهنجو چار وچايو آهي. هاڻي آکيري ۾ ننڊ ڪر!
- ميان! شاعريءَ جي ائين ڪاهي ڪڍ پيو آهين جڻ اها هرڻي آهي ۽ رڻ ۾ ڇپي ويندي! ڪجهہ ننڊ ڪر! ڪجهہ ننڊ ڪر!!
- وَج ڙي وج! تون ملڪ الموت آهين! وڏو آيو آهين مون کي ڊيڇارڻ وارو! منهنجو هر شعر توکان ڏاڍو آهي.
- زندگي! تو مون کي شاعري سپرد ڪئي آهي. شاعري! مون توکي زندگي سپرد ڪئي آهي.
- ڇوَن ٿا تہ ڪويل ڪوڪي ڪوڪي مري ويئي.

Gul Hayat Institute

بادلن جو هانءُ ڦاٽي پيو ۽ مينهن اچا تائين اوڙڪون ڪري وسي رهيو آهي.

- ها، ڪنهن وقت خليل جبران ۽ رابندر ناٿ ٽئگور به هيا، پر انهن سان منهنجو ڇا؟
- شاعريءَ جو معراج ڏسنديئن؟ منهنجي گهر آءُ، ٻه چار گهڙيون مون سان گذاري ڏس!
- ڪائنات ۾ ٻين شاعرن لاءِ ڪجهه ڇڏيندين يا سڀ ڪجهه لکندين؟ باڪ ٿي آهي، پکي اٿيا آهن، تنهنجي ننڊ جو وقت ٿي ويو آهي، بند ڪر پنهنجو بياض!
- باز نه ڦاساءِ! اهي آسمان جا دوست اٿي! بادل انهن سان جُهڪي ملندا آهن.
- سامي! هل ته هاڻيڊر تي چاءِ پيئون ۽ پنهنجا باقي سلوڪ ٻُڌاءِ، جي هوا ۾ هُرن ٿا پر تنهنجي ڪتاب ۾ شامل نه ٿي سگهيا آهن.
- ”ڇا تون پٽائيءَ کان وڏو شاعر آهين؟“

”وڏو! مان هُن کان وڏو شاعر ته نه آهيان ۽ نه ڪوئي مون کان وڏو شاعر آهي؟“

- مون کي به اڍائي سئو سال ته ڏي! اڳ ۾ فتويٰ ڏئي بي انصافي ڪري رهيو آهين!
- برُوٽس! سيزر جي موت تي خوش نه ٿيءُ! تُنهنجي پنيان به موت خنجر ۾ هٿ وجهي بيٺو آهي.
- ”گدا،“ سانگيءَ چيو: ”هي قافيا تو ڪُتن جي لوڏ

Gul Hayat Institute

وانگر چو ڪنا ڪيا آهن؟ ڪنهن جو شڪار ڪرڻو اٿي؟"

- پٺائي! مون بہ پوري ديگ چاڙهي آهي ۽ ان جو ڏَڪُ بہ آنءُ ٿو لاهي وڃان!
- "تمر! وچ، وچ!" پٺائيءَ چيو "تولاءِ سارو جهان پيو آهي. مون کي پٺ تي چڙهي ڏي! پر ڇا تون چاٽين ٿو تہ هيءَ پٺ ساري جهان کان وڏي آهي؟ تون ان تي ساري عمر هلنديں تہ بہ ان جي توڙ تي پهچي نہ سگهندين."
- گوئٽي! جوانيءَ ۾ انسان اينتريون حماقتون ٿو ڪري جو جيڪڏهن آنءُ تُنهنجي جاءِ تي هجان ها تہ جواني ڪڏهن بہ موٽائي نہ گُهران ها!
- سنڌ جون لوڪ ڪهاڻيون امرتا جا ڪيئي روپ تہ آهن.
- منهنجي شاعري شفق کي گانءِ وانگر ڏُڌو آهي ۽ هاڻي سپ بالٽيون پرجي چُڪيون آهن ۽ رات لهي رهي آهي.
- هيءَ پيريءَ جي شفق آهي يا ٽر جي ڳاڙهي گانءِ ڏيپي رهي آهي.
- هل تہ هن جي جنازي نماز لاءِ هلون. هي حافظ وانگر غرق گناهہ تہ هو پر ڪوئي بهشت جو دروازو پٽي هُن جو انتظار ڪري رهيو آهي.
- پٺائيءَ چيو: "وڳنڊ! توکي معلوم آهي تہ جڏهن کان

Gul Hayat Institute

تنهنجا پوڳ بند ٿيا آهن، تو نڪاوَ ڏيڻ شروع ڪيا آهن!"

- علامہ اقبال! نمرود جي آگ اجا وساڻي نہ آهي. اڄ تہ ان ۾ بيٺ خطر ٽپي پئون!
- بُلهي شاهہ! ڇا تاريخ ۾ ڪوئي اهڙو دؤر آيو آهي، جڏهن ڪتا ڊوبنڊ جا طالب نہ ٿيا آهن؟
- "تمر اُت! اجا سُتو پيو آهين!" پٺائيءَ چيو، "اڄ قيامت جو پيو ڏينهن آهي."
- هو ڇَر بہ ڇَرچو ڪري رهيو آهي!
- فقط چرچي ڪرڻ سان ۽ پرچي ڪڍڻ سان نہ ڪوئي صاحبِ مزاح ٿيندو آهي ۽ نہ صحافي ٿيندو آهي.
- سقطيءَ کان ڪنهن پڇيو "ڇا هڪ مريد جو رُتبو پنهنجي روحاني مرشد کان بلند ٿي سگهي ٿو؟" هُن چيو: "ها، ان جو واضح ثبوت حضرت جُنيد جو مرتبو آهي، جو مون کان بلند آهي."

منهنجي شاعريءَ تي تبصرو ڪرڻ وارا ڪڏهن ان ڳالهہ تي ضرور سوچجانءِ!

- ادبَ سان پَٽَ تي ويهہ! تو کي معلوم آهي تہ تُنهنجي سامهون اڪويهينءَ صديءَ جو عظيم ترين شاعر بيٺو آهي!
- "اڙي! مان انت ڇا آهيان؟ قبر ۾ ڪجهہ هڏا؟ آخر منهنجي شناخت ڪهڙي آهي؟"

Gul Hayat Institute

”اوهان جي قبر تي پٿر جو ڪُتبو هوندو تہ هتي شيخ اياز آرامي آهي.“
”پر جيڪڏهن ڪوئي ستم ظريف اُهو ڪتبو لاهي ڪنهن گمنام ماڻهوءَ جي قبر تي هڻي ڇڏي ۽ منهنجو نام ونشان نہ رهي تہ پوءِ؟“

- ”سچل سرمست ! هو تنهنجي شاعريءَ ڪي موڙي توڙي رهيا آهن، ڇا تون انهن کي موڙي توڙي نہ ٿو سگهين!“
- وان گوگ! جنهن وقت مون سورج مُکيءَ جي ڪيت تي سج لهندو ڏٺو آهي، ان وقت مون کي ڪائي سارَ ايندي آهي، هوا جي جهونڪي وانگر ۽ مون کي پونچ سمنڊ جي ڪنهن پيٽ تي ڪٽي ويندي آهي.
- آرٽ ئي اها شيءِ آهي، جنهن مان ڊوءُ نہ ٿيندو آهي.
- ڪويتا لاءِ اُج مون کي جنم جنم جي چڪر ۾ آڻيندي! ڇا اهڙو ڪوهہ آهي جيڪو اها اُج بجهائي سگهي؟
- رباني مون کي چوندو هو تہ جي تُنهنجو فلاڻو دوست آهي ۽ تون اجا مُئو نہ آهين تہ تون امر آهين !
- تو دوستو وسڪي جي ناول آسيب زدي (possessed) ۾ هڪ ماديت پرست جو ڪردار پڙهيو آهي، جو چُرچَ ڏئي عوام کي اياري مشتعل ڪري سينٽ پيٽر سبرگ کي باهہ ڏياري پاڻ ريل ۾ چڙهي ڪلندو هليو وجي ٿو؟

Gul Hayat Institute

ها! مـون اهڙو ڪـردار ڏنـو آهـي، جنهن ذري گـهـٽ چاهيو تـہ مان دوستو وسڪيءَ جي ڪردار ڪرلوف وانگر آپگهات ڪيان. جي مون کي آرٽ نہ بچائي ها تہ هُن جي سياست مون کي نهوڙي نئي ها.

- ڪتا فقير جي ڪڍ پئوڪندا ٿا وتن. فقير کي لٺ بہ ڪو نہ آهي، رڳو رمندو ٿو رهي.
- سنڌ! منهنجي شـاعـري تُنهنجي چوڌاري ديوار چڻ اڏي ٿي وجي جا ڪوئي حملہ آور ٽپي نہ سگهندو.
- ڪـبـيـر مـون کي چيـو: ”منهنجي شـاعـري ڪيـتري ٿوري آهي، تو ڪيڏو گهڻو لکيو آهي!“ مون هن کي جواب ڏنو: ”ڪـبـيـر! تون تـہ هنس وانگر آهين، مـان پوري مانسرووَرِ آهيان.“
- ”آءُ تہ هماليہ پهاڙ جي چوٽيءَ پهچون!“

”چا، شيخ اياز تي تحقيق جو شوق ٿيو اٿيئي؟“

- ڇا هي گنگا جو گـهـاٽ نہ آهي؟ هي منهنجو شـعـر جنهن ۾ ڪيئي صديون سمايل آهن.
- مان گـهـيرٽ ڪاٽي رهيو آهيـان ۽ منهنجو قلم لکي رهيو آهي. خاموشي! تنهنجي وجود ۾ ڪير آهي جو منهنجي هٿ کي هلائي رهيو آهي؟
- مان موهن جي دڙي جو جڙوُئو آهيان ۽ تولاءِ شاعريءَ جي هار ۾ موتي جَڙي رهيـو آهيـان. ڇا توکي ڇاڻ آهي تـہ تنهـنجي ڌرتيءَ جي وڏي ۾ وڏي مـيـراث

Gul Hayat Institute

منهنجا لُڙڪ آهن؟

- ڪنهن وقت ڪاغذ تي اڌ سٽ لکيل هوندي ۽ قلم منهنجي هٿ مان ڪري پوندو ۽ مان هيٺ ائين ڪري پوندس جيئن مور رقص ڪندي مرندو آهي ته بادلن جي اکين مان ڳوڙها وهي ويندا آهن. اها اڌ سٽ ڪهڙي هوندي؟

شايد:

"انسان مَرِي ڪيڏانهن.......

- ڇا هو مري ويو؟ نه يار، هو مري نه ٿو سگهي، هو ته ڪيترو وقت اڳي امر ٿي چُڪو هو.

Gul Hayat Institute

•

اي سنڌ!
جيڪڏهن
تو وٽ
وري ڪَوي پيدا نہ ٿئي
تہ مان
تولاءِ ڪافي آهيان،
نہ رڳو تولاءِ
پر ننڍي ڪنڊ لاءِ
ڪافي آهيان.
جيڪڏهن
توکي ويساهہ نہ اچي
تہ ڪاليداس کان ٽئگور تائين
ڪنهن کان بہ
پُڇي ڏس!

Gul Hayat Institute

●

هن پڇيو، ”اڄ ڪالهه ڇا تي ٿو سوچين؟“
مون جواب ڏنو، ”انهيءَ ڳالهه تي سوچان ٿو جنهن تي منهنجيءَ عمر ۾ سوچڻ گهرجي.
”سوچان ٿو ته ڪڪرن کان اڳتي به ڪائي دنيا آهي؟
”هي بادلن برج ڇو بڻايا آهن؟
”سوچان ٿو ته مون واريءَ مان ڪيترا گهروندا ٺاهي ڊاهي ڇڏيا ۽ وقت جي طوفان انهن جي ريت جو ڪڻو ڪڻو اڏائي ڇڏيو آهي!
”سوچان ٿو ته منهنجا گيت به هوا ۾ پکڙجي ويندا ڇا؟
”سوچان ٿو منهنجي ٻوليءَ ڪيڏا نه قلعا اڏيا آهن؟ في الحال ته انهن کي ڪوئي متائي نه ٿو سگهي، نه انهن جي ديوار ٽپي ٿو سگهي نه انهن جا مضبوط دروازا ٽوڙي ٿو سگهي. پر ڇا آخر ۾ اهي به آثار قديمه ٿي ويندا؟
”کهڙو قلعو آهي جنهن تي آثار قديمه وارن قبضو

Gul Hayat Institute

نہ ڪيو آهي؟
”ڪهڙو قلعو آهي، جنهن جون پتيون پُري نہ ويون آهن، جنهن جا ڪنگرا ڪِري نہ پيا آهن، جنهن جون منقش ديوارون ڦِٽي نہ ويون آهن ۽ انهن تي ڪائي تصوير چِٽي نہ آهي.
”ها پر قلعا فقط سرن جا نہ آهن سُرن جا بہ آهن، انهن جي گچ ۾ پِگَهر آهن، اُنهن جي تعمير اُنهن ٻولن مان ٿي آهي، جن کي صدين جي گَلن ٺاهيو آهي ۽ جي فولاد کان وڌيڪ مضبوط آهن.
”سوچان ٿو تہ ڪهڙي ثابتي آهي تہ اهي قلعا مون اڏايا هئا، جن جون ديوارون چنڊ کي ڇهن ٿيون ۽ جي چڪور اجا تائين ٽپي نہ سگهيا آهن.
”سوچان ٿو انهن جي ثابتي هي پٿر جو ڪتبو ئي تہ آهي جنهن تي منهنجي نالي جي اُڪرَ ٿي رهي آهي؟
”ڇا منهنجا هَڏا منهنجي نالي کي ڳولي سگهندا؟
”سوچان ٿو تہ ڪاليداس کان ڪبير تائين رڳو نالا ئي تہ وڃي رهيا آهن.
”سوچان ٿو تہ نالن ۾ ڇاهي؟ نالن ۾ ڇاهي؟
ڇا هي ....“

Gul Hayat Institute

•

اي دنيا
تنهنجا ڳوڙها
مون لاءِ ڪهڙي معنيٰ ٿا رکن ؟
تون
منهنجي موت تي
روئيندينءَ به ته ڇا ٿيندو؟
ڇند
توکي ميار نه ڏيندو،
دراصل ميار جي قابل به نه سمجهندو،
۽ بادلن ۾ ڇُپي ويندو،
سجُ
تو ڏانهن تيز اکين سان گهوري،
ڪنهن ٻڙ جي پن پنيان
ڇپي ويندو.
رڳو رابيل جي ٻُلن تي ماڪ
توکي ميار ڏئي
پنهنجي راهه رمندي رهندي،
۽ رابيل جا گُل ڦٽي

Gul Hayat Institute

منهنجي شاعريءَ جي سڳنڌ کي
جَهتي وٺندا،
۽ رات جا ڪارا وار
توتي افسوس ڪندا
تہ تو
اهڙيءَ سڳنڌ جو
هُن جي جيئري
قدر ڇو نہ ڪيو!

Gul Hayat Institute

•

متان منهنجي موت ڪانپوءِ روئين!
مان نہ
هي سارو سنسار ٿي چُڪو آهيان،
ڏسُ ستارن جي جاڳ ۾
مان جاڳان ٿو،
۽ چَنڊُ جڏهن
ڪيرتر جي لَڪن تي اُيري ٿو
تہ مان بہ
هن سان ٻَنڌ ۾ گڏ آهيان.
تون مون ڪي گل مهر جي ٻُلن ۾
ڇهي سگهين ٿي،
۽ صنوبر جي وارن ۾
سينڌ ڪڍنديئين
نہ اُنهن ۾
توکي ٻِڦو نظر نہ ايندو
جيئن منهنجي ڪارن وارَن ۾ نہ آهي،

Gul Hayat Institute

۽ تون جڏهن ننڊ ڪندينءَ
تہ توکي ائين لڳندو
تہ تو منهنجن وارن ۾
مُنهن ڇپايو آهي
وارَ جي
ڪڏهن بہ اُڇا نہ ٿيٽا آهن
۽ جن مان
گهنگهور گهٽائن جئ
ڪيفيت نہ وڃڻي آهي!

Gul Hayat Institute

●

ٻِگولِ
مون کي هن املتاس جي ڇُڳن ۾ ٻِگول !
شايد
انهن ۾
منهنجي شاعري لڙڪي رهي آهي؟
هن گل مهر ۾ ٻِگولِ!
متان ان جي گلن ۾
منهنجي شاعريءَ جو رنگ روپ ملي وَڃيئي!
هن سِرنهن جي ٽڙيل وڻ
جي خوشبو ۾ ٻِگولِ!
جنهن جي رستي تي
منهنجي شاعري ٿهلنديِ آهي!
پو به جي مان
توکي نہ ملان
تہ هُن سانوڻ جي
وسندڙ ڪَڪَر ۾ ٻِگول!

Gul Hayat Institute

متان
ان ۾
توکي
منهنجا ڪجهہ لُڙڪ ڦُڙا ملي وڃن،
جي مون ڪنهن جي جدائيءَ ۾ ٻَاڙيا آهن
ءُ جي
منهنجي شاعريءَ ۾
ائين جذب ٿي چڪا آهن،
جيئن ٿر جي واري
مينهن ڇُهي وبندي آهي.

Gul Hayat Institute

ڀُل ڏاهُون

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
٢٢	٥ ۽ ٦	”تہ تنھنجو منھن	تہ ”تنھنجو منھن
		تنھنجا مونا	۽ تنھنجا مونا
٤٥	فٽ نوٽ	رد	ردِ
٥٦	١٩	رهين	رهي
٦١	فٽ نوٽ ٢ سٽ	گرچہ	آگرچہ
٦٣	١٣	ڇيڻ!	ڇئيڻ.
٦٦	٥	ٿي	ڏي
٩٤	١٠	جوڙ ڏ ڏي ۾ آهي	جوڙ ڊڏي ۾ آهي
١١٢	١٤	نقش پايا	نقش پا پايا
١١٤	٣	چمڪات	چمڪاٽ
١١٩	١٤	ٻڌي، تڏهن روئي رهي	ٻڌي روئي رهي
١١٩	١٥	تہ مون کي	تڏهن مون کي
١٣٠	١١	آنڌو وشواسي	آنڌ - وشواسي
١٦٥	٨	يڪ ليحت	يڪ لخت
١٦٧	١٣	فلاطنيوس	فلاطينوس
١٧٤	٢	مهدو دت	مهد ويت
٢١٢	١٥	ڦهونڪون	١- ڦهونڪون
١٢٢	١٤	اس	٢- اُس
٢٢١	١٠	تو مونا ليزا	تو مونا ليزا ڏاهي
		ثاني، جنگ	ٻيءَ جنگ
٢٢٩	١٢	ٻونچ	ٻون وچ،
٢٣٠	١٣	چونيءَ ڦهچون	چونيءَ تي ڦهچون
٢٣٤	٨	جي گلن	جي ٻولن

اطلاع: ڪوبہ ادارو يا شخص منهنجي ڪنهن بہ ڪتاب جي پرنٽ ڪري ڪاپي شايع ڪندو تہ اهو پاڪستان ڪاپي اڪٽ هيٺ ڏوهي ٿيندو ۽ سندس خلاف آءٌ پاڻ يا نيو فيلڊس ادارو (ڪاپي رائٽ رکندڙ جي حيثيت ۾) قانوني ڪارروائي ڪرڻ جو اختيار رکون ٿا. منهنجن ڇپيل ڪتابن کي بہ ٻيهر ڇاپڻ لاءِ اجازت وٺڻ ضروري آهي.

شيخ اياز

Gul Hayat Institute